پيچ مشوري شريف وارا سائين

# ڪراماتِ قاسميه

## حصو پهريون



ناشر شعبہ نشرواشاعت القاسميہ اڪيڊمي لاڙڪاڻہ سنڌ

مخدوم احمدي آگرو لائبريري
كتاب نمبر 50
سيريل نمبر 43
ميهڙ

رب اشعث اغبر لو اقسم علي الله لابره (حديث)

(كرامات الاولياء حق)
كتاب
مستطاب

# ڪرامات قاسميه

(حصو پهريون)

**يعني**

ڪرامات ۽ خوارق عادات حضرت محبوب مرشد ڪريم مشوري شريف وارا سائين (قدس سره)

ناشر
شعبہ نشرواشاعت
القاسميہ اڪيڊمي
لاڙڪاڻہ سنڌ

HOMOEOPATHIC
DR. AHMED RAZA AGRO
D.H.M.S, R.H.M.P
Bagh-e-Madina Colony, MEHAR
Mob: No. 0307-2688799

# سڀ حق ۽ واسطا محفوظ آهن


ڪتاب جو نالو ............................ ڪراماتِ قاسميه

ڪڏ ڪندڙ۔ سائين امام الدين مشوري سڪ دربار قاسميه مشوري شريف

تعداد ............................ 1500

ڇيرو ............................ اول

ڇپائي ............................ 2014

زير اهتمام ............................ انجمن نوجوانان غلامان قاسميه ڪوٽڙي (حيدرآباد)



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.**



## ملڻ جو هنڌ

درگاه عاليه حضرت مشوري شريف

لاڙڪاڻه سنڌ

**WWW.QASIMIA.ORG**

تان ڊائون لوڊ ڪري سگهو ٿا

# پيش لفظ

اللهم صل عليٰ سيدنا محمد وعليٰ آلہ وصحبہ وبارک وسلم

الله تعاليٰ جل شانه پنهنجي دوستن جو وڏو شان کيو آهي. ان کي پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ ساراهيو آهي. "لا خوف عليهم ولا هم يحزنون" جو خطاب فرمائي انهن جا ۽ انهن جي جماعتين جا ڏک، غم، انتظار، دور ڪيا آهن. اهي خدا تعاليٰ جا نيڪ ٻانها الله تعاليٰ جي حڪمن تي هلي سندن صفتن سان موصوف ٿي خُلق خداوندي حاصل ڪري اخلاق محمديﷺ سان سينگارجي وڃن ٿا ۽ امت محمديہﷺ لاءِ نيڪ نمونو ۽ مثال بڻجي وڃن ٿا.

الله تعاليٰ جل شانہ جي مٿن هر وقت رحمت ۽ مدينه شريف جي شهنشاه جي خاص نگاهہ رهين ٿي. حديث شريف ۾ انهن ولين ڪاملن جي شان جو بيان هن طرح ڪيو ويو آهي تہ

"اهي خاص ٻانها الله تعاليٰ جا دوست، اُهي آهن جيڪي ڪثرت سان عبادت ڪندي هن درجہ ۽ عظمت کي پهچن ٿا جو خدا تعاليٰ اُنهن جي زبان بڻجي ٿو، هٿ بڻجي ٿو، پير بڻجي ٿو، اک بڻجي ٿو ۽ ڪن بڻجي ٿو" اهہ

الله تعاليٰ جي صفتن سان موصوف ٿي خلق خدا لاءِ شفقت محبت جو برتاءُ ڪرڻ وارا اولياء ڪرام پنهنجي هر قول ۽ فعل ۾ رجوع الي الله تعاليٰ والي الرسول هوندا آهن ۽ خلق خدا اُنهن ڪان دين دنيا جي رهبري وٺندي آهي.

سنڌ سونهاري سان الله تعاليٰ جي خاص مهرباني ۽ مدينه شريف جي شهنشاه جو خاص ڪرم رهيو آهي. الله تعاليٰ جل شانہ جا اهڙا نيڪ ٻانها ۽ پلارا بزرگ بي شمار آهن انهن مان ولايت جو درخشنده ستاره، علم جو گوهر، فيض جو محور ۽ هدايت جو چمڪندڙ سج حضرت محبوب مرشد ڪريم مشوري شريف وارا سائين بہ آهن. ڪائڻ هزارين ڪرامتون

صادر ٿيون اگرچہ پاڻ ڪرامتن ظاهر ڪرڻ کي پسند نہ ڪندا هئا مگر الله تعالىٰ جل شانہ پنهنجي ٻانهن جي زبان پاڪ ۾ اهڙو اثر رکيو آهي جو جيڪو هو لفظ زبان مبارڪ مان فرمائيندا آهن تہ الله تعالىٰ جل شانہ سندن زبان کي ڪوڙو نہ ڪندو آهي ۽ سندن زبان مبارڪ مان نڪتل ۽ چيل لفظن کي سچو ڪري ڏيکاريندو هو.

الله تعالىٰ جل شانہ جي ولين جون ڪرامتون برحق آهن. هر مريد پنهنجي مرشد جي محبت ۽ عقيدت ۾ چوٽ هوندو آهي. حد کان زياده وڌاءُ بہ سٺو نہ آهي. بهرحال جيڪي ڪرامتون فقيرن کان معلوم ٿيون اهي درج ڪيون ويون آهن. انهن سان سڀني جو متفق هجڻ ضروري ناهي پر انهن کان انڪار بہ بهتر نہ آهي. پڙهندڙن کي نماڻو عرض آهي تہ جتي ڪا غلطي ڏسن تہ اسان کي اطلاع ڪن تہ جيئن ٻي ايڊيشن ۾ انهيءَ جي اصلاح ڪري سگهجي. ازانسواءِ ٻي جاءِ اعتراض کان بہ پرهيز ڪرڻ گهرجي. رب ڪريم اسان سڀني کي حق تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ رب ڪريم عزاسمہ پنهنجي دوستن جي درجات ۽ عزت ۽ شان کي سدائين بلند فرمائي آمين.

خادمِ اولياء الله تعالىٰ

امام الدين مشوري

عفي عنہ

(درگاه عاليہ مشوري شريف لاڙڪاڻہ)

## عقيدت ۽ محبت جا ٻہ اکر

دنيا جي هن پنهور ۾ بيشمار انسان پيدا ٿيا آهن ۽ هن دنيا جي تختي تي پنهنجا مقرر ڏينهن گهاري وڃي قبرن ۾ سُتا. اُنهن منجهان اڪثريت اهڙن ماڻهن جي رهي جيڪي وقت جي بي رحم اونداهيءَ ۾ پاڇولن جيان گم ٿي ويا ۽ وقت جي تيز وهڪري انهن جو نالو نشان ئي مٽائي ڇڏيو، پر انسانيت جي ان عظيم هُجوم ۾ ڪي اهڙا انسان بہ پيدا ٿيا جو ڪاري رات جي اونداهي انهن جي شمسي وجود جي اڳيان پنهنجا پير ڄمائي نہ سگهي، وقت جو بي رحم وهڪرو اُنهن جو ڪجهہ بہ بگاڙي نہ سگهيو، انهن عظيم انسانن انسان ذات جي دلين تي اهڙا تہ عڪس ڇڏيا جو نسل در نسل اُهي عَڪس ايندڙ وجودن ۾ منتقل ٿيندا رهيا ۽ ايندڙ نسل ورثي ۾ مليل اُنهن جي عقيدت ۽ محبت کڻي پيدا ٿيا. انسان ذات جي اندر اُهي انسان اُهي برگذيده هستيون هئا جن جي وجود کي الله تعالىٰ جي ذات بابرڪات باطل کي ميسارڻ، شيطاني قوتن کي دٻائڻ، ڀٽڪيلن کي دڳ لائڻ ۽ ماڻهن کي "قالوا بلىٰ" وارو اقرار ياد ڏيارڻ لاءِ موڪليو ۽ انهن برگذيده هستين اُن فريضي کي اهڙي طرح انجام ڏنو جو قيامت تائين ايندڙ نسل اُنهن جا ٿورائتا ۽ احسان مند رهندا. اهڙن متبرڪ هستين کي ظاهري هي جهان ڇڏيندي ڇاهي سوين ورهہ ڇو نہ گذريا هجن پر اڄ بہ اُنهن جو نالو زبان تي ايندو تہ دل هڪ قسم جو قرار محسوس ڪندي ۽ ڪنڌ ادب وچان جُهڪي پوندا.

اهڙين ئي عظيم الشان ۽ عظيم المرتبت هستين ۾ اسانجا مرشد ڪريم "مشوري شريف وارا سائين" ايئن نروار آهن جيئن گلستان ۾ گلاب جو گل نروار هوندو آهي.

سنڌ جي تاريخي قديمي شهر "لاڙڪاڻہ جي" هڪ ڳوٺ "صاحب خان" مشوري ۾ جڏهن "شريعت ۽ طريقت" جي هن گل پنهنجي سُرهاڻ ظاهر ڪئي تہ پري پري کان هزارين ڀؤنر اچي سندس چوڌاري ڪني ٿيا.

پلي ڪني پوئرن جيڪي واس وڻ آئيا
تنين کي ڪوئرن ڏنا هنج هنيانو ۾

مرشدن ڪريمن جي شخصيت کي الله پاڪ جل شانہ اهڙو تہ جامع بڻايو هو جو سندن جي شخصيت جو هر هڪ پهلو بيان ڪرڻ لاءِ الڳ الڳ دفتر درڪار آهن. پاڻ 1920ع ۾ جڏهن ڳوٺ صاحب خان مشوري ۾ "مدرسہ قاسم العلوم جامعہ عربيہ دارالافتاء شرعي" جو بنياد وڌائون تہ هزارين علم جي پياسن اچي هن علم جي دريا مان اُڃ اُجهائي. هڪ طرف علم شريعت جي شائقين کي سيراب ڪيائون تہ ٻي طرف وري علم طريقت جي طالبن کي فيضياب فرمايائون.

سندن جي گفتار ۽ ڪردار جي اندر هڪ اهڙو روحاني اثر هو جو جيڪو سندن جي صحبت ۾ هڪ دفعو ايندو هو تہ سندن جي نينهن جو قيدي بڻجي ويندو هو. سندن جي صورت پاڪ ۾ الله پاڪ جل شانہ اُهو جمال رکيو هو جو جنهن جي نظر پوندي هئي تہ ايئن چوندو هو تہ،

هي جي آيا هيرِ، سي مون اک نہ ڏٺا ڪڏهين

تہ ٻي طرف سندن جي صورت پاڪ ۾ اُهو تہ رعب تاب هو جو وڏيرہ، ڪامورا، امير، وزير، فوجي حڪمران سندن آڏو ڳالهائڻ جي جرئت نہ ڪندا هئا، حق جي ڳالهہ چوڻ ۾ اُن ڳالهہ جو لحاظ نہ فرمايائون تہ مخاطب ڪير آهي. حق کي هميشہ حسيني انداز ۾ يزيدي ڪردار وارن آڏو بيان ڪيائون.

سندن جي دور مبارڪ ۾ سوشلزم جي لاديني نظريي جي تحريڪ هجي يا فحاشي ۽ برائي جو سيلاب بي ادبن جون تحريڪون هجن يا بي ديني جو رجحان مطلب تہ تمام شريعت مخالف قوتن سان ايئن ٽڪر کاڌائون جو اُنهن باطل قوتن جي چيلهہ ڀڄي ٿي وئي. شريعت جي محبت ماڻهن جي دلين جي اندر پيدا فرمايائون سندن جي صحبت لکين دلين کي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي محبت جو اسير ڪري ڇڏيو سندن جي سيني پاڪ جي اندر عشق رسول ﷺ جو اهڙو تہ ڇوليون هڻندڙ سمنڊ هيو جنهن جي اثر کان سندن جي اک مبارڪ هر وقت آلي رهندي هئي، سندن جا

جذبات جڏهن لفظن جي لڙهي ۾ پر وجهندا هئا تہ ٻڏندڙ بي اختيار اکين مان نير وهائڻ لڳندا هئا. اهلبيتن جي ادب جو اهڙو تہ درس ڏنائون ۽ اهڙو تہ ادب ڪيائون جو سندن جي ادب جا واقعہ ملڪان ملڪ مشهور ٿيا. دل حيران آ، عقل پريشان آ تہ پنهنجي مرشد ڪريم جي شخصيت ڪي آخر ڪهڙن لفظن ۾ بيان ڪجي. بس اهو چئي سگهجي ٿو تہ

نہ لفظ ملتے ہیں نہ اندازِ بیاں مجھ کو

یہ قصور نہیں میری عقل کا تیری ذات کا کمال ہے

آخر چمن دنيا ڪي سُرهاڻ بخشيندڙ هي روحاني وجود جڏهن 1990ع ۾ حجاب جي چادر پائي وڃي "رياض الجنة" ۾ آرامي ٿيا تہ پنهنجي مشن ڪي جاري رکڻ لاءِ پنهنجن ٻن فرزندن جن ۾ سندن جا وڏا صاحبزاده حضور قبلا حضرت علامہ علي محمد سائين مشوري(ميان سائين بادشاهہ) ۽ سندن جا ننڍا صاحبزاده حضور قبلا حضرت حافظ محمد المعروف(سخي نالي منا سائين بادشاهہ) جن ڪي ڇڏيائون. جيڪي سندن جا ظاهري ۽ باطني وارث هئا. جن پنهنجي پوري حياتي سندن جي مشن ڪي اَرپي ڇڏي.

هن وقت سائين بادشاهن مرشدن ڪريمن جا پوٽا سندن جي عظيم مشن ڪي ڏينهن توڙي رات جي محنتن سان هلائي رهيا آهن ۽ وستي وستي، واهڻ واهڻ عشق رسولﷺ ۽ ادب و تعظيم جون شمعون دلين اندر روشن ڪري رهيا آهن جن ۾ هڪ طرف سندن جي پڳدار فرزند حضرت قبلا سائين علي محمد مشوري(ميان سائين بادشاهہ) جن جي جگر جا ٽڪرا ۽ نور نظر حضرت قبلا ميان منير احمد سائين مشوري آهن تہ ٻي طرف ننڍي فرزند اکين جي ٺار درگاه شريف جي سينگار حضرت سخي نالي منا سائين بادشاه جن جا فرزند ارجمند حضرت قبلا ميان حافظ منظور احمد سائين المعروف مسڪين سائين آهن.

جتي سائين منظور احمد سائين جماعت جا درد ونڊڻ، جماعت جي تعليم و تربيت سان گڏ لا تعداد جلسہ ڪري حضورﷺ جن جي هن فرمان

مطابق تہ "بلغوا عني ولوا كان آية" جو فريضو سرانجام ڏئي رهيا آهن ۽ پنهنجي مڪمل وقت ڪي جماعت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو اٿن تہ ٻي طرف منير احمد سائين پڻ جماعت لاءِ من جي مراد ۽ روح جي راحت آهن، جتي سندن جي تقريرن، جلسن ۽ جماعت وڌ دعوتن جو سلسلو اڻ کُٽ آهي تہ اُتي پاڻ ڏينهن رات جي محنت سان تصنيف وتحرير جو عظيم ڪم انجام ڏئي رهيا آهن. تصنيف وتحرير جو ڪم ڪيتري قدر محنت طلب آهي اُها اُنهن کي خبر هوندي جيڪي ان ڪم سان وابستہ رهيا هوندا، سندن جي ئي اَڻ ٿڪ ڪوششن ۽ ڏينهن رات جي اُوجاڳن سان حضرت قبلہ مرشد ڪريم متعلق اهڙو مواد محفوظ ٿي سگهيو آهي. جيڪو جيڪڏهن محفوظ نہ ٿئي ها تہ يقيناً اسين ايندڙ نسل جي ميار جا مستحق بڻجون ها.

مرشدن ڪريمن جي سوانح حيات ۽ سيرت مبارڪ تي هڪ جامع ڪتاب بنام "تاج العارفين" ٻن جلدن ۾ سندن جي عظيم محنت جو عملي ثبوت آهي اُن کان علاوه بہ ڪيترا ئي ڪتاب سندن جي ڪوشش سان ڇپجي منظر عام تي اچي چڪا آهن ۽ ڪيترا ئي ڇپائي جي مراحل ۾ آهن. زيرِنظر ڪتاب بنام "ڪراماتِ قاسميہ" بہ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، روايات ڪي ڪٺي ڪرڻ وري اُنهن جي ڇند ڇاڻ ۽ چوند، تصحيح ۽ تحقيق ۽ مختلف مراحل ڪيترو وقت ۽ محنت گهرن ٿا اهو هڪ ذي شعور شخص بخوبي سمجهي سگهي ٿو.

شال رب ڪريم حضرت قبلا منظور احمد سائين ۽ حضرت قبلا منير احمد سائين جن کي عمردراز عطا فرمائي ۽ اسان عيبدارن جي مٿان سندن جو سايو تادير سلامت رکي ۽ سڀ جماعت کي سائين بادشاه جي فيض مان فيضياب ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين بجاه النبي الامين ﷺ.

هاڻي اچون ٿا زيرِنظر ڪتاب جي مختصر تعارف جي طرف هي ڪتاب حضرت مرشد ڪريم مشوري شريف وارا سائين جن جي وجود مبارڪ کان ظاهر ٿيندڙ ڪرامتن جي موضوع تي مشتمل آهي. سڀ کان پهريان اهو ڏسون تہ "ڪرامت" ڇا آهي؟ ۽ ان جي شرعي عقلي حيثيت ڪهڙي آهي.

# ڪرامت

زمانہ نبوت کان وٺي هيل تائين ڪڏهن بہ اهل حق جي درميان ان ڳالهہ تي اختلاف ناهي رهيو تہ اولياء الله جون ڪرامتون حق آهن ۽ هر دؤر ۾ ان دؤر جي اولياء الله کان ڪرامتن جو ظهور ٿيندو رهيو آهي. حقيقت اها آهي تہ الله تعالىٰ جا دوست ان غير فطري شيءِ جا محتاج هرگز ناهن پر انهن غير فطري ڪمن جو ظاهر ٿيڻ ئي ولايت جو پهريون ڏاڪو آهي. الله وارن جي سڀ کان وڏي عظيم ڪرامت تہ اها آهي تہ هڪ مرده دل کي زنده ڪري پنهنجي رب پاڪ جي حضور ۾ حاضر ڪن ٿا ۽ ڀٽڪيلن کي "قالوا بلىٰ" وارو اقرار ياد ڏيارن ٿا انهن جي وجودن کي معرفت جي پاڻيءَ سان غسل ڏيئي ۽ روحانيت جا پَرَ لڳائي پاڻ سان گڏ پرواز ڪرائي لاهوت واري اصلي وطن ڏي وٺي وڃن ٿا.

ڪرامت ڇا آهي؟ ان متعلق عقائد جي مشهور ڪتاب "شرح عقائد" اندر حضرت علامہ سعد الدين تفتازاني لکيو آهي تہ وليءَ کان صادر ٿيڻ وارو خلافِ عادت اهو عمل جنهن سان گڏ نبوت جي دعوىٰ ٿيل نہ هجي"ڪرامت"سڏبو آهي. علماء ڪرام فرمايو آهي تہ نبوت جي دعوىٰ نہ هجڻ جو شرط صرف ان لاءِ لڳايو ويو آهي جيئن"معجزي"۽"ڪرامت"۾ فرق واضح ڪري سگهجي. ڇو تہ معجزو صرف نبيءَ کان ۽ ڪرامت وليءَ کان ظاهر ٿيندي آهي.

علماء ڪرام وڏيڪ فرمائن ٿا تہ وليءَ جي ڪرامت درحقيقت ان نبيءَ جو معجزو ئي هوندو آهي جنهن جو اهو ولي امتي هوندو آهي ڇو تہ اُن وليءَ کي اها ڪرامت پنهنجي نبي جي مڪمل"اتباع"جي نتيجي ۾ ئي ملي هوندي آهي. يعني ولي اهو آهي جيڪو مڪمل پنهنجي نبي جي طريقي تي عمل پيرا هجي، جنهن جو وجود نبيءَ جي سنتن جو عڪس هجي. ان جي برخلاف جيڪڏهن سنتن جي تارڪ فاسق و فاجر کان ڪو غير فطري عمل ظاهر ٿئي تہ اهو"ڪرامت"نہ بلڪہ"استدراج"آهي يا جادو يا

سحر آهي. اهڙي طرح حضرت امام يافعي پنهنجي مشهور ڪتاب "نشر المحاسن الغاليہ" ۾ حوالو ڏئي لکيو آهي تہ امام الحرمين باقلاني، ابوبڪر بن فورڪ، حجة الاسلام امام محمد غزالي، امام فخرالدين راضي، ناصرالدين بيضاوي، محمد بن عبدالملڪ سلمي، ناصرالدين طوسي، حافظ الدين نسفي، ابوالقاسم قشيري ۽ تمام اهل سنت والجماعت جي اڪابرين علماء ڪرام رحمة الله عليهم اجمعين جو ان ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ اهڙو غير فطري ڪم جيڪو عام حالتن ۾ عام ماڻهن کان نہ ٿيندو هجي جيئن(ٿوري دير ۾ هڪ جاءِ تان ٻي جاءِ تہ پهچڻ، هڪ ئي وقت هڪ کان وڌيڪ جڳهن تي حاضر هئڻ، دريائن تي هلڻ يا مردن سان ڳالهائڻ يا پري جي شين کي ڏسي وٺڻ يا شفاءِ امراض وغيره) اهڙي ڪم جو نبيءَ کان ظاهر ٿيڻ معجزو ۽ نبي جي سچي امتيءَ کان ظاهر ٿيڻ کي "ڪرامت" ۽ نبوت جي ڪوڙي دعويدار يا بي عمل فاسق معلن کان ظاهر ٿيڻ کي "استدراج" يا جادو چئبو آهي. ان کان علاوه هڪ اهم نڪتو اهو بہ آهي تہ معجزو نبيءَ لاءِ ضروري ۽ ڪرامت وليءَ لاءِ ضروري نہ هوندي آهي يعني جنهن ولي سڳوري کان ڪرامت ظاهر نہ ٿئي تہ ايئن نہ چئبو تہ اهو ولي ئي نہ آهي. علامہ تاج الدين سبڪي پنهنجي مشهور ڪتاب "طبقات" ۾ ڪرامتن جا سؤ کان بہ وڌيڪ قسم بيان ڪيا آهن ۽ پڻ لکيو آهي تہ وليءَ سڳوري جي سڀ کان وڏي ڪرامت مرده دل کي زنده ڪرڻ ۽ پٽڪيلن کي دڳ لائڻ آهي. ان کان علاوه قرآن پاڪ ۾ پڻ نبي سڳورن جي سچن امتين جون ڪرامتون بيان ڪيون ويون آهن، جيئن حضرت سليمان عليہ السلام جي امتي "آصف بن برخيا" جو سيڪنڊن اندر تختِ بلقيس آڻڻ يا حضرت زڪريا عليہ السلام جو حضرت مريم رضي الله عنها وٽ اڻ مندائتن ميون جو ڏسڻ وغيره. اهڙي طرح حديث پاڪ جي ڪتابن ۾ پڻ صحابہ ڪرام جي بي شمار ڪرامتن جو ذڪر ٿيل آهي جيئن حضرت عمر فاروق جو مديني شريف ۾ خطبي دوران هزارين ميل پري حضرت ساريہ کي دشمنن جي چال کان مطلع ڪرڻ وغيره اهي سڀ ڳالهيون

ان ڳالھ جو پختو دليل آهن تہ اولياءالله جون ڪرامات حق آهن ۽ انهن جو انڪار ڪندڙ گمراھ آهي. ڪرامت جي ان مختصر تشريح کي سمجهڻ کان بعد اچو تہ هاڻي ڏسون تہ ڪرامتن جو ظهور ۽ انهن جو بيان ڇو ڪيو ويندو آهي.

جهڙي طرح نبي پنهنجي معجزي سان ذهنن کي قائل ڪندو آهي اهڙي طرح پڪيل ذهن ۽ زنگ چڙهيل دليون. ولين سڳورن جون ڪرامتون ڏسي قائل ٿينديون آهن ۽ حق جي راھ تي اچي شيطان کي شڪست ڏئي نفس جي شرارتن کان بچي وينديون آهن ۽ انهن ولين جي صحبت انهن دلين کي معرفت جو نور عطا ڪري واصل بالله ڪري ڇڏيندي آهي.

ان ئي نيڪ نيتي جي تحت حضرت مرشد ڪريم مشوري شريف وارن سائينءَ جن جي وجود پاڪ کان ظاهر ٿيندڙ ڪرامتن جو بيان حوالن سميت ڪجي ٿو جيئن دلين جي اندر سندن جي محبت ۽ ادب گهر ڪري ۽ جن کي اها دولت اڳ ئي نصيب آهي تہ ان ۾ اضافو ٿئي.

هن فقير پنهنجي ناقص ذهن مطابق مرشدن ڪريمن جي بارگاھ ۾ نذرانہ عقيدت پيش ڪيو نہ تہ

اى بروں از وہم و قیل وقال من

خاک بر فرق من و تمثیل من

"منهنجي دماغ ۽ پيش ڪيل مثالن تي خاڪ هجي(منهنجا مرشد ڪريم)تنهنجي هستي منهنجي خواب و خيال ۽ اظهار کان تمام مٿي آهي".

شال هي لفظ سندن جي بارگاھ ۾ مقبول ٿين ۽ پڙهندڙ هن عيبدا ـ لاءِ محبت، نسبت ۽ استقامت جي دعا ڪن.

راقم الحروف

سڳ سڳانِ درگاھ عاليہ حضرت مشوري شريف

عاجز محمد سميع ڪماريو قاسمي

نظر محلہ لاڙڪاڻہ

06-03-2011

نحمده وتعاليٰ ونصلي ونسلم عليٰ رسوله الڪريم

**نقل 1:** فقير علي محمد چانديہ فقير درگاھ عاليہ حضرت مشوري شريف (حال) ساڪن مدينة المنوره وارو نقل ٿو ڪري تہ منهنجو استاد سائين حاجي محمد بچل چانديہ، ڳوٺ خير محمد چانديہ وارو جيڪو سائين بادشاهن جو مريد هيو، مون کي ۽ ٻيو شاگرد غلام رسول ڏيپر ٻنهي کي وٺي سائين بادشاهن وٽ درگاھ شريف تي آيو ۽ سائين بادشاهن کي عرض ڪيائين تہ قبلا سائين! اِنهن ٻنهي شاگردن قرآن شريف پورو ڪيو آهي اِنهن جي حق ۾ دعا فرمايو تہ اِنهن کي علم نصيب ٿئي ۽ ٻئي عالم ٿين.

مون کي ياد آهي تہ سائين بادشاهن دعا فرمائي ۽ فرمايائون "انشآءالله تعاليٰ ٻئي عالم ٿيندا".

پوءِ اسان رات درگاھ شريف تي ترسيا سين صبح جو سائين بادشاهن کي اسان جي استاد عرض ڪيو تہ قبلا سائين! مان رات خواب ڏٺو آهي تہ اوهان جي مسجد شريف جي اڳيان هڪ کوهُ پاڻيءَ سان ڀريل آهي ۽ اوهان پاڻ انهيءَ کوھ ۾ اندر لٿا بيٺا آهيو ۽ مون کي فرمايو ٿا تہ حاجي صاحب! اِنهن ڇوڪرن کي هيٺ لاهِ، مان هڪ ڇوڪري کي هيٺ لاٿو آهي اوهان انهيءَ کي انهيءَ پاڻي ۾ ٽٻي ڏياري آهي ۽ وري ٻئي کي بہ اهڙي طرح پاڻيءَ ۾ ٽٻي ڏياري اٿوَ. انهيءَ جي تعبير ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون " حاجي صاحب! اهو پاڻي علم هيو جنهن ۾ اسان اُنهن کي ٽٻي ڏياري آهي انشآءالله تعاليٰ ٻئي عالم ٿيندا.

پوءِ اسان ڳوٺ واپس آيا سين. اسان سائين استاد حاجي غلام محمد لغاري وٽ پڙهڻ شروع ڪيو هڪ سال پڙهيا سين *ڪريما*، *نامہ حق* ۽ *پند نامہ* تائين پهتاسين پوءِ استاد سائين حج تي هليا ويا حج کان واپس آيا تہ پوءِ پاٽ شريف هليا ويا پوءِ غلام رسول ڏيپر وڃي ٻئي هنڌ پڙهڻ شروع ڪيو باقي مان اتي رهجي ويس ٻئي پاسي پڙهڻ ڳوٺ کان ٻاهر ڪو نہ ويس ۽ اسڪول ۾ ڪجھ سنڌي ٽي درجہ ڪن پڙهڻ ٿيو وري هارپو ڪرڻ

شروع ڪيم سال کن هارپو ڪيم پوءِ شادي ڪيم پٽ ٻه ڄائو. مونکي هارپو ڪندي تقريباً ٻارنهن سال گذري ويا.

سن 1956ع ۾ حج تي يمن واري رستي سان پيادل ويس خير سان وڃي مڪة المڪرم پهتاسين انهيءَ سال سائين بادشاهه به حج شريف تي آيا هئا، سائين بادشاهن سان سائين حافظ امام بخش ۽ سائين نالي منا سائين ۽ ڏاڏا سائين به هئا ۽ ڪافي جماعت ٻي به هئي الحمدالله! سائين بادشاهن سان گڏجي حج پڙهيو سين پوءِ المدينة المنوره زيارت شريف لاءِ ويس اتي پهتس ته ڳوٺ کان چاچي حاجي محمد عثمان خط لکيو ته مولوي غلام رسول ڏيپر دستار بندي ڪئي آهي. خط پڙهيم دل ۾ ڏاڍو ڏک ٿيو جو سائين بادشاهن فرمايو هيو ته ٻئي عالِمَ ٿيندا. هُو مولوي صاحب پڙهي عالِمَ ٿي ويو باقي مان ته رهجي ويس، هاڻي ته ٻار ٻچا ٿي ويا آهن ۽ بابا به پيرسن آهي ۽ ٻيا پائر به ننڍا آهن هاڻي ڪيئن پڙهبو!؟ يا شايد منهنجي قسمت ڪونه ٿي پئي. ڏاڍو ڏک ٿيو. پوءِ خير سان واپس ڳوٺ پهتس پوءِ هت وري به هارپو ڪرڻ شروع ڪيم.

انهيءَ دوران ۾ منهنجو استاد حاجي محمد بچل چانڊيو درگاهه شريف تي ويو اتي استاد کي ڳالهه ياد آئي پوءِ سائين بادشاهن کي عرض ڪيائين ته قبلا سائين! مان اوهان وٽ ٻه ڇوڪرا شاگرد وٺي آيو هيس اوهان دعا به فرمائي هئي ۽ خواب جي تعبير به ڪئي هيوَ ۽ فرمايو هيوَ ته ٻئي عالم ٿيندا. قبلا! هڪ ته عالم ٿي ويو. مولوي غلام رسول ڏيپر، باقي مون وارو پائنيو ته ڪو نه پڙهيو اهو ته هارپا پيو ڪري ۽ ٻارن ٻچن وارو ٿي ويو آهي هاڻي عالِمُ ڪيئن ٿيندو؟ پاڻ فرمايائون ته " حاجي صاحب! فڪر نه ڪر لوح محفوظ ۾ لکجي ويو آهي ڏس ته ڪيئن ٿو پڙهي.....! " پوءِ سائين بادشاهن وري دعا فرمائي ۽ فرمايائون پڙهندو جيئن دير ٿيئن خير انشاءالله تعالىٰ عالم ٿيندو دنيا ڏسندي.

سائين بادشاهن جي مهرباني سان چند ڏينهن کان پوءِ اسان جي ڳوٺ شاهي خان لغاري ۾ هڪ عالم صاحب پڙهائڻ لاءِ رکيائون پوءِ انهيءَ وٽ

پڙهڻ شروع ڪيم ڏينهن جو هارپو پيو ڪيان ۽ رات جو پڙهانْ پيو. هڪ سال اتي درس حاصل ڪيم پوءِ اتان ٿي ميل پنڌ ڪري شام جو گهر اچان ۽ صبح جو واپس موٽي اچان. هڪ سال ڪان پوءِ بابا سائين فرمايو تہ تون ڏينهن جو ڪم ڪرين ۽ ساري رات پڙهين اهو ڪم ڪيئن ٿيندو هاڻي تون ڪم ڇڏ وڃي پڙهہ. بابا سائين راضي ٿي موڪل ڏني پوءِ وڃي پڙهڻ ڪي ورتم الله سائين جل شانہ جي مهرباني ۽ سائين بادشاهن جي دعا جو ڪمال اهو ٿيو جو جيڪي شاگرد پنج سال مون ڪان اڳ پڙهيا هئا ڪنز ۽ ڪافيا پڙهن پيا تہ مون "صرف" شروع ڪيو. مرشدن ڪريمن جي ڪرامت اهو ڪم ڏيکاريو جو ٽن سالن ۾ مان انهن شاگردن ڪان اڳي وڌي ويس رڳو وڌي نہ ويس پر جيڪو بہ ڪتاب اڳيان اچي پيو تہ ايئن سمجهان پيو تہ هي منهنجو اڳ پڙهيل آهي. بس استاد ڪي پاڻهي پڙهي ٻڌايان پيو استاد بہ عجب پيا ڪن ۽ چون پيا تہ تون ڪيئن ٿو پڙهين استادن چيو تہ ٻہ سال ڪن توکي لڳندا اِهي سڀ ڪتاب پورا ٿيندا پوءِ توکي دستار بندي ڪرائبي. نيٺ اهو وقت بہ آيو جو دستاربندي بہ ٿي وئي اهو سڀ سائين بادشاهن جي دعا جو اثر هيو جو مان عالم بڻيس نہ تہ ظاهري آثار ان جي مخالف هئا.

ٿورن مٿي ٿورا مون تي مارونئڙن جا
ٿر ۾ واري ٿورڙي تنهن ڪان گهڻيرا
پلايون پيرا آءُ ڳڻي ڳڻيندس ڪيترا

**نقل2**: فقير محمد بخش مستوئي حال رهندڙ (مدينہ منوره) نقل ٿو ڪري تہ هيڪر ڳوٺ ڳيريلي ۾ رات جو سمهيو پيو هيس تہ منهنجي محبوب مرشد سائينءَ اچي مون ڪي اٿاريو، ڪجهہ جاڳي وري سُمهي پيس. گهڙي ڪن گذري تہ وري سائينءَ جن جاڳايو پر ننڊ جي غلبہ ڪري وري بہ سمهي پيس، وري ٽئين پيري ٻانهن ۾ هٿ مبارڪ وجهي سائين بادشاهن فرمايو تہ فقير محمد بخش، ٿلُ خراب ٿي پيو آهي جماعت کي تڪليف ٿي پوندي تنهن ڪري اُٿ اچي ٺلڪو ٺاهہ پوءِ مان ٽپو ڏئي اٿيس تہ سڄي ٻانهن ۾ خوشبوءِ پري پئي هئي اهڙي تہ خوشبوءِ هئي جو سڄي عمر مون نہ

ڏني.....! پوءِ اها خوشبوءِ مان پنهنجي گهر جي پاتين کي سُنگهايم ۽ چيم ته هاڻي منهنجو محبوب مرشد آيو هيو ۽ مون کي ٻانهن مان وٺي اُٿاريائين ته ئلُ اچي ٿاهِ سو هاڻي مان وڃان ٿو. پوءِ سڌو درگاهه شريف تي هليو آيس ته صاحبزاده وڏا ميان سائين علي محمد سائين اڳي ئي ئلُ کي ڪوليون بيٺا هئا مون کي ڏسي فرمايائون ته اچي ئلُ ٿاهِ.

**نقل3**: حافظ شفيع محمد(مست) ويٺل نظر محله لاڙڪاڻو نقل ٿو ڪري ته منهنجي پيٽ کي اکين ۾ سور ٿي پيو ڏاڍو پاڻي پئي وهيس جنهن کي ڪيترا ئي مهينا گذري ويا هئا جڏهن مان پنهنجي محبوبن مرشدن ڪريمن ڏانهن سنبريس ته منهنجي پيٽ مون کي چيو ته منهنجي اکين جي واسطي سائينءَ جن کان دعا گهرائجانءِ. پوءِ جڏهن مان سائين بادشاهن جي حضور ۾ آيس ته مون کان ڳالهه وسري وئي مهيني کان پوءِ يادگيري آئي، سائينءَ جن کي عرض گذاريم ته ان وقت پاڻ سائين بادشاهه اندر حاويلي شريف تي ويا ٿي، فرمايائون ته دعا توکي لکي ٿا ڏيون. مون دل ۾ خيال ڪيو ته متان مون کان وڃائجي وڃي انهيءَ خيال ۾ هيس ته سائين بادشاهن فرمايو ته پلا مان نظر ٿو ڪريان ايئن فرمائي پوءِ نظر مبارڪ منهنجي پيٽ جي گهر طرف فرمايائون پوءِ حاويلي مبارڪ تي اُسري ويا پوءِ جڏهن مان گهر ويس ته پڇا ڪيم ته اکين جو سور ڪيئن آهي؟ پوءِ ٻڌايائون ته ڪجهه ڏينهن اڳ اکيون بالڪل چڱيون ڀليون ٿي ويون آهن. پوءِ مون اندازو ڪيو ته جنهن ڏينهن لاءِ ٻڌايائون ته اُهو ساڳيو ڏينهن هيو جنهن ڏينهن سائين بادشاهن نظر فرمائي هئي.

**نقل4**: فقير صديق شاه ويٺل ڳوٺ جهنجهڻ جو نقل ٿو ڪري ته مون کي پنهنجي سڄي ڪپي ٻانهن ۾ ڪهاڙي هنئين جيڪا ڇهه انچ ڊيگهه ۽ ٽي انچ اونهي وهي وئي. هڏيون صفا پڇي پيون ۽ مونکي اسپتال کڻي ويا ڊاڪٽرن چيو ته ڪو نه بچندو. جيڪڏهن بچي به ويو ته به ٻانهن ته ضرور ڪپبس. تنهن تي مون کي ارمان ٿيو ته چڱا ڪم ته ڪو نه ڪيا اٿم اڳتي الائي ته ڇا ٿيندو. پوءِ پنهنجي مرشد ڪريم مشوري شريف واري سائينءَ کي پئي سڏ ڪيم. پهرين رات ۽ ڏينهن سڄو مون کي ننڊ نه آئي پوءِ ٻي رات جو ٿوري ننڊ

اسپتال ۾ آئي خواب ۾ ڏسان پيو تہ سائين بادشاھ آيا آهن جو گهڙي اتر طرف گهڙي ڏکڻ طرف پيا گهمن ۽ ڦرن. مون کي فرمايائون تہ بچا پئو نہ ڪر نہ مرندين. نہ تنهنجي ٻانهن ڪٽبي. جهڙو اڳي هئين تهڙو ٿيندين ڏٽي طرفان جيڪا تقدير هئي سا ٿي وئي. پوءِ مون کي سجاڳيءَ ٿي تہ سجاڳيءَ واري حالت ۾ بہ ساڳو ئي منظر ڏٺم تہ سائين بادشاھ اتر ۽ ڏکڻ طرف اچن وڃن پيا دل ۾ خيال ڪيم تہ بابي سائينءَ کي سڏ ڪيان ۽ پنهنجو سائين ڏيکاريان. اجان سڏ ڪيم ۽ بابي ورندي ڏني ۽ اُٿيو تہ سائين بادشاھ نظرن کان غائب ٿي ويا. پوءِ بابي پڇيو تہ چو سڏ ڪيئي مون چيومانس تہ منهنجو مرشد مربي مشوري شريف وارو سائين هينئر هتڙي تشريف وٺي آيو هيو ۽ مون کي فرمايائين تہ نہ مرندين نہ تنهنجي ٻانهن ڪپبي. تنهن ڪري توهان کي سڏ ڪيم تہ سائينءَ جن جي زيارت ڪيو پر توهان اٿيئو تہ حضرت سائين بادشاھ جن نظرن کان غائب ٿي ويا.

پوءِ ڏھ ٻارنهن ڏينهن گذريا تہ ڊاڪٽر جو آيو تہ چيائين تنهنجي ٻانهن ڪپيندس. مون چيو تہ ٻانهن ڪپڻ نہ ڏيندس مون پنهنجو مرشد خواب ۾ ڏٺو آهي جنهن فرمايو تہ تنهنجي ٻانهن نہ ڪپبي تون علاج پيو ڪر. تنهن تي ڊاڪٽر چيو تہ تنهنجي مرضي علاج مان ڏيانءِ ٿو پوءِ شفا ڏٽيءَ جي وس ايئن چئي ڊاڪٽر هليو ويو. تقريباً ٽن مهينن کان پوءِ اسپتال مان نڪتس مون کي ڊاڪٽر چيو تہ ٻارنهن مهينا ڪم نہ ڪجانءِ تڏهن بہ پٽڪو نہ ٻڌي سگهندين، تنهن تي مان چيومانس تہ مان جهڙو اڳي هيس هاڻي بہ اهڙو ٿيندس چو تہ مون کي پنهنجي مرشدن ايئن فرمايو آهي. پوءِ وڃڻ سان زمين جو ڪم ڪيم هر، ڪوڏر ۽ ٻيا سڀ ڪم ڪيم ٻارنهن مهينن کان پوءِ وڃي مَلهہ وڙهيس تہ سڄي ٻانهن کان بہ ڪبي ٻانهن ۾ طاقت گهٽي پئي محسوس ٿئي. پوءِ درگاھ شريف تي آيس ۽ سائين بادشاهن کي سڀ احوال پيش ڪيم پاڻ فرمايائون تہ جيڪو ڏٺئي سو سچ آهي.

**نقل**5: وڏيرو بيگ محمد ٻگهيو صاحب نئين ڳُڏ ڏوڪري جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي منهنجي نياڻي جنهن جي عمر اٽڪل ست يا اٺ سال

هئي سخت بيمار ٿي پئي، ڪيس علاج لاءِ لاڙڪاڻي سول اسپتال آندم ان وقت اسپتال جو آر. ايم. او. ڊاڪٽر حسام چوڌري هيو جيڪو اسان جو فيملي ڊاڪٽر پڻ هيو. ڊاڪٽر منهنجي ڇوڪري کي ڏسي چيو ته هِن کي گردن توڙ بخار آهي پوءِ علاج شروع ڪيائين. هڪ دفعي جڏهن ڇوڪريءَ جو مٿو ڏوتو سي ته ڪيس فالج ٿي پيو ۽ اڌرنگي جا دورا پوڻ لڳا. ڊاڪٽر مون کي چيو ته اسان جي هن ڊاڪٽريءَ ۾ هن بيماري جو ڪو به علاج ڪونهي، جيڪڏهن ڪا رب جي طرفان غيبي امداد پهچي ته بي ڳالهه آهي. ڇوڪريءَ کي پرائيويٽ وارڊ ۾ داخل ڪرائي سڌو سائين بادشاهن ڏانهن درگاهه شريف تي پهتس، پاڻ ٽيپهري نماز پڙهي جماعت سان وينا هئا، اچي قدمين پيس زاروقطار روئڻ لڳس وات مان الفاظ ڪو نه ٿي نڪتا، پاڻ مون کي ڪوٺيءَ ڏانهن وٺي هليا (جتي هاڻي سائين نالي منا سائين جي بينڪ آهي) مان آخر پنهنجي نياڻيءَ جو سمورو احوال عرض رکيم. پاڻ فرمايائون ته فڪر نه ڪر تنهنجي ڇوڪري صبح تائين ڳالهائيندي.

پاڻ مون کي پاڻيءَ جو شيشو پڙهي ڏنائون ۽ عشاء جي نماز کان پوءِ حاجي يار محمد شيخ جي هٿ تعويذ پڻ موڪليائون. صبح ٿي ته مون کي منهجي سؤٽ امداد علي خان ٻڌايو ته ادا نديڙي ته ڳالهائي ٿي، مان ان وقت ڊاڪٽر صاحب ڏانهن ويس جيڪو اسپتال جي اندر ئي رهائش پذير هيو ڊاڪٽر ان وقت فجر جي نماز مان فارغ ٿيو هيو اهو ٻڌي جلد منهنجي نياڻي کي ڏسڻ آيو ته ڇوڪريءَ ان سان ڳالهايو ڏسي حيران ٿي ويو ۽ مون کان پڇا ڪيائين ته هي غيبي امداد توهان کي ڪٿان حاصل ٿي؟ مون ڪيس سائين بادشاهن جو احوال ڏنم ته هي مهرباني سندن وٽان ملي آهي. ڊاڪٽر مون کي ٻڌايو ته هن مرض جو ڪو به علاج ڪونهي پر جيڪڏهن مريض صحت ياب به ٿئي ته اسان جي ميڊيڪل جي ڄاڻ مطابق گهٽ ۾ گهٽ ٻه ٽي سال ڳالهائي ئي ڪو نه سگهندو. بس پوءِ ڊاڪٽر اسان کي اسپتال مان جلد فارغ ڪيو ۽ ڇوڪري اڄ ڏينهن تائين ڇڱي ڀلي آهي.

**نقل**6: فقير مولوي علي محمد چانديو حال ساڪن مدينة المنوره نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي مان درگاهه پير پنهل شاه راشدي تي هڪ ڏينهن ظهر نماز کان بعد مدرسه ۾ سمهيو پيو هئس خواب ۾ ڏسان ٿو ته مرشد ڪريم مشوري شريف وارا سائين اسان جي ڳوٺ خير محمد چانديه ۾ تشريف فرما ٿيا آهن پر شهر کان ٻاهر رستي تي وينا آهن مان ٻاهران آيس ۽ اچي عرض ڪيم ته قبلا سائين! هو گهر آهي ۽ اوطاق آهي ۽ مسجد شريف آهي اوهان هت ڪيئن رستي تي ويهي رهيا آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته بس تڪڙا آهيون وڃئون ٿا، بس ماڻهن کي دعا تعويذ ڏئي ونون.

ٿوري دير کان بعد مون عرض ڪيو ته قبلا سائين! مون کي به ڪجهه لکي ڏيو پاڻ فرمايائون ته توکي اڳي جو وظيفو لکي ڏنو هيم؟ مون عرض ڪيو ته سائين! اهو به پڙهندو آهيان پر ٻيو به خزانو ته گهڻو آهي ٻي به ڪا مهرباني ٿئي. پوءِ پاڻ پني تي منهنجو نالو لکيائون. مون دل ۾ چيو ته سائين بادشاهن کي منهنجو نالو به ياد آهي انهيءَ کان پوءِ به وظيفه لکيائون جيڪي مون کي اڳ ۾ لکي ڏنا هئائون، وري مون پنهنجي دل ۾ چيو ته سائين ساڳا اڳي وارا ورد لکن ٿا نوان نه ٿا لکي ڏين، پوءِ وري سائين بادشاهن اتي هڪ ٽين دعا لکي پوءِ مون کي ڏسي فرمايائون ابا! هي دعا ته نئين آهي! مون عرض ڪيو ته قبلا سائين! ها اِها نئِين آهي پاڻ فرمايائون پٽ! اڳي واريون به پڙهه ۽ هي به وجي پڙهه. اُهو پَنو شريف منهنجي هٿ ۾ ڏنائون مان وٺي هڪ پيرو پڙهيم ته ننڊ مان سجاڳ ٿي پيس ڏسان ٿو ته نڪو پنو آهي نڪو دعا، اُتي مون چيو ته اُها خواب ۾ مهرباني ٿي آهي پر اُها نئين دعا مان ياد ڪو نه ڪئي باقي انهيءَ دعا جو هڪ لفظ مون کي ياد هجي "ذُنُوبِي" ۽ اُن دعا جا ٻيا لفظ ياد ڪو نه پئي آيا. باقي جيڪي ٻيا وظيفه خواب ۾ سندن کي لکندي ڏنو هيم ته اُهي مونکي پهريان ئي ياد هئا.

مون خيال ڪيو ته اُها دعا جيڪا سائين بادشاهن لکي ڏني هئي جنهن ۾ "ذُنُوبي" جو لفظ هيو مون ڪنهن ڪتاب ۾ ڏٺي آهي پوءِ اُن کي ڳولهڻ جي نيت سان ڪي ڪتاب جاچيم جن مان هڪ ڪتاب ۾ اُن لفظ

واري دعا تي نظر پئي جنهن جي متان هيءَ حديث مبارڪ لکيل هئي تہ محبوب ڪريمﷺ جن وٽ هڪ شخص روئندو آيو ۽ اچي عرض ڪيائين تہ سائين! ڏاڍو گنهگار آهيان ڏاڍا گناهہ ڪيا اٿم هاڻي واهر ڪريو ۽ الله سائين کان گناهن جي بخشش وٺي ڏيو، پوءِ اُن شخص کي پاڻ فرمايائون تہ مان جيئن چوان تون بہ اُهي لفظ ورجاءِ، پوءِ پاڻ ڪريمنﷺ انهيءَ شخص کي هي لفظ ٽي ڀيرا پڙهايائون ۽ فرمايائونس تہ الله سائين تنهنجا سڀ گناهہ بخشي ڇڏيا پوءِ اُنهيءَ شخص عرض ڪيو تہ منهنجا سائين! هن ننڍڙي دعا پڙهڻ سان سڀ گناهہ معاف ٿي ويا پاڻ فرمايائون ها الله تعاليٰ طرفان اهو تحفو مليل آهي ۽ واعدو ٿيل آهي تہ جيڪو اِنهيءَ دعا کي ٽي ڀيرا پڙهندو تہ اُنهيءَ جا سڀ گناهہ معاف ٿي ويندا.

اُنهيءَ دعا ڏسڻ سان مون کي يقين ٿي ويو تہ سائين بادشاهن مون کي خواب ۾ اِها ئي دعا لکي ڏني هُئي پوءِ مان اِها دعا پڙهندو رهيس باقي ظاهري پڪ ڪرڻ لاءِ سائين بادشاهن کان ڪنهن وقت وجي پُڇي ايندس پوءِ مهينو کن اُنهيءَ ڳالهہ کي گذريو تہ هڪ جُمعي شريف تي ويس ڏهين بجي ڌاري وڃي پهتس تہ اُنهيءَ وقت سائين بادشاهہ آرام ۾ هيا. پوءِ جڏهن سائين بادشاہ تشريف فرما ٿيا تہ ماڻهن جي رش ۽ گرمي هئي مان سندن ديدار پري کان ڪيو ۽ ملاقات ڪونہ ٿي سگهي. پوءِ جڏهن سائين بادشاهن نماز پڙهائي نماز کان بعد مولود شريف ٿيا آخر ۾ پاڻ تقرير مبارڪ فرمايائون.

مان انهيءَ مهل چوٿين يا پنجين صف ۾ ويٺل هيس منهنجي دل ۾ اِها ڳالهہ هئي تہ مان سائين بادشاهن کان خواب ۽ دعا واري ڳالهہ پڇا ڪندس. پوءِ سائين بادشاهن پنهنجي موضوع مطابق تقرير ڪرڻ فرمائي آخر ۾ فرمايائون تہ هڪ حديث شريف ياد آئي آهي اُها اوهان کي ٻڌائي پوءِ دعاءِ خير گُهرنداسين.

اُتي منهنجي دل ۾ پڪ ٿي وئي تہ هاڻي سائينءَ جن اُها ئي حديث شريف ٻڌائيندا. پوءِ پاڻ اُها ئي حديث شريف بيان فرمايائون جيڪا مون ڪتاب ۾ پڙهي هئي ۽ جنهن متعلق پڇڻ ٿي چاهيو.

پاڻ حديث شريف بيان ڪرڻ کان بعد فرمايائون ته اها دعا سڀ پڙهندا ڪيو ٿي پيرا پڙهڻ سان سڀ(صغيره)گناهه معاف ٿي ويندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪامل توبهه جي نيت سان پڙهجي ته پوءِ تمام گناهِ صغيره وڪبيره معاف ٿي ويندا. پوءِ اِتي مون ڏي نهاري فرمايائون ته ابا! اِها دعا آهي.
اِها سندن جي ڪرامت چئجي يا حضورِ قلبي جو منهنجي سوال ۽ حال کي ڄاڻي پاڻ بغير عرض رکڻ جي مهرباني فرمايائون. اُها دعا هي آهي.

اللهم مغفرتک اوسع من ذنوبي ورحمتک ارجی عندي من عملي

**نقل**7: فقير حاجي خان محمد زرداري ٻڌايو ته مون سان فقير هادي بخش قريشي وينل دادو واري بيان ڪيو ته هڪ ڀيري مان درگاهه شريف تي موجود هيس ته سائين بادشاهه جن باغ گهمڻ لاءِ تشريف وٺي هليا. اسين فقير به سائينءَ جن سان گڏ هئاسين، اُنهن ڏينهن ۾ رائيس ڪئنال تي ٻيڙي بيٺل هوندي هئي انهيءَ ٻيڙي تي سوار ٿي رائيس ڪئنال جي هُن پَر باغ تي پهتاسين. جڏهن باغ کان واپس ٿياسين ته ٻيڙي هِن اورين پاسي بيٺل هئي. اسان موجود فقيرن سائين بادشاهن کي عرض ڪيو ته قبلا سائين! اسان کي اڄ بنا ٻيڙيءَ جي رائيس ڪئنال ٽپايو. سائين بادشاهن اسان کي ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي تنهن تي اسان وري به عرض ڪيو ته سائين اسان کي يقين ٿئي ته قيامت ۾ پلصراط کان به ايئن گذرنداسين، اِنهيءَ گفتگوءَ ۾ مصروف هئاسين ته اوچتي ڏٺوسين ته اورين پر بيٺا آهيون سندن جي اهڙي ڪرم نوازي تي ڏاڍا حيران به ٿياسين ۽ خوشي به ٿي ته پاڻ اسان جي عرض کي قبول فرمائي اها پڪ ڏياريائون ته قيامت ڏينهن به پل صراط تان ايئن پار ٿي ويندؤ.
**نقل**8: فقير مولوي علي محمد چانڊيو حال ساڪن المدينة المنوره جو نقل تو ڪري ته مان درگاهه حضرت پير پنهل شاه راشدي جن جي جامع مسجد جو خطيب هيس، ڪافي عرصي کان اتي مون کي ٻن شخصن چيو ته سائين اسان کي درگاهه حضرت مشوري شريف تي وٺي هل ته اسان سائين جن جا مريد ٿيون

۽ ذڪر ونئون هڪ شخص الهورايو ڪوري ۽ ٻيو شخص شوڪت علي ٻُٽُ. مان انهن کي چيو تہ انشاءالله تعاليٰ هڪ ڏينهن اوهان کي ضرور وٺي هلندس.

پوءِ مان هڪ ڏينهن اوچتو تيار ٿي ويس روڊ تي وڃان تہ اُهي ٻئي شخص روڊ تي مون کان اڳ بس جي انتظار ۾ بيٺا آهن. مان پڇيومان تہ ڪاڏي ٿا وڃو چيائون تہ مخدوم حضرت بلال سائين تي اڄ ستون جمعو آخري آهي اوڏانهن ٿا وڃون. پر انهن کان بس جي ليٽ ڪرڻ سبب گاڏي انهن کان نڪري وئي. اُتي اسٽيشن تي مان انهن کي چيو تہ اوهان کان گاڏي وئي هلي هاڻي مون سان هلو تہ مان اوهان کي درگاهہ حضرت مشوري شريف تي وٺي هلان. چيائون تہ نہ سائين، اسان جو هي آخري جمعو آهي تنهن ڪري اوڏانهن ڪونہ ٿا هَلون ٻئي ڪنهن ڏينهن هلنداسين. پر مان اُنهن کي تمام زور ڪيو تہ اڄ هلو تہ هلئون پوءِ اُنهن مان هڪ الهورايو ڪوري اُنهيءَ چيو تہ هائو ڀلا اڄ هلون ٿا. باقي ٻيو شوڪت ٻُٽُ هُو بالڪل هلڻ تي راضي ڪونہ هيو. پر اسان هن کي زوري مجبور ڪري درگاه شريف تي وٺي آياسين.

درگاهہ شريف تي پهتاسين پر اُن جي دل کي قرار ڪونہ هيو آخر رات درگاه شريف تي ٽڪياسين پوءِ صبح جو مون کي چيائون تہ سائين هاڻي آيا بہ آهيون تنهن ڪري اڄ سائينءَ جن کي چئو تہ اسان کي مريد ڪري ۽ ذڪر فڪر ڏسي مون صبح جو سائين بادشاهن کي عرض ڪيو تہ قبلا سائين! اِنهن همراهن کي ڪافي وقت کان شوق آهي تہ اسان سائينءَ جن جا مريد ٿينداسين ۽ ذڪر وٺنداسين سو سائين مهرباني فرمائي هنن کي ذڪر جي تلقين فرمائين. پاڻ مون ڏي نهاري وري پَرتي رُخ مبارڪ ڦيرايائون، مان وري ٿوري دير کان بعد ٻيهر عرض ڪيو تہ قبلا سائين! هنن فقيرن کي ذڪر شريف ڏسيو وري بہ مون ڏي نهاريائون پر مان اجان بہ نہ سمجهيو وري ٽئين ڀيري عرض ڪيم تہ پاڻ مون ڏي ناراضگي سان نهاري فرمايائون تہ هنن جي اچڻ جي نيت ئي ڪانہ هئي انهن کي زوري هيڏي وٺي آيو آهين ڪهڙا ذڪر انهن کي ڏسيان جڏهن شوق ڪري آيا تہ پوءِ انهن کي ذڪر ڏسينداسين.

سائين بادشاه پاڻ فرمائيندا هئا تہ ادا! جيڪڏهن مرشد کي مريد جي حال جي خبر نہ آهي تہ پوءِ اهو مرشد مريد نہ ڪري.

**نقل9**: فقير منظور علي پنو حال رهندڙ محله مراد واهڻ لاڙڪاڻو نقل ٿو ڪري تہ مونکي پوسٽ آفيس ۾ نوڪري هئي ٻارنهن سال سروس ڪئي هيم پوءِ مان ڇهن مهينن جي موڪل لکي عمري لاءِ مديني شريف هليو ويم اتي مون کي ٻارنهن مهينا ٿي ويا جو حج بہ نصيب ٿيو، انهيءَ کان بعد جڏهن واپس آيس تہ مونکي سَسپنڊ ڪري ڇڏيو هئائون. آخر نوَ مهينا گذريا اُنهيءَ کان بعد اوچتي ڊِسمِس جو آرڊر مليو اتي ساري آفيس جا ماڻهو مون تي کليا چون پيا تہ هاڻي وڃي ڳئون چار، هاڻي يڪو عمرو پيو ڪر، ڪين اُتي ئي جواب مان هي لفظ نڪتا چيومانِ تہ ادا! مان نڌڻڪو نہ آهيان منهنجا مرشد ڪريم موجود آهن صرف پهچڻ ڏيو.

مان سڌو درگاهه شريف تي پهتس جڏهن سائين بادشاه تشريف فرما ٿيا تہ وڃي قدمبوسي ڪري روئي فرياد ڪيم ۽ سارو احوال پيش ڪيم. پاڻ طالبن کي سبق پئي ڏنائون جڏهن فارغ ٿيا تڏهن مون ڏي نهاري فرمايائون تہ تون مديني شريف ويو هُئين جنهن ڪري نوڪري تان لاهي ڇڏيو اٿن. مون عرض ڪيو جي منهنجا سائين، پاڻ فرمايائون تہ اسان مٿان آرڊر ٿا وٺئون تون غم نہ ڪر توکي گهر اچي آرڊر ملندو پوءِ تہ بس. پوءِ دعا لاءِ هٿ مبارڪ کڻي دعا فرمايائون مون کي قسم آهي الله پاڪ جو اٺ ڏينهن مَس گذريا هئا تہ منهنجو نياڻو نصرالله فقير ڳوٺ آيو اچي آرڊر ڏنائين چيائين تہ تنهنجي اپيل منظور ٿي آئي آهي وڃ وڃي ڊيوٽي ڪر پوءِ مان ڊيوٽي جُوائن ڪئي.

**نقل10**: ساڳيو فقير نقل ٿو ڪري تہ مون کي بہ نياڻيون هيون ۽ پٽ جو اولاد نہ هيو. مان جڏهن حج شريف پڙهي ڳوٺ آيس تہ پوءِ سائينءَ جن جي زيارت لاءِ ڪجهہ سُوکڙِي مديني شريف جي کنيم ۽ پٽ جي اولاد جي اميد لاءِ نر ڇوهارا بہ ٻارنهن کنيم(جيڪي پاڻ پٽ جي اولاد واسطي پڙهي ڏيندا هئا). جڏهن درگاهه شريف تي پهتس تہ سائين منير احمد سائين سان ملاقات ٿي ڪين

سائين بادشاهن جي زيارت لاءِ عرض ڪيم تہ سائينءَ جن جو ديدار ٿئي، سائين منير احمد سائين دل جاءِ ڏئي حاويلي شريف تي هليا ويا. بس پندرنهن منٽ مس گذريا هئا تہ ايتري ۾ محبوب مرشد مشوري شريف وارا سائين جلوه افروز ٿيا ڏسڻ سان دل نري پئي ايتري ۾ عبدالوهاب کي حڪم فرمايائون تہ ڪمري ۾ جاءِ ڪر. پوءِ پاڻ مون کي اندر خلاصو گهرائي گڏ ويهاري پڇيا فرمايائون تہ تون مديني شريف کان آيو آهين. توسان خلاصو حال احوال ڪرڻو آهي. قربان سندن جي ادب مبارڪ تان جيڪي مون بيڪار سان قرب ڪيائون ايتري عزت ڪيائون جو ڪنهن سيّد جي ڪندا هئا. انهيءَ کان بعد ۾ مان عرض ڪيم تہ منهنجا سائين! پٽ جي اولاد نہ آهي نيڪ سيرت پٽ جي اميد رکي اٿم هي ڇوهارا بہ آندا آهن سائينءَ جن مهرباني ڪري پڙهي ڏين. پاڻ وري بہ مديني شريف جون ڳالهيون پيا پڇن انهيءَ کان بعد ۾ اهي ڇوهارا بہ پاڻ چمي پوءِ پڙهي ڏنائون. پاڻ فرمايائون فڪر نہ ڪر پٽ جو اولاد ٿيندئي. پوءِ سندن جي دعا سان مون کي رب ڪريم پٽ جي اولاد سان نوازيو.(الحمد لله).

**نقل**11: فقير علي محمد چانديو حال رهندڙ مدينة المنوره نقل ٿو ڪري تہ پير سائين پنهل شاه راشدي جو گادي نشين پير رفيع الدّين شاه راشدي مون کي هڪ ڏينهن چيو تہ مولوي صاحب منهنجا مرشد سائين نالي چڳو شاه راشدي درگاه پير ڳوٺ لڳ نئون ديرو وارو وصال ڪري ويا آهن هاڻي منهنجو خيال آهي تہ ٻيو ڪو مرشد وٺان انهيءَ لاءِ اوهان صلاح ڏيو تہ ڪهڙو مرشد ڪيان. مون عرض ڪيو تہ قبلا سائين! اوهان پنهنجي ڏاڏا سائين حضرت پير پنهل سائين جن جي روضي تي وڃي عرض ڪيو. انهن کان صلاح پڇو انشآءالله تعالىٰ پير سائين ڪامل اولياء آهن اوهان کي پاڻهي نياءُ ڏيندا.

پير صاحب چيو تہ برابر اها صلاح صحيح آهي پوءِ پير صاحب جن وڃي روضي شريف تي عرض ڪيو ۽ دعا گهري پوءِ پوءِ ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ سندس ڏاڏا سائين خواب ۾ آيا ۽ فرمايائونس تہ ٻچا! وڃي مشورين واري سائينءَ جو مريد ٿيءُ ۽ ذڪر وٺ.

پوءِ پير صاحب وري پير سائين روضي ڌڻي جن جي دربار ۾ ويا اتي ٻه اهو ئي عرض ڪيائين اتي درگاهه شريف تي ئي هن کي خواب ۾ زيارت ٿي ڏنائين تہ هزارها مخلوق آهي اتي پير سائين روضي ڌڻي سان گڏ ٻيا ٻہ پير سڳورا موجود آهن ۽ انهن جي اڳيان پتاشن جو ڍير لڳو پيو هيو ۽ پير سائين روضي وارا فرمائن پيا تہ ابا! اَتي جماعت کي ونڊائي ڏيو. اتي سيني عرض ڪيو تہ ڪير ونڊائي ڏئي؟ پوءِ سيني عرض ڪيو تہ مشورين واري سائينءَ جن جو نالو بہ ونڊيندڙ آهي(محبوبن مرشدن ڪريمن جو اسم پاڪ "محمد قاسم" آهي ۽ قاسم سخي ونڊيندڙ آهي) تنهن لاءِ اُهي ساري جماعت کي ورهائي ڏين. پوءِ پير سائين روضي ڌڻي مشورين واري سائينءَ ڏي نهاريو ۽ مرڪيا ۽ فرمايائون بابا! پتاشا تون وراهه. پوءِ سيني پير سڳورن مشورين واري سائينءَ کي عرض ڪيو تہ سائين وراڻت ڪرڻ اوهان جو ڪم آهي اَتو ۽ جماعت کي ونڊي ڏيو. پوءِ ٻہ شخص اِهي پتاشا چادر ۾ جَهلَ ڪري ڪٽي هليا ۽ مشورين وارا سائين اُن مان ٻُڪَ مبارڪ ڀريندا جماعت کي ڏيندا ويا. اتي پير صاحب رفيع الدّين شاهه ٻُڌ سرائن وارا چون ٿا تہ مشورين واري سائينءَ جن مون ڏي نهاري فرمايائون تہ پير صاحب اوهان جو بہ حصّو آهي اوهان کي بہ ڏيون ٿا پوءِ مون کي ٻُڪُ ڀري ڏنائون. اِهو اهڙو غيبي اشارو پير صاحب کي درگاهه حضرت روضي ڌڻي کان ٿيو. پوءِ صبح جو مون (علي محمد چانڊيو) سان اهو سمورو احوال ڪيائين تہ ڏاڏا سائين حضرت قبلا پير پنهل شاهه راشدي بہ حڪم ڪيو تہ مشورين واري سائينءَ جن وٽ وڃ ۽ روضي ڌڻي کان بہ اهو حڪم مليو آهي تہ اسان جي فيض جو ورهائيندڙ اِها هستي آهي، تنهن ڪري اسان کي بہ اُنهن کان ئي ڀاڱو ملندو.

پوءِ پير صاحب رفيع الدّين شاهه هڪ ڏينهن پنهنجي ڀاءُ عبدالقادر ۽ مون سان گڏ درگاهه شريف تي آيو ۽ اَتي پير صاحب عبدالقادر شاهه، سائين بادشاهن کي عرض ڪيو تہ سائين هي منهنجو ڀاءُ آهي پير.سائين پنهل شاهه راشدي جن جو هن مهل گادي نشين آهي مهرباني فرمائي هن کي پنهنجو مريد ڪرڻ فرمائيندا ۽ ذڪر ڏيندا اَتي سائين بادشاهن فرمايو تہ قبلا! مون مسڪين کي ڪهڙي طاقت

آهي جو مريد ڪيان مان پاڻ اوهان جو مريد آهيان اتي پير صاحب گادي نشين عرض ڪيو تہ سائين! مون کي ڏاڏا سائين پير پنهل شاه راشدي ۽ پير سائين روضي ڌڻي غيبي نياءُ ڏئي اوهان ڏي موڪليو آهي. انهن جي حڪم سان آيو آهيان. وڌيڪ اوهان جي مرضي. پوءِ سائين بادشاهن فرمايو تہ ڀلا مان بہ سندن جي حضور ۾ عرض ڪري پُڇان تہ ڇا ٿا فرمائن اوهان مهرباني ڪري رات ترسي پَئو پوءِ صبح جو حال احوال ڪنداسين.

اسان اتي درگاه شريف تي رهي پياسين. صبح جو سائين بادشاهن فرمايو تہ اجازت ملي آهي اچو تہ اوهان کي ذڪر ڏسيون پوءِ پير صاحب کي ذڪر ڏنائون باقي پير عبدالقادر شاه صاحب تہ سندن جو اڳ ئي مريد هيو ۽ ذڪر ورتل هيس.

*ناقصاں را پیر کامل کاملاں را رہنما*

**نقل**12: فقير شمن چانديو وينل ڳوٺ مراد خان چانديو لڳ خير پور ناٿن شاه نقل ٿو ڪري تہ 1984ع ۾ سائين بادشاهن جي دعا سان حج جي سعادت نصيب ٿي. پهريان ڪراچي آفيس ۾ پيسا ڀارياسون، اسان جي ڳوٺ جا پندرنهن سورنهن ماڻهون حج شريف لاءِ تيار ٿيا هئا، سيني کي آفيس وارن پندرنهن سورنهن ڏينهن جو انجام ڏنو جڏهن وري ڪراچي ويا سون تہ ٻڌايائون سفير ويزا نہ ٿو هڻي ڏئي. اها خبر ٻڌي دل ۾ ڏاڍو ڏک ٿيو، رات جو تهجد پڙهي مراقبي ۾ ويهي سائين بادشاهن جي صورت مبارڪ جو تصور ڪري ويهي رهيم تہ ننڊ وٺي وئي خواب ۾ ڏسان ٿو تہ محبوب مرشد سائين آيا آهن سڌو آفيس سفاري واري ڪرسي تي اچي ويٺا آهن آئون پچندو وڃي حضور ۾ حاضر ٿيس. مون کي ڏسي فرمايائون تہ فقير! ڳڻتي نہ ڪر هي تنهنجو پاسپورٽ، ويزا لڳل اٿئي وٺ پنهنجو پاسپورٽ، تہ اتي اک کُلي وئي پوءِ انهيءَ مهل رات جو جيڪي بہ ماڻهو وينل هئا سيني کي ٻڌايم تہ منهنجا مرشد مشوري شريف وارا سائين هاڻي هاڻي منهنجي خواب ۾ آيا هئا ۽ مون کي پاسپورٽ ويزا لڳل هٿ ۾ ڏنائون. پوءِ

جڏهن صبح جو سفارتخاني ۾ وڃي ويٺا سون تہ اوّل مون کي سڏ ڪري سفير پاسپورٽ ڏنو مون کي ڏسي سفير مشڪي پيو.

**نقل**13: ساڳيو فقير نقل ٿو ڪري تہ هڪ ڀيري عمري شريف تي ويس. جڏهن مديني شريف پهتس تہ 6 مهينا مديني شريف ۾ رهيس جڏهن حج جو مهينو آيو تہ 7 تاريخ حج شريف جي رات جو وڃون پيا تہ جڏهن "جبلِ بيرعلي" وٽ پهتاسون تہ اسان کي حڪومت پڪڙيو چو تہ اسين عمري ۾ ويل هئا سون ۽ تقريباً چارسو ڄڻا هئاسون اسان جون گاڏيون موٽائي اچي جيل ۾ وڌائون. اسان سيني حاجين جا پاسپورٽ حڪومت پاڻ وٽ جهليا پوءِ ڪن چاڻ سڃاڻ وارن چيو تہ تنهنجو مرشد مشورين وارو سائين ڪامل هستي آهي تون پنهنجي مرشد سائين کي سڏ ڪر تہ هن مشڪل مان جان ڇُٽي. پوءِ مون ڳچيءَ ۾ ڳارو ڪري روئي سڏڙا ڪيم جڏهن رات جو پويون پهر ٿيو خواب ۾ ڏٺم تہ سائين بادشاهہ اندر آيا آهن ۽ فرمائن پيا تہ هي پنهنجا پاسپورٽ وٺو سڀ اُٺو سڀ حج تي هلو. پوءِ ننڊ مان سجاڳ ٿي سيني حاجين سان اِها ڳالهہ ڪيم تہ مون کي حاجي چون پيا تہ صبح جو ڏسون تنهنجي مرشد جي ڪرامت، پوءِ سج اڀريو تہ حڪومت وارن اسان کي چيو تہ سڀ اچو اوهان کي پاسپورٽ ڏيون وڃين حج ڪيو. جڏهن دروازي ڪان ٿي ٻيناسون تہ پهريان اڳ ۾ منهنجو نالو وٺي پاسپورٽ ڏنائون پوءِ سيني حاجين چيو تہ بيشڪ تنهنجو مرشد ڪامل آهي پوءِ سيني حاجين کي پاسپورٽ مليا ۽ سيني وڃي حج پڙهيو.

**نقل**14: فقير علي محمد چانڊيو حال رهندڙ مدينة المنوره نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين بادشاهن جو جلسي جو پروگرام پير سائين پنهل شاهہ راشدي، جن جي درگاهہ شريف تي هجي مان سائين بادشاهن کي وٺڻ لاءِ درگاهہ شريف تي حاضر ٿيس. جلسي جو ٽائيم رات جو هجي انهيءَ دوران حضرت سائين ميان سائين علي محمد(جيڪي سندن جا وڏا فرزند هئا) جن مون کي مٿي پنهنجي ڪمري ۾ گهرايو جيڪو ڏاڪڻ ڪان مٿان هيو جتي ميان سائين جن رات جو تهجد ۽ مولود شريف پڙهندا هئا. اتي مون کي فرمايائون تہ مان توکي

هڪ عرض ٿو ڪريان اهو تون منهنجي طرفان پير سائين پنهل شاه راشدي جي دربار ۾ جنهن وقت سائينءَ جن دعا گهرڻ هلن تہ پٽڪو لاهي منهنجي طرفان سائين بادشاهن کي عرض ڪجانءِ تہ مونکي نبي ڪريمﷺ مديني شريف جي شهنشاه جن جي زيارت ظاهر ظهور ڪرائن. ظاهري اکين سان زيارت ٿئي باقي خواب ۾ تہ ڪافي دفعا مهرباني ٿي آهي. آخري هيءَ تمنا منهنجي پوري ٿئي، ۽ هي عرض مان پاڻ سائين بادشاهن جي اڳيان ڪري نہ ٿو سگهان مون کي خبر آهي تہ سائين بادشاهن کي تون عرض ڪري سگهندين ان لاءِ توکي ٿو چوان. مون عرض ڪيو تہ سائين حاضر بالڪل ڪندس.

جڏهن سائين بادشاهن جي جلسہ جو پروگرام ختم ٿيو تہ پوءِ پير سائين پنهل شاه راشدي جي روضي شريف تي هليا ۽ هلي فاتح ۽ دعا فرمايائون پوءِ مون عاجزانہ ميان سائينءَ جن وارو سارو عرض پيش ڪيو اتي پاڻ خاموشي اختيار فرمايائون ۽ فڪر ۾ رهيا. مون وري عرض ڪيو تہ قبلا! ڇا ٿا فرمايو هائو يا نہ. اتي پاڻ فرمايائون هائو! وري عرض ڪيم قبلا! ڪڏهن ٿيندي، رڳو دلاسو نہ ڪپي ڪم ٿئي. پاڻ فرمايائون بس پڪ انشآءالله تعاليٰ ڪم ٿيندو.

پوءِ سائين بادشاه درگاه شريف تي صبح جو واپس تشريف فرما ٿيا ۽ مان بہ واپس درگاه شريف تي آيس اتي سائين ميان سائين مون کان پڇيو مون عرض ڪيو تہ قبلا! مون سائين بادشاهن جي حضور ۾ عرض پيش ڪيو ۽ پاڻ واعدو فرمايو اٿن. تنهن کان بعد مان ميان سائين جن کان اجازت وٺي واپس گهر موٽي آيس. چند ڏينهن کان بعد وري درگاه شريف تي آيس تہ ميان سائين جن فرمايو تہ اڃان ڪم نہ ٿيو آهي. مان انهيءَ مهل وري سائين بادشاهن کي عرض ڪيو قبلا ڇا آهي؟ يلا اڃان دير ڇو آهي مون کي ڪوڙو ڪندؤ ڇا؟ مُرڪي فرمايائون، ادا توکي ڪوڙو ڪو نہ ڪنداسين. پوءِ عرض ڪيم تہ جلد مهرباني ٿئي. پاڻ فرمايائون هاڻي مهرباني ٿيندي.

پوءِ ٽورن ڏينهن کان بعد وري جڏهن درگاه شريف تي واپس آيس ته ميان سائين جن مون کي مٺي گهرايو ڏاڍا ڀاڪر پئي ڀاڪر پئي پاتائون بوسه به پئي ڏنائون ۽ فرمايائون ادا تنهنجي مهرباني تي مان اِهي ٽورا ڪونه لاهي سگهندس. مون عرض ڪيو ته قبلا! ٽورا ڇا جا بس منهنجي به ڀارت اٿوَ. چيائون ته تنهنجي ڀارت سائين بادشاهن کي آهي تون سائينءَ جن جو پيارو آهين.

**نوٽ**: هي مشوري شريف واري سائينءَ جن جو مديني شريف جي شهنشاهﷺ جن جي بارگاهِ اقدس ۾ مقام هيو جو پاڻ جيئن عرض ٿي ڪيائون ته مديني جي سائينﷺ اهو قبول ٿي ڪيو. اِهي مقام والهانه عقيدت ۽ بي لوث محبت ۽ جذبءِ عشق جي عُروج کان بعد ئي عطا ٿيندا آهن.

**نقل15**: فقير شمن چانديو ويٺل ڳوٺ مراد خان چانديو نقل ٿو ڪري ته منهنجي پٽ سليمان کي واپڊا کاتي ۾ نوڪري هئي. سورنهن سالن کان پوءِ هن جي ڊيره غازي خان(پنجاب) ۾ بدلي ڪيائون، ٻه مهينا اتي نوڪري ڪرڻ کان پوءِ چيائين ته مان نوڪري کان بس ڪئي استعيفيٰ ٿو ڏيان. آخر نوڪري ڪرڻ کان جواب ڏنائين. ٻه ٽي مهينا گهر ٽِڪي پيو. مون کي چوي پيو ته بابا مهرباني ڪري مونکي نوڪريءَ تي وڃڻ جو نه چئو. آخر گهڻو چوڻ کانپوءِ نيٺ راضي ٿيو ۽ واپس وري نوڪريءَ تي ويو. ويهه ڏينهن نوڪري ڪيائين پوءِ مون ڏي ٽيليفون ڪيائين ته بابا بدلي وري دادوءَ ۾ ٿي آهي اهو احوال ڳوٺ روبرو ڪندس، جڏهن ڳوٺ آيو ته مون سان احوال ڪيائين ته رات جو روئي محبوب مرشد مشوري شريف واري سائينءَ کي سڏڙا ڪري سمهي پيس ڏسان ٿو ته "سائين بادشاه" آيا آهن هڪ ڪاغذ هٿ ۾ اٿن سو مون کي ٿا ڏين ۽ فرمائن ٿا ته پٽ تنهنجي بدلي ٿي آهي هي ڪاغذ وٺ ۽ ڪاغذن تي منير احمد(سندن جا پوٽا) کان صحيح ڪرائي اچ، ڏسان ٿو ته سائين منير احمد سائين بينا آهن پوءِ ڪاغذن تي سائين منير احمد سائين کان صحيح ڪرايم. ايتري خواب ڏسڻ کانپوءِ اک کُلي وئي، رات گذري ته صبح جو سوير هڪڙو ماڻهو آفيس مان ڪاغذ کڻي اچي مون

ڪي سڏ ڪري ڏنائين ادا تنهنجي بدلي دادو تي آهي هي ڪاغذ پنهنجا وٽ، پوءِ خير سان سامان ٻڌي هيڏانهن هليو آيس.

**نقل**16: ساڳيو فقير نقل ٿو ڪري تہ منهنجو پوٽو نالي غلام ياسين بيمار ٿي پيو صبح شام خير پور ڊاڪٽرن وٽ ڪٽي وجونس پيا تمام سيريس ٿي پيو، پوءِ هڪ رات پنهنجي مرشد مشوري شريف واري سائينءَ کي ڏاڍا سڏڙا ڪياسون رات جا ٻارنهن ٿيا تہ ننڊ اچي وئي خواب ۾ ڏسان ٿو تہ حضرت ميان سائين(سندن جا وڏا فرزند) جن منهنجي پوٽي جي کٽ تي ويٺا آهن مان سائينءَ جن جي قدمبوسي ڪيم مون کي فرمايائون تہ فقير اوهان سڏ ڪيا اسان ٻڌاسين، اسان کي سائين بادشاهن فرمايو تہ ابا ميان! اوهان وڃي فقير جي پوٽي کي دُعا ڪري اچو، ايترو خواب ڏٺم تہ سُجاڳي ٿي پئي. اُنهيءَ مهل سيني گهر ياتين کي اُٿاريو اجان مان گهر ياتين کي اِها ڳالهہ ٻڌايان پيو تہ منهنجو پوٽو ننڊ مان جاڳي پيو ۽ ايئن پيو چوي تہ مون کي بُک لڳي آهي ماني ۽ چانهہ ڪري ڏيو. صُبح جو سِڄ اُڀريو تہ گهمندو پيو وَتي ۽ بلڪل چڱو ڀلو ٿي ويو.

**نقل**17: فقير مولوي علي محمد چانڊيو حال رهندڙ مدينة المنوره نقل ٿو ڪري تہ منهنجي هڪڙي عزيز نالي حاجي سومر چانڊيہ ڳوٺ لڏاڻ واري مون کي ٻڌايو تہ 1951ع ۾ حَجَ تي پيادل روانہ ٿيس، مون سان گهرواري بہ هئي ۽ ٻہ ٻار بہ هئا جن ۾ هِڪُ پُٽُ ۽ نياڻي ستن اٺن سالن جي عمر جا هئا ٻيا ٻني دوست بہ ساڻ هئا پر اُهي شادي شده نہ هئا، بس مان ئي هڪڙو ٻارن سان هيس. پوءِ سَفَر ڪندي ڪندي آخر وڃي"سَلوا"واري رستي تي پُهتاسين جتي ڪيترا ڏينهن پنڌ ڪيوسون پر رڻُ پَٽُ ڪُني ئِي ڪونہ پيو ٻيو ڪو پاڻي ۽ آبادي يا شهر وغيره بہ ڪو نہ هيو.

ٽئين ڏينهن اسان وٽان پاڻي کپي وَيو ۽ اُڃَ ۾ بي حال ٿي پياسين ننڍڙا ٻار بہ اُڃَ جي ڪري دانهُون پيا ڪن ۽ هَلَڻَ کان بي حال ٿي پيا. هاڻي پاڻِي ڪِٿان اچي. اُتي جيڪي ساڻ ٻيا ماڻهو هئا اُنهن چيو تہ ادا اسان کي هاڻي اجازت ڏئي اسان تنهنجي ڪري ڪونہ ويهنداسين چو جو توسان ٻار

بچا آهن ۽ هاڻي اُهي هلڻ کان بہ لاچار ٿي پيا آهن، اسان تنهنجي لاءِ ويهي چا ڪريون اسان تنهنجي لاءِ ويهي مفت ۾ مَرئون ڇا؟ اتي مون اُنهن کي چيو تہ اوهان کي اجازت آهي ڀَلي وَڃو هاڻي منهنجو ڪٽي ڀاڳ. بس رب ڪريم کي پارَتَ آهي، جنهن جو سهارو آهي.

هاڻي اچي عصر(ٽيپهري) نماز جو ٽائيم ٿيو تَيَمُم ڪري نماز پڙهيم تہ اِتي گهرواريءَ بہ دانهن ڪئي تہ مونکي وِيَم جا سُورَ ٿِيا آهن ڇو تہ ڳورهاري هئي. هاڻي اِتي مون پَڪَ سمجهي تہ هاڻي سڀئي اِتي مرنداسين ڇو تہ نہ دائي آهي نہ پاڻي آهي نہ ڪا بي شيءِ آهي، جيڪڏهن ٻار ٿِي بہ پَوي تہ بہ عورت تہ هَلَڻ کان لاچار ٿي پوندي. هاڻي ڇا ٿئي الله سائينءَ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ آسرو ڪونہ آهي.

مغرب (سانجهي) قريب هجي تہ مون سوچيو تہ جبل تي مٿي چڙهي ڏسان تہ مَتان پَريان ڪا آبادي يا شهر هجي، وڃي چڙهي ڏِٺُم تہ ڇا سَؤ ڪوهي سُڃَ هجي ڪابہ شي نظر ڪان پئي آئِي اِتي مان ڏاڍو زاروزار روئڻ لڳس تہ هاڻي ڇا ڪجي اوچتو خيال آيو تہ چوندا آهن تہ مرشد ڪامل مشڪل ۾ ۽ مصيبت ۾ ڪم ايندو آهي هاڻي هن کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي مشڪل ٿيندي اِهو خيال ايندي ئِي اُنهيءَ مَهل مان اوپر تي منهن ڪري پنهنجي مرشد ڪريم مشوري شريف واري سائينءَ کي سَڏَ ڪيم ۽ زاروزار روئڻ لڳس، دل ڦاٽي پئي چوان پيو تہ سُهڻا سائين هاڻي مَهلَ اَٿئِي اچي واهَرَ ڪر روئان بہ بينو ۽ سڏ بہ پيو ڪريان تہ اوچتو ڏِٺُم تہ مُرشِد ڪريم مشوري شريف وارا سائين سامُهون بينا آهن حيران ٿي وَيُس اکين کي مَهٽي وَري ڏِٺُم تہ سائين بينا آهن ۽ فرمائن ٿا تہ پريشان نہ ٿي! سائين ڪريمﷺ توکي ڇڏيندا ڇا؟ اِهڙيءَ طرح ٽي دفعا فرمايائون پر ظاهر ظهور اکين سان ڏِٺُم پوءِ يَڪدم سائين نظرن کان غائب ٿي ويا.

اِتي دل کي ٽيڪ ٿي وئي ۽ پَڪَ ٿِي تہ مهرباني ٿيندي هاڻي واپس موٽِيُس تہ سِڄُ بہ لَهي چُڪو هو اَچي ڏسان تہ گهرَوارِي بہ صحيح سلامت آهي ۽ پُٽُ بہ ڄائو آهي. پُڇيومانس تہ تڪليف ۽ سُورَ! چيائين تہ ڪا بہ

تڪليف ڪا نہ آهي نڪو سور ئي آهي. هاڻي بالڪل انڌيرو بہ ٿي چڪو هيو اوچتو ڏسان تہ اُتر طرف کان هڪ گاڏي جي لائيٽ (بتي) وانگر ڪا شيءِ نظر آئي پر سمجهان پيو تہ تمام پري آهي گهڻي دير کان بعد ويجهي پُهتي ڏٺم تہ اُها گاڏِي آهي. پوءِ اچي اسان وٽ جهليائون اُنهيءَ ۾ بہ ٽي ماڻهو هئا، مُون اُتي اُنهن کان پاڻِي پُڇيو چيائون پاڻي تہ ڪو نہ آهي باقي توکي شهر ۾ پهچايون ٿا پوءِ اُنهن اسان کي گاڏيءَ ۾ ويهاريو ۽ مون کان پڇيائون تہ پيسا اٿئي! مون چيو تہ بس بہ ٽي روپيا آهن پوءِ مون کي کنهن ڏهہ ڪنهن پندرنهن ڪنهن ويهہ ريال ڏنا، ماشاءالله مون وٽ سو(100) ڳڻ ريال ٿي ويا ۽ چيائون تہ انشآءالله توکي جلدي ڪنهن شهر ۾ پهچايون ٿا. چئن پنجن ڪلاڪن کان پوءِ اچي هڪ شهر جي وِچ چوسوڪ تي مون کي لاٿائون ۽ چيائون تہ اسان هاڻي وڃئون ٿا ايئن چئي جَلدي هليا ويا، آيا بہ اُتر طرف کان ۽ ويا بہ اُتر طرف ڏي، پوءِ اسين اُن شهر ۾ ٽِڪي پياسين.

هيءَ سڀ مُرشِدَن ڪرِيمَن جي صدقي ٿيل اهڙي مهرباني هُئِي جو جيڪڏهن اِها ڪرم نوازِي نہ ٿئي ها تہ اُتي ئِي مَرِي وَڃون ها.

**نقل**18: فقير شمن چانڊيو وينل ڳوٺ مراد چانڊيو(ميهڙ) نقل ٿو ڪري تہ مون کي چار پنج ٻار ٿيا انهن کان پوءِ ٻار ڪو نہ پيو ٻچي بہ ٻار گذاري ويا، پوءِ درگاهِ عاليہ حضرت مشوري شريف تي اچي سائين بادشاهن کي عرض ڪيم تہ سائين منهنجي اولاد ڪو نہ ٿي ٻچي. پاڻ دعا گُهري فرمايائون تہ جڏهن تنهنجي گهر واري اميد واري ٿئي تہ پوءِ ٻُڌائجانءِ، پوءِ جڏهن منهنجي گهر واري اميد واري ٿي تہ پوءِ درگاهہ شرِيف تي آيُس سائينءَ جن سان احوال ڪيم پاڻ مون کي جاڻ ۽ ڪارا مرچ پڙهي ڏنائون. (جيڪي پاڻ اولاد ٻچڻ واسطي پڙهي ڏيندا هئا) پوءِ مون کي نياڻِي ڄائِي. نياڻِي ڄمندي چار سال گذري ويا مون کان سائينءَ جن چئن سالن ۾ نياڻيءَ جي متعلق پڇا ڪونہ فرمائي پوءِ هڪ ڏينهن منهنجي نياڻِي بيمار ٿي پئي ايستائين جو ٻچڻ جو آسِرو بہ ڪو نہ رهيو مان دعا جي لاءِ درگاهہ شريف تي آيس سائين بادشاهن جي قدمبوسي ڪيم تہ منهنجي عرض ڪرڻ کان

ڀريان ٿي سائينءَ جن فرمايو تہ پٽ نينگري تہ خوش آهي، مون عرض ڪيو تہ سائين دُعا فرمائن ڏاڍي بيمار آهي، پاڻ دعا فرمايائون ۽ فرمايائون تہ ڪجھہ ڪونہ ٿيندس، پوءِ مان واپس موٽي آيس تہ ڇوڪريءَ جي طبيعت اُن ڏينهن کان ئي بهتر ٿيڻ لڳي آخر ڪجھہ ڏينهن ۾ چڱي ڀلي ٿي وئي.

**نقل**19: فقير پيارو خاصخيلي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين بادشاهہ جن فقير حاجي بهرام فيض واهہ واري جي دعوت تي ڳاڙهي موري تشريف فرما ٿيڻ وارا هئا. سڀ جماعت انتظار ۾ ويٺي هُئي. سائين وڃڻا اصل ۾ گمبٽ شريف هئا. تنهن کان پوءِ درگاهہ پير سائين روضي ڌڻي تي، تنهن کان پوءِ درگاهِ عاليہ مخدوم مُحمّد اسماعيل پريالوءِ شريف، تنهن کان پوءِ حاجي بهرام فقير جي دعوت تي تشريف فرما ٿيڻا هئا ۽ روڊ بہ اِهو پير ڳوٺ وارو ورتيون اچڻا هئا. جڏهن شام ٿي تہ سائينءَ جن تشريف فرما ٿيا. فقيرن عرض ڪيو تہ قبلا سائين! اسان صبح کان وٺي انتظار ڪيو آهي روڊ تي ويٺا آهيون ۽ سکر جي طرف نِهاري رهيا آهيون، سائين جن وري هيڏانهن پير ڳوٺ ڏانهن تا اچن. اهو ڇا راز آهي؟ سائينءَ جن خيرپور واري روڊ سان ويا هئا ڇا؟ پاڻ مُرڪي فرمايائون تہ اسان صبح جو هن روڊ سان ئي ويا هئاسين. توهان ويٺا هُئَو توهان کي ڏٺو بہ هيو اسان سوچيو تہ جيڪڏهن هِتِ ڀرين ٿرسياسين تہ اڳتي وارن فقيرن تائين پهچندي گهڻي دير ٿي ويندي، پوءِ تنهن ڪري "لِايلاف شريف" پڙهي پاڻ تي دَمُ ڪئي سون تڏهن توهان مان ڪنهن ڪو نہ ڏٺو.

**نقل**20: فقير مولوي علي محمد چانڊيو حال ساڪن مدينة المنوره نقل ٿو ڪري تہ مان درگاهہ پير پنهل شاهہ راشدي تي پيش امام هوندو هيس جامع مسجد شريف ۾ جمعي شريف جي ڏينهن تورو گهٽو واعظ بہ ڪندو هيس پر اُنهيءَ شهر (ٻُٽ سِرائِن) ۾ شيعا بہ هوندا هئا جيڪي ڳوٺ جا خود چڱا مڙس ۽ وڏيرا بہ هئا انهن کي اسان جو واعظ نہ وڻندو هيو بہ ٽي دفعا مون ڏي ڇورائي موڪليائون تہ اسان جي باري ۾ آئنده جيڪڏهن واعظ ڪيو

اَتئي تہ پوءِ چڱو نہ ٿيندئي، مون انهن کي چيو تہ حق جي ڳالهہ ضرور ڪندس اوهان کي جيڪي بہ ڪرڻو آهي ڪَجو.

آخرڪار پوءِ انهن اِها رِٿ رِٿِي تہ مولوي صاحب ٻاهر مسجد جي اڳيان ميدان تي سمهندو آهي ڪيس اُتان ٻاهر ڪنهن جهنگ ۾ ڪٺائي مارائي ڇڏيونس، پوءِ اُنهن جي اِها ڳالهہ ڪنهن ماڻهُون مون کي اچي ٻُڌائي تہ هينئن ٿا چون، پوءِ مون سائين بادشاهن کي اِهو عرض ڪيو تہ قبلا سائين! دُشمن هي صلاحون پيا ڪن پاڻ مون کي فرمايائون، تہ ٻچا توکي ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندا ۽ انشآءالله تعاليٰ هڪ ڏينهن سيئي حق کي مڃيندا پوءِ سائين بادشاهن هي آيت شريف پڙهي ٻڌائي "لَايَضُرُّكُمْ كَيْدُهُمْ شَيْئًا" يعني اُنهن جو مَڪَرُ توکي ڪجهہ نہ ڪندو.

الحمدلله! سائين بادشاهن جي اِنهيءَ فرمان ڪان پوءِ اُهي شِيعا بہ مڃيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ برابر مولوي صاحب حق تہ چوي ۽ ڪنهن ڪان نٿو ڊڄي اِهي الفاظ منهنجي رُوبرُو هڪ ڏينهن ڪافي ماڻهن جي اڳيان چيائون جو سيني ماڻهن ٻڌو.

پوءِ جڏهن انهن جي چڱي مڙس سرائي غلام رسول ٻُٽ مَرڻ وقت وصيت ڪئي تہ منهنجي جنازي کي مولوي صاحب وِهنجاري ۽ نماز جنازه پڙهائي، متان محمود شاهہ شيعي(جيڪو شيعن جو مولوي هيو)کي وٺي اچو. اها مشهور ڳالهہ آهي سڄي ٿَرَ کي خبر آهي تہ جڏهن سِرائي صاحب وفات ڪئي تہ مان انهيءَ وقت مديني شريف ۾ هُيس پوءِ بہ مولوي ڪريم بخش صاحب ميهڙ واري کي وٺي آيا ۽ محمود شاهہ شيعي کي ڪو نہ آندائون مولوي صاحب نماز وغيره پڙهائي. مطلب مُرشدن ڪريمن جيئن فرمايو هيو تيئن ئي ٿيو.

**نقل 21**: فقير غلام حيدر مشوري سکر وارو نقل ٿو ڪري تہ اسان درگاهہ شريف تي خدمت ۾ هئا سين. ڪُتِر مشين واري جڳهہ ۾ جِيڻَ ڪارڙا جيڪي ٻڪرن ۾ هوندا آهن. اهي تمام گهڻا هئا اسان ڪُتِر ڪرڻ وياسين تہ جيڪي بہ فقير هئا انهن کي وٺي ويا ۽ ڪُتِر ڪرڻ نہ ڇڏيائون. اُن وقت پاڻ سائين بادشاهہ بابِ ساقِي (حاويلي شريف جو اُهو دروازو مبارڪ جنهن مان

پاڻ تشريف فرما ٿيندا هئا) ڪان تشريف فرما ٿيا ۽ ڍِڪيءَ مبارڪ تي ويٺا تہ سائين مُنيراحمد سائين کي مون عرض ڪيو تہ سائين جيتن مارڻ لاءِ توهان پائوڊر لکيو آهي؟ يا گُهرائي ڏينديئو؟. پوءِ سائين بادشاهن اسان ڏانهن متوجہ ٿي پڇا فرمايائون تہ هن عاجز عرض ڪيو تہ قبلا سائين! اهڙا جيت آهن جيڪي ڪُتِر ڪرڻ نتا ڏين ۽ فقيرن کي چڪ پائي ايذاءُ ٿا ڏين. منهنجو عرض ٻڌي پاڻ فرمايائون تہ يا اِهي جِيتَ ڇڏن يا اسان ڇڏي وڃئون. اهڙن مُوذِي جانورن کي مارڻ جائز آهي. پوءِ هن عاجز عرض ڪيو تہ قبلا سائين! اسان چو ڇڏيون اُهي جِيتَ ڇڏن. پاڻ فرمايائون تہ الله سائين جي مرضي اُنهن کي ڇڏرائي يا اسان کي. پوءِ پاڻ حاويلي شريف تي اُسري ويا. جڏهن ٻئي ڏينهن تي اسان ڪُتِر ڪرڻ وياسين تہ هڪ بہ جِيتُ نہ هو.

**نقل**22: فقير شاهنواز مهيسر پير ڳوٺ وارو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي پاڻ درگاهِ عاليہ پريالوءَ شريف مخدوم محمد اسماعيل جي روضي پاڪ تي تشريف فرما ٿيا. پاڻ روضي شريف جي دروازي جي اندر هڪ وِکَ وِجهي ٻي وِکَ وِجهڻ شَرط ئي پاڻ هيٺ اتي ئي ويهي رهيا. ان وقت نہ دعا فرمايائون ۽ نہ ئي ڪجھ پڙهيائون، پوءِ جڏهن پاڻ واپس تشريف فرما ٿيا تہ مون گاڏيءَ ۾ عرض ڪيو تہ سائين منهنجا! اوهان فرمايو آهي تہ روضي اندر پيرانديءَ مبارڪ ڪان ويهبو آهي ۽ اڄ اوهان پاڻ ايئن نہ ڪيو آهي، ان ۾ ڇا راز آهي؟ سائين جن رهنمائي فرمائن. سائين بادشاهن فرمايو تہ اِنَ ڳالھ کي ڇڏي ڏي. مون وري عرض ڪيو تہ سائين رهنمائي فرمائن. پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن ٽيئن وِکَ کڻُون ها تہ مخدُوم صاحب ظاهِر ظهُور روضي مان اُٿي اچي ملي ها تنهن ڪري پاڻ اتي ئي ويهي رهيا سون.

نوٽ: هن نقل مبارڪ ۾ اُهو راز بيان ٿيل آهي جنهن کي اِهلِ تَصَوُّف وارا بخوبي سمجهي سگهن ٿا.

**نقل**23: فقير مولوي علي محمد چانڊيو حال رهندڙ المدينة المنوره نقل ٿو ڪري تہ درگاهِ عاليہ حضرت پير سائين پنهل شاه راشدي تي پير سائين حُجَة الله شاه راشدي جيڪو پير پنهل سائين جو پڙ پوٽو ٿيندو هيو ان

زوريءَ منهنجي استادن کي گهرائي چيو تہ اوهان مولوي صاحب کي چئو تہ اسان جي درگاهہ شريف تي هَلي پڙهائي. جيئن تہ منهنجا والدين اوڏانهن وڃڻ تي راضي نہ هئا ۽ اُنهن جي مرضي هئي تہ هتي پنهنجي شهر ۾ ويهي پڙهايان ڪاڏي بہ نہ وڃان، مون کي چيائون تہ اسان کي پگهارن جي پرواهہ نہ آهي اهو خير جو ڪم اِتي ويهي ڪر.

آخر استادن ۽ پير صاحب بالڪل زور پريو تہ ضرور هَلُ، پوءِ آخرڪار والدين کي ناراض ڪري بہ وڃڻو پيو. پير صاحب چيو تہ مان پنج سَوَ (500) روپيا پنهنجي گهران هر مهيني ۾ توکي ڏيندس ۽ باقي ٻيا پير صاحب بہ ڪافي آهن انهن کي ۽ جماعت کي بہ چوندس تہ سيئي تنهنجي مدد ڪندا پگهار لاءِ تون فڪر نہ ڪر. مون کي تہ ڪوئي فڪر ڪو نہ هيو پر والدين راضي ڪو نہ هئا ان ڪري دل بيچين هئي. پوءِ پير صاحب ڇهن مهينن تائين اهي پنج سَوَ (500) روپيا ڏنا ۽ پوءِ اهي پنج سَوَ ڏيڻ کان بہ بس ٿي ويو ۽ ٻين پير صاحبن ۽ جماعت کي بہ ڪجهہ ڪو نہ چيائين آخر مان ڏهہ مهينہ بنا حساب جي وينو پڙهائيندو رهيس هڪ روپيو بہ ڪنهن ڪو نہ ڏنو، اتي منهنجي والدين مون کي چيو تہ ابا! پير صاحب زوري وٺي ويو هو هاڻي جڏهن پاڻ پنهنجي واعدي تي پورو نہ ٿيو تہ بس تون هاڻي موٽي پنهنجي گهر اَچُ.

مون سوچيو تہ منهنجي وڃڻ کان پوءِ درگاهہ شريف تي ڪافي جماعت ۽ طالب ٿي ويا جو مدرسو پرجي ويو..... مان سمجهيو تہ جيڪڏهن مان هتان ويندس تہ هي مدرسو ۽ جماعت سڀ رهجي ويندي هاڻي ڪيان سو ڪيان ڇا اِتي مان سڌو درگاهہ شريف تي مرشد ڪريم مشوري شريف واري سائينءَ وٽ آيس ۽ اچي سمورو احوال عرض ڪيم پاڻ فرمايائون رات هتي ٽڪي پَئُ صبح جو توکي ٻڌائينداسين، مان خير جي رات درگاهہ شريف تي رهيس صبح جو سائين بادشاهن فرمايو تہ ٻچا پير سائين پُنهل موڪل نہ ٿو ڏئي فرمائن ٿا تہ نہ وڃي بس ڪري ويهي رهي مان سَڀُ هن جا بندوبست پاڻهي ڪندس، سڀ منهنجي ذمي آهي. پاڻ سائين بادشاهن

فرمايو تہ هاڻي وڃي بس ڪري ويهي رَهُ سڀ چڱائي ٿيندي، پوءِ مان مرشدن ڪريمن جي فرمان مطابق وڃي بس ڪري ويهي رهيس.
الحمدلله! سائين بادشاهن جي ڪرم نوازي ۽ پير سائين پنهل جن کي غيبي پارَت ڪرڻ سان سڀ ڪم بغير چوڻ جي ٿي ويا، پوءِ 13 سال پورا اتي پڙهايم ۽ ڪيترن خوش نصيبن عِلمِي اُڃَ اُجهائي.
**نقل**24: هڪ دفعي سيد وزير حسين شاه صاحب (سابق D.S.P جيڪو شيعي مذهب سان تعلق رکندڙ هيو ۽ پنهنجي عقيدي ۾ ڪَٽر هيو پر ان جڏهن سائين بادشاهن جي زيارت ڪئي تہ سندن جي صورت پاڪ جي جلوي ان تي ايڏو تہ اثر ڪيو جو پنهنجي باطل عقيدن کان تہ توبہ ڪيائين پر هر شيءِ ڇڏي باقي زندگي درگاه شريف تي گذاريائين) حضرت محبوب مرشدن جي خدمت اقدس ۾ عرض گذاريو تہ قبلا سائين! اِندرا گانڌي (جيڪا هندستان جي وزيراعظم هئي) چون ٿا تہ حملي ڪرڻ جون تياريون ڪري رهي آهي. پاڻ خاموش رهيا. ان کان بعد شاه صاحب وري عرض ڪيو تڏهن بہ پاڻ خاموش رهيا. ان کان بعد وري شاه صاحب جڏهن ٽيون ڀيرو ساڳيو ئي عرض ڪيو تہ پاڻ شاه صاحب ڏانهن نهاري فرمايائون تہ شاه صاحب!(ڇاجي ڊَرَ تي ويٺا آهن ۽ چوڙي تي ڇيٽا ميڙي) ايئن فرمائي پاڻ خاموش ٿي ويا. ان ڳالهہ کي اجا ٻہ ٽي ڏينهن مَسَ گذريا تہ اِندرا گانڌي مارجي وئي ۽ ٻڌايائون تہ ان کي پنهنجن ئي محافظن ماري وڌو آهي.
**نقل**25: فقير مولوي علي محمد چانديو حال رهندڙ المدينة المنوره نقل ٿو ڪري تہ هڪ ڀيري پير صاحب نجيعُ الله شاه وڳڻ وارو ٻُڌ سرائن جي پيرن وٽ عُذر خواهي لاءِ آيو هيو، ٽَڏي تي ڪافي ٻيا پير صاحب بہ ويٺل هئا ۽ مان بہ اُتي ويٺل هيس، تہ پير صاحب نجيعُ الله شاه اتي ويٺل ٻين پير صاحبن ڏي متوجہ ٿي چيو تہ مان ٻُڌو آهي تہ پيررفيعُ الدِين شاه حضرت مشورن واري سائينءَ جو مُريد ٿيو آهي ۽ اوهان ٻيا پير صاحب سڀ انهيءَ تي ناراض ٿيا آهيو؟ اتي ويٺل هڪڙي پير صاحب چيو تہ قبلا! هاڻي هي پير سائين پنهل کي ڇڏي ٻين جي دروازن تي وڃي! پير نجيعُ

الله شاهه صاحب فرمايو تہ اَبا! ذات تي ڏات ڪانهي جنهن تي رب راضي ٿئي انهيءَ کي ڏئي. سائين مشوري صاحب تي وڏي مهرباني آهي انهيءَ سان ڪوئي رِيسَ نہ ڪري. پوءِ هيءَ ڳالهہ ٻڌايائين تہ

هڪڙي پيري سائين مشورين واري وٽ هڪ مائي آئي اچي عرض ڪيائين تہ قبلا! منهنجو جوان پُٽُ سال ڏيڍ تي ويو آهي جو گُم ٿي ويو آهي، پَتو ڪو نہ ٿو پوي مهرباني ڪري مون کي پٽ موٽرائي ڏي، پاڻ فرمايائونس تہ اَمان هِي تعويذ ڏيانءِ ٿو وجي بارَ هيٺان رَکُ الله ڪندو موٽي ايندو، مائيءَ عرض ڪيو تہ نہ سائين تون موٽرائي ڏي مان چا چاٽان تعويذن مان پر پاڻ پوءِ بہ ساڳي ڳالهہ فرمايائونس.

هڪ ڏينهن سائين جيئن ئي حاويلي شريف جي دروازي کان ٻاهر آيا تہ مائي يڪدم قدمن ۾ ڪري پئي ۽ سائينءَ جي پيرن کي چمبڙي پئي سائين جن گهڻا ئي دڙڪا ڏنس پر هٿ نہ پئي ڪڍي ۽ چوي پئي تہ سائين يا پُٽُ موٽرائي ڏي يا مون کي ڪٽي مار باقي مان هٿ ڪو نہ ڪيندس. اتي سائينءَ جن جلال ۾ اچي ويا ۽ فرمايائونس تہ نالو چا اٿئي پُٽَ جو؟ مائيءَ عرض ڪيو تہ سائين نالو ساوَڻُ اٿس اتي پاڻ هَٿُ مبارڪ ڊِگهو ڪري هيئن فرمايائون تہ

ڪنڌي ڪڪوريا ڪانهہ! ساوڻ اجهو آئيو

سنڌن جي اِيئن چوندي ئِي ڇوڪرو سامُهون ايندو ظاهر ٿيو پوءِ پاڻ مائيءَ کي فرمايائون تہ هي تنهنجو ڇوڪرو آهي؟ مائيءَ چيو هائو سائين اهو ئي آهي! پوءِ پاڻ فرمايائونس تہ هاڻي هيئن ٻاهر وَڃُ درگاهہ ڏي نہ وَڃُ ۽ ڪنهن سان اها ڳالهہ بہ نہ ڪجانءِ.

اِها ڳالهہ ڪري پير صاحب چيو تہ ادا! توهان بہ ڪا اهڙي ڪرامت ڪري ڏيکاريو. پوءِ چيائين تہ مان تہ خوش ٿيو آهيان جو مشوري صاحب جو مُريد ٿيو آهي سُنو ڪيو اٿس باقي توهان جي رضا توهان سان.

راڻي وڻان رات نئون نياپو آئيو
ڪو نہ پڇن ٿا ذات جيڪو آيو سو اگهيو

**نقل**26: فقير حُب علي جروار رهندڙ سانول جروار (نئون ديرو) نقل ٿو ڪري تہ پنج ڇهہ هفتا گذري ويا جو مونکي هِڏڪِي نہ پئي ڇڏي. گهڻو ئي علاج

ڪرايم ليڪن ڪو بہ فرق ڪونہ پيو. پوءِ سانجهيءَ جي ٽائيم تي پنهنجي گهر ۾ چُلهہ تي ويٺو هُجان تہ مونکي خيال آيو ۽ دل ۾ چيم تہ دوائون تہ اجايون ٿو ڪرايان هاڻي دوا نہ نگاه علاج ڪندي، پوءِ ڳچيءَ ۾ ڳارو ڪري پنهنجي نهيل ڪافي درگاه شريف ڏي مُنهُن ڪري سانجهيءَ ڪان وٺي رات جو ڏهين بجي تائين ساڳي ڪافي پئي پڙهيم، ان دوران غُنُودِگِي طاري ٿي ڏسان تہ سائين بادشاه سامُهون بيٺا آهن ۽ هڪ ڪپڙو هٿ مبارڪ ۾ اٿن جيڪو مونکي چنبڙيءَ وانگر هٽن ٿا ۽ پاڻ مونکي پاڪُر پاتو اٿن جڏهن مُنهنجون اکيون کُليون تہ منهنجِي هِڏڪي بلڪل ختم ٿي چُڪي هئي.

جيڪا ڪافي مون جُهونگاري هئي ان جا الفاظ هن رِيت هئا

مون ڏي آ منٺارمٺا پير پري هڪ وار مٺا
نالي خدا جي دلبر تون آءُ هلي دلدار مٺا

**نقل27**: فقير علي محمد چانديو حال رهندڙ المدينة المنوره نقل ٿو ڪري تہ هتي مديني شريف ۾ منهنجو ڪفِيل دين محمد ڪوريجہ اصل وينل دادو جو مون تي ناراض ٿي پيو ۽ مون تي خُروج هٽائي ڇڏيائين، چيائين تہ مون کي نٿو گُهرجين وڃ پاڪستان. پوءِ ان ڏي منهنجي طرفان ڪي سيد سڳورا ميڙ ٿي ويا ڏاڍيون مِنٿون ۽ ايلاز ڪيائونس پر نہ مڃيائين ۽ پنهنجي والد بہ چيس پر هن جو بہ چوڻ نہ مڃيائين ۽ چيائين تہ بس سياڻي ٽڪيٽ وٺي روانہ ڪندوسانس. جڏهن ڏِٺم تہ هي صفا نٿو مڃي تہ پوءِ ٻي ڪا واه نہ ڏسندي روئِي سائين بادشاهن کي غائبانہ عرض ڪيم تہ منهنجو قُصور آهي منهنجا سائين مون کي مُعافي ملي.

اِهو عرض ڪري پوءِ گهر آيس ۽ اڇي سُمهي پيس خواب ۾ ڏسان ٿو تہ مرشد ڪريم مشوري شريف وارا سائين ۽ ڏاڏا سائين (حاجي محمد عثمان سائينءَ بادشاه جن جا والدِ مڪرم) منهنجي ڪمري ۾ ويٺا آهن مان ٻاهران اچي سلام ڪيو ۽ اچي قدمبوسي ڪئي آهي تہ ايتري ۾ ڏاڏا سائين مون کي فرمائن ٿا. تہ چانديا اڃان تون جيئرو آهين؟ مون عرض ڪيو تہ قبلا! مان جيئرو تہ آهيان پر ڏاڍين مصيبتن ۾ آهيان، اتي مون کي

فرمايائون تہ ڪهڙي مصيبت پئي اٿئي؟ مون عرض ڪيو تہ سائين! منهنجي ڪَفِيل منهنجو خُروج ڪرائي ڇڏيو آهي مون کي سياڻي مديني شريف کان ڪڍي ٿو انهيءَ کان وڌيڪ ٻئي ڪهڙي مصيبت ٿيندي. مدينو شريف ڇڏڻ منهنجي لاءِ قيامت مثل آهي. پاڻ فرمايائون مدينو شريف تنهنجي ڪفيل جي پيءُ جو ڪو نہ آهي مديني شريف جا مالڪ مديني جا سائين ﷺ آهن تون نڏڪو ڪو نہ آهين تنهنجا ڏٺي سائين وينا آهن، هاڻي وَٺُ هي پٽڪو ٻَڌُ. ڏسان ٿو تہ مون کي پَٽِڪي جو ڪپڙو ڪٽي ڏنو اٿائون مون اُهو ڪپڙو وٺي هٿ ۾ ڪيو آهي تہ ايتري ۾ مان ننڊ کان جاڳي پيس. هاڻي حقيقت ۾ منهنجي دل کي يقين ٿي ويو تہ هاڻي مديني شريف کان ڪو نہ نڪرندس. خواب منجهہ هي سمورو احوال ڏاڏا سائينءَ سان ٿيو ۽ سائين بادشاهن بالڪل ماٺ ڪري ويٺي ٻُڌو ۽ مرڪيا پئي.

صبح ٿيو تہ ڪَفِيل دين محمد وٽ ويس ۽ وڃي چيومانس تہ پلا مون کي ٽڪيٽ وٺي ڏي تہ روانو ٿيان پر هُو چپ ٿي ويو ٿوريءَ دير کان بعد چيائين تہ هي پاسپورٽ ڪٽي وڃي خُروج ڪينسل ڪرائي اَچُ ۽ پُٽُ کي چيائين تہ وڃي صحيح ڏِئي خُروج موٽرائي آ، مان سمجهي ويس تہ جيڪو ماٺهون ميڙن مِنٿن سان نہ مڙيو تہ ان کي ڪهڙي طاقت جُهڪايو آهي.

**نقل**28: فقير علي محمد چانڊيو حال ساڪِن المدينة المنوره نقل ٿو ڪري تہ پير سائين پنهل شاه راشدي جن جي درگاهہ شريف تي تقريباً تيرنهن(13)سال رهيو هيس (جيڪو سمورو احوال پوئتي نقل ۾ گذري چڪو آهي) مون کي ڏاڍو شوق هوندو هيو جو پير سائين پنهل شاه راشدي جو خواب ۾ ديدار ڪيان ۽ زيارت ڪيان ڇو تہ اولياءالله جي زيارت ڪرڻ بہ ثواب آهي.

سندن روضي تي وڃي فاتح پڙهندو هيس ۽ دعا گهرندو رهيس پر جڏهن بہ اهو ارادو ڪيان تہ زيارت ٿئي پر مون کي هميشہ پنهنجي مرشدن ڪريمن جي زيارت نصيب ٿئي پئي ۽ پير پنهل سائين جي زيارت ڪا نہ پئي ٿئي.

هڪ ڏينهن مرشدن ڪريمن سان اهو ذڪر ڪيم تہ ڏاڍو دل ۾ شوق آهي تہ پير سائين پنهل شاه راشدي جي زيارت ٿئي پر قبلا سائين هميشہ

اوهان جي زيارت ٿئي ٿي ۽ پير سائينءَ جن جي زيارت ڪو نہ ٿي نصيب ٿئي ڇا سبب آهي پاڻ فرمايائون تہ پٽ! تنهنجي دل اسان جي طرف محبت ۾ قيد آهي ۽ توکي هر وقت هيڏي ئي خيال رهي ٿو ان لاءِ توکي سدائين اسان جي زيارت ٿئي ٿي. پوءِ مون عرض ڪيم تہ سائين! منهنجي دلي خواهش سائين پوري فرمائن. ان کان بعد ڪجھ ڏينهن کان پوءِ مونکي پير سائينءَ جن جي زيارت نصيب ٿي.

**نقل**29: فقير حاجي ڄام جوٽيجو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين بادشاهن فرمايو تہ سيارو ٿو اچي طالبن ۽ جماعت لاءِ رلهيون گھرجن، پوءِ مون ڳوٺان مائٽن کان رِلهيون گڏ ڪيون. هڪ ڇوڪريءَ جيڪا منهنجي مائٽياڻيءَ هئي تنهن چيو تہ منهنجي شادي کي ٻہ ٽي سال ٿي ويا آهن پر مونکي اولاد ڪونہ ٿي آهي رلهي ان شرط تي ڏيندس تہ مونکي اولاد ٿئي. پوءِ مون ان کي چيو تہ ڀلي رلهي ڏي مان سائين جن کي عرض ڪندس پاڻ دعا فرمائيندا تہ توکي اولاد ٿيندي. پوءِ جڏهن درگاھ شريف تي پهتس تہ ان وقت پاڻ مسجد شريف ۾ جلوه افروز هئا. مون اهي رلهيون حضور ۾ پيش ڪيون. پاڻ اٿي ۽ رلهين کي کولڻ لڳا ۽ اُها رلهي جيڪا ان ڇوڪريءَ ڏني هئي ۾ هٿ مبارڪ وجهي فرمايائون تہ ڇا هي رلهي ڪنهن مراد خاطر ڏني وئي آهي؟ مان حيران ٿي ويس ۽ عرض ڪيم تہ جي سائين منهنجي هڪ مائيٽياڻيءَ هيءَ رلهي ان شرط تي ڏني هئي تہ اُن کي اولاد ٿئي، پوءِ پاڻ هٿ مبارڪ کڻي دعا فرمايائون ۽ فرمايائون تہ انشآء الله جلد اولاد ٿيندس. ان ڳالھ کي اجان ڪجھ ڏينهن ئي مس گذريا مان ڳوٺ ويس تہ مونکي ان مائيٽياڻيءَ ٻڌايو تہ مونکي حمل ٿيو آهي.

**نقل**30: فقير مولوي علي محمد چانديو حال ساڪن مدينہ شريف جو نقل ٿو ڪري تہ هيڪر سائين بادشاهن جي جلسي جو پروگرام ميهڙ ۾ علي اڪبر شاھ صاحب واري جامع مسجد ۾ هيو عشاء کان بعد سائين بادشاهن تقرير فرمائي تقرير مبارڪ دوران اچانڪ بجلي بند ٿي وئي تقريباً ڏھ يا پنڌرنهن منٽ. پر مرشدن ڪريمن جي ڪرامت سان لائوڊ جو آواز ساري شهر ۾ ٻڌڻ ۾ پئي آيو

بجلي ساري ڳوٺ ۾ بند هئي پر لائوڊ بالڪل هليو پئي هزارن ماڻهن اها شاهدي ڏني ته اسان گهرن ۾ آواز ٻڌو پئي هڪ منٽ به آواز بند ڪو نه ٿيو.
**نقل** 31: فقير مولوي علي محمد چانڊيو حال ساڪن المدينة المنوره نقل ٿو ڪري ته اسان جي ڏاڏي محمد موسيٰ مون سان ڳالهه ڪئي ته هڪ دفعي اسان درگاهه شريف تي وڃئون پيا جڏهن اسٽيشن باقراڻي تي لٿا سين ته انهيءَ گاڏي مان هڪ شخص لٿو انهيءَ اسان کان پڇيو ته ادا مشوري شريف ويندس اسان انهيءَ کي چيو ته اسان سيئي به اوڏانهن هلنداسين پوءِ اسان انهيءَ کان پڇا ڪئي ته اوهان ڪير آهيو انهيءَ ٻڌايو ته ادا مان سيّد آهيان پنهنجو نالو ۽ ڳوٺ ٻڌايائين اسان آهستي آهستي هن سان گڏيا پئي آيا سين. ٻيا اسان کان اڳي درگاهه شريف تي وڃي پهتا. انهن سائين بادشاهن سان اها ڳالهه ڪئي ته هڪ شخص سيّد هن نالي اچي پيو اڳي ته ڪڏهن به اتي شايد ڪو نه آيو آهي ۽ نئون ماڻهو آهي اتي سائين جن فرمايو ته ابا! اهو ڪاٿي آهي؟
اسان عرض ڪيو ته قبلا! هاڻي درگاه شريف تي پهتو هوندو. اتي سائين طالبن جو سبق پڙهائڻ ڇڏي يڪدم اُٿي پيا ۽ ٻاهر نڪري آيا ڏسن ته اهو شخص ٻاهران اچي پيو جڏهن انهيءَ شخص جي نظر مرشدن ڪريمن تي پئي ته زورسان دانهن ڪري زاروزار پيو روئي ۽ سائين بادشاهن وڃي ياڪر وڌس. اتي سائين بادشاهن فرمايس ته شاهه صاحب جهنگ جي ڳالهه گهر ۾ نه ڪبي آهي، اها ڳالهه فقيرن ٻڌي ورتي پوءِ سائين بادشاهه شاهه صاحب کي هٿ هٿ ۾ ملائي درگاهه شريف تي وني آيا. ڏاڍي خوش مرحبا فرمايائونس ۽ ننگر وغيره به ڪرايائونس.
جڏهن سائين بادشاهه حاويلي شريف تي اسريا ته فقيرن وڃي شاهه صاحب جو پاسو ورتو ۽ عرض ڪيائون ته قبلا سائين! سائين بادشاهن اوهان کي ڇا فرمايو ته شاهه صاحب جهنگ جي ڳالهه گهر ۾ نه ڪبي آهي مهرباني ڪري ٻڌايو ته ڇا ڳالهه آهي؟ اتي شاهه صاحب گهڻو هيڏانهن هوڏانهن جي ڪئي پر فقيرن چيس قبلا! مديني جي سائينءَ ﷺ جو قسم اٿوَ ضرور ٻڌايو. پوءِ شاهه صاحب فرمايو ته سائين ڪاوڙ ڪندا پر اچو ته

اوهان کي ٻڌايان ٿو جو اوهان مون کي قسم ڏنا آهن پوءِ ٻڌايائين ته مان مديني شريف ۾ رهندو هئس، مون کي اُتي ڪافي سال ٿي ويا هئا پويان منهنجي چاچي ۽ پائرن گهڻا خط لکيا ته تنهنجي مڱ وڏي ٿي وئي آهي اچ ته توکي شادي ڪرايون پر مون انهن کي رُکو جواب ڏئي ڇڏيو ته مان بالڪل ڪو نه ايندس، پلي ٻئي هنڌ پرڻائي ڏئي ڇڏيو. هاڻي منهنجي چاچي مجبور ٿي اها ڇوڪري ٻئي هنڌ ڏئي ڪئي ۽ تاريخ به شاديءَ جي ٻڌجي وئي اتي منهنجي پائرن مون ڏي ڏک مان خط لکيو ته ادا ظلم ڪري ڇڏيو اٿئي اسان اکين سان ڏسئون وينا جو تنهنجي نالي تيل وري ٻيا پرڻجن اسان کي ته ماري ڇڏيو اٿئي ڪهڙو منهن کڻي اسان ڏسندا سين. جڏهن اهو خط پائرن جو پهتو ته اِتي مون کي به ڏاڍي پريشاني ۽ ڏاڍو ڏک ٿيو جو ماني ڪائڻ به وِسري وئي ۽ اچي روئڻ لڳس ته هاڻي ڇا ٿئي، ٽائيم به پورو تيڻ وارو آهي ۽ پيسا ڏوڪڙ به ڪو نه آهن ڇا ڪريان ۽ ڪيئن پُهچان؟.

هڪ رات حرم شريف ٻاهران روئان وينو ته هڪ شخص منهنجي مٿان اچي بيٺو ۽ مون کان پڇيائين ته پُٽ ڇو ٿو روئين مون انهيءَ کي سمورو احوال ٻڌايو پوءِ چيائين ته روءُ نه توکي ڏس ڏيان ٿو تنهنجو ڪم ٿي ويندو پوءِ ٻڌايائين ته هڪ شخص روز عشاء نماز تي تڪبير لڳندي آهي ته باب السلام کان اچي نماز ۾ بيهندو آهي فرض پڙهڻ کان پوءِ جلد اٿي هليو ويندو آهي، اٿئي به سنڌ جوانهيءَ کي وڃي چئُ ته توکي پهچائي ڇڏيندو پوءِ مون ان جو شڪريو ادا ڪيو.

ٻئي رات عشاء نماز جي وقت جڏهن تڪبير لڳي ته ڏنم برابر هر شخص جنهن جا پار پتا هُن شخص مونکي ٻڌايا هئا اچي نماز ۾ بيٺو مان به انهيءَ جي پاسي ۾ وڃي بيٺس، جڏهن سلام ورايائين ته مان وڃي ٻانهن ۾ هٿ وڌومانس ۽ عرض ڪيومانس ته سائين مون کي ڳوٺ پهچايو چيائين ته ابا! مون وٽ ڪو هوائي جهاز آهي مون عرض ڪيو ته قبلا مان سَيد آهيان محبوب ڪريم ﷺ جو واسطو اٿوَ مون تي رحم ڪيو. پوءِ مون کي ٻانهن ۾ جهلي ٻاهر وٺي آيو ۽ فرمايائين ٻچا! هي پيسا اٿئي سامُهون

بتي ڏسين ٿو اهو دڪان آهي انهيءَ ڪان هي فلاڻي شي وٺي اچ مون عرض ڪيو ته سائين متان اوهان هليا وڃو پاڻ فرمايائون بابا فڪر نه ڪر مان بيٺو آهيان ڪو نه ويندس.

مان زور تِڪو تِڪو ويس آخر ڏسان ته دڪان ته ڪو نه آهي گهر آهي در تي بيهي سَڏ ڪيم ته هڪ ماڻهو نڪري آيو جڏهن ويجهو آيو ڏسان ته منهنجو پاءُ آهي اتي مون چيو ته سبحان الله! مان ته گهر پهچي ويس پوءِ انهيءَ مهل ئي پاءُ سان گڏجي چاچي وٽ ويس چاچي تنهن مهل ئي انهيءَ بئي شخص کي گهرائي چيو ته بابا مالڪ پهچي ويو آهي هاڻي مان پنهنجي نياڻي انهيءَ کي ڏيندس جنهن جو اصلي حق آهي. پوءِ نيٺ منهنجي شادي ٿي وئي.

پوءِ مان اُن هستيءَ کي ڳولهڻ لاءِ (جنهن مونکي هڪ پَلَ ۾ گهر پهچايو) ڏاڍو گهميو ڦِريو آهيان چو ته اهو بزرگ هيو به سنڌ جو مونکي پَڪَ هئي ته ڪڏهن نه ڪڏهن ڪاٿي ڪاٿي ضرور ملندو. پوءِ مان شادي کان ٽئين ڏينهن گهران نڪتو آهيان ڳوليندو رهيو آهيان ڪافي اولياء الله ڏٺم پر اچ اها صورت ڏٺم ۽ سُڃاتم، سو ادا ڳالهه اها آهي جيڪا سائينءَ جن مون کي ظاهر ڪرڻ کان منع فرمائي ۽ اشارتاً فرمايائون ته شاهه صاحب مجهنگ جي ڳالهه گهر ۾ نه ڪبي آهي ادا مون کي انهيءَ جوان پهچايو آهي بس اها ڳالهه آهي.

**نقل**32: فقير مولوي عبدالرحمٰن مير بحر نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي مونکي چِٽيءَ جي بيماري ٿي پئي سمورو بدن بَگو ٿي پيو ۽ منهن تي به وڌندي پئي وڃي. گهڻيون دوائون ورتم پر فرق نه پيو پوي ۽ ڏِڄُ ٿيو ته منهن نه خراب ٿي پوي. پوءِ هڪ دفعي درگاه شريف تي جڏهن سائين بادشاه نعلين (جُتِي مبارڪ) لاهي مسجد شريف ۾ داخل ٿيا ته مان نعلين مبارڪ کڻي پنهنجي جسم تي جِتي جِتي چِٽيءَ جا نشان هئا اتي لڳايم ته ڪجهه ڏينهن ۾ ئي بيماريءَ جو نام و نشان ختم ٿي ويو.

**نقل**33: فقير حاجي ڄام جوڻيجو نقل ٿو ڪري تہ اسان جي ستن پيڙهين کان ونني ايئن ٿيندو پئي آيو تہ جنهن ڪي بہ پُٽ هجن تہ انهن مان هڪ کي اولاد ٿئي ۽ ٻئي کي نہ ٿِئي، اسان ٻن ڀائرن مان مونکي اولاد ٿي ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ کي اولاد نہ پئي ٿئي. وري ٻئي شادي ڪرائي سيس تہ ان مان بہ اولاد نہ پيو ٿئيس. آخر درگاه شريف تي وني آيو مانس ۽ سائينءَ جن کي عرض ڪيم تہ قبلا سائين! هِن کي اولاد نٿي ٿئي. پاڻ دعا فرمايائون پوءِ اُن سال ئي منهنجي ڀاءُ جي گهرواري اُميد سان ٿي.

**نقل**34: فقير حاجي محمد ڄام جوڻيجو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي مديني شريف کان منهنجون نياڻيون ۽ نياڻان ٻارهي شريف تي درگاهِ عاليہ حضرت مشوري شريف تي ويا، تہ اُتي ڇوڪرين کي ڪنهن چيو تہ حاجي ڄام مديني شريف ۾ گذاري ويو آهي پوءِ تہ ڇوڪريون روئنديون سائين بادشاهن جي حضور ۾ ويون ۽ عرض ڪيائون تہ قبلا سائين! اسان جو والد فوت ٿي ويو آهي. تنهن تي پاڻ ڪَنڌ مبارڪ جُهڪائي وري مَٿي ڪري پوءِ فرمايائون تہ فوت ناهي ٺيڪ خوش آهي، توهان نہ روئو، پوءِ حضرت نالي مٺي سائين(سندن جا فرزند) کي فرمايائون تہ مديني شريف فون ڪيو. پوءِ سائين نالي مٺي سائين مون سان ڳالهايو ۽ منهنجي نياڻين کي خير جي خبر ڏنائون.

**نقل**35: فقير حاجي محمد ايوب مير بحر نقل ٿو ڪري تہ منهنجي هڪ ويجهي مائٽياڻي بيمار ٿي پئي گهڻو عِلاج ڪرايو سيس آخر ڊاڪٽرن لاعلاج ڪري ڇڏيس ۽ اڃي مرڻ کي پُهتي. پوءِ هڪ ڏينهن آءٌ درگاه شريف تي آيس تہ سائين بادشاهن کي اُن لاءِ دُعا جو عرض ڪيو. تنهن تي پاڻ دُعا گُهري پوءِ فرمايائون تہ نہ مرندي خوش ٿيندي ۽ ٻار بہ ڄڻيندي. پوءِ سائين بادشاهن جي دعا سان ڪجهہ ڏينهن ۾ بغير ڪنهن دوا جي بلڪل نيڪ ٿي وئي ۽ هاڻي ٻارن ٻچن واري آهي.

**نقل**36: فقير حافظ نالي مٺو جتوئي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي آءٌ درگاه شريف تي آيس ٿي، جڏهن ريل گاڏيءَ مان لٿس تہ هڪ شخص بہ مون سان

ڳڏ لٿو جيڪو فقير نہ پئي لڳو ان مونکي چيو تہ سائين مشورن واري ڏي
ويندم، رستو ڪاٽئون آهي. مان چيو مانس تہ ڪير آهين ۽ ڪهڙي ڪم
سان آيو آهين؟ چيائين تہ ماڇي آهيان لاڙڪاڻي ڪان ٿورو ٻاهران وينو
آهيان. منهنجو ياءُ چاڪ ناهي، غريبي حالت ۾ جيترو علاج ڪرائي سگهيا
سيس ڪرايو سيس پر فائدو ڪونہ پيس پوءِ آخر مهينو قلندر لال شهباز تي
تڪياسين، رات خواب ۾ سائين قلندر لال شهباز زيارت ڪرائي ۽ چيائين
تہ درگاهہ مشوري شريف تي وڃي وڃونس ۽ سائينءَ جن کي اسانجا سلام بہ
چئجو. ان لاءِ اڄ درگاه شريف تي وڃي رهيو آهيان تہ جيئن سائينءَ جن کي
سمورو احوال عرض ڪِيان.

پوءِ درگاهہ شريف تي پهتا سون سياري جي موسم هئي. پاڻ ٻيپهري
نماز پڙهي ويٺا هئا تہ اُن شخص ڏاڍيان عرض ڪيو تہ سائين ياءُ چاڪ ناهي
مهينو سائين قلندر شهباز تي هيا سين، رات خواب ۾ فرمايائين تہ درگاهہ
مشوري شريف تي وڃو ۽ سائينءَ کي اسانجا سلام بہ چئجو ۽ عرض بہ
ڪجو، ان لاءِ هيڏانهن آيو آهيان هاڻي اوهان مهرباني فرمايو. ان جي ڳالهہ
ٻُڌي سندن جي اکين مان ڳوڙها مبارڪ جاري ٿي هليا پوءِ فرمايائون تہ
اسان مسڪين ڏي موڪليائون، پاڻ نظر نہ فرمايائون. پوءِ سائين بادشاهن
اُن سائِلَ کي فرمايو تہ شيشا پاڻيءَ جا سَت اٽ ڪٽي آ تہ سُياڻي پڙهي ڏيون.
پوءِ اهو شخص شِيشا پاڻيءَ جا پڙهائي ويو. ڪي ڏينهن گذريا تہ مونکي
وري مليو پڇيومانس تہ ڏي خبر ياءُ جي، چيائين تہ هاڻي بالڪل ٺيڪ آهي.

**نقل** 37: فقير نالي منو جتوئي(حسو جتوئي) نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي
آئون درگاهہ شريف تي سائين بادشاهن جي حضور ۾ هئس تہ هڪڙو شخص
درگاهہ شريف تي روئندو آيو. پاڻ ان وقت ٻيپهري نماز ڪان پوءِ طالبن کي
حديث پاڪ جو سبق پيا ڏين، پوءِ پاڻ شفقت جي نگاه مبارڪ ڪٽي
فرمايائونس تہ ڳالهہ ڪر چو ٿو روئين؟ عرض ڪيائين تہ قبلا سائين! پٽ آ
هڪڙو ان کي شادي ڪئي مَسَ ٽي مهينا ٿيندا، تنهن پنهنجي زال کي پاڙي
جي ڪنهن شخص سان غلط حالت ڏسي ماري وڌو ۽ ڪارو پڇي ويو. پوءِ

منهنجي ڇوڪري کي پوليس وٺي وئي ۽ جيل ۾ وڌائونس ۽ اُن ڇوڪريءَ کي مائٽ ڪٽائي ويا. ٽي ڏينهن گذريا ته مون کي چيائون ته اسان جي ڇوڪري بي گناه مارِي اٿوَ هاڻي تنهنجي ڇوڪري کان اڳ ۾ اسان تو کي ماريندا سين. پوءِ مون کي جيڪي پئسا چيائون ته مون ڀري ڏنا. پوءِ ڇوڪري کي خرچ ڪري ڪيس مان ڇڏايم. هاڻي هوُ چون ٿا ته ڇوڪري کي مارينداسين، سائين هاڻي اسان ڇا ڪريون، ٻنيون گهر ڇڏي ڪاڏي لڏي وڃون توهان کان سواءِ ٻي واه سمجهه ۾ نه آئي هاڻي جيئن سائين فرمائن. پاڻ دعا گُهري پوءِ فرمايائونس ته ڳالهه ٻُڌُ ڇوڪري کي وڃين چَئُ ته نماز پڙهي ۽ سُمهڻَ وقت صلوٰة شريف پڙهندو رهي جيسيتائين دل ڪڍيس پوءِ سُمهي پوي. پوءِ چوينس ته خوف لاهي گُهمي ڪوئي هٿ به نه لاهيندس. پوءِ هُو موڪلائي هليو ويو. ٻه چار ڏينهن گذريا ته اهو شخص موٽي آيو اسان پڇيو سيس ته مسئلي جو ڇا ٿيو. چيائين ته سائينءَ جا لَکَ احسان. جڏهن ڳوٺ ويس ته جيئن سائينءَ جن فرمايو هيو اوئن ڪيو سي ٻه ڏينهن گذريا ته اُهي ماڻُهون ٻه ٽي ٻيا ماڻهون وٺي آيا ۽ چيائون ته اسان کي هاڻي خبر پئي آهي ته برابر اوهان جي ڳالهه صحيح هئي اسان اوهان کي اجايو تنگ ڪيو آهي. هاڻي توهان اسان کي مُعاف ڪيو. مون چيو مانِ ته مان توهان کي معاف ڪيو.

**نقل38**: فقير الهورايو شيخ لاڑڪاڻي شهر جو رهندڙ نقل ٿو ڪري ته اسان اڳ ۾ شهر دريا خان ۾ رهندا هئا سون. هڪ دفعي سائين بادشاهه اسان جي ڳوٺ ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ تقرير مبارڪ فرمايائون تنهن کان پوءِ مون عرض ڪيو ته قبلا سائين! پُٽ جي اولاد ڪونهي. سو مهرباني ڪري دعا فرمائيندا ته پُٽُ ڄمي، پوءِ پاڻ فرمايائون ته پنو ۽ پين ڪٽي اچُ پوءِ پاڻ پني تي چار نالا لِکِي ڏنائون ۽ فرمايائون ته چار پُٽُ ٿِيندئي هي نالا رَکجانِ. پوءِ مونکي چار پُٽ ٿيا ۽ مون سندن جا ٻڌايل نالا انهن تي رکيا.

**نقل39**: فقير شوڪت جِهنجِهڻ محراب جهنجهڻ جي ڳوٺ جو رهندڙ نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي سائين بادشاه اسان جي ڳوٺ ۾ تشريف فرما ٿيا.

تقرير مبارڪ ڪان پوءِ پاڻ جڏهن اسريا ته ڳوٺ جو هڪ ماڻهُون سائينءَ جي ڪار جي اڳيان سُمهي پيو، پاڻ شفقت جي نگاه مبارڪ فرمايائونس. پوءِ ان عرض ڪيو ته قبلا سائين! منهنجي گهر قدم مبارڪ گهمايو. پاڻ فرمايائونس ته گهر ڪٿي اٿئي، عرض ڪيائين ته قبلا سائين! سامهون آهي. پوءِ پاڻ ان فقير جي گهر تشريف فرما ٿيا ۽ گهر ۾ هلي ننگر به واپرايائون، پوءِ فقير عرض ڪيو ته قبلا سائين! پٽ جي اولاد ڪو نه آهي. پاڻ مُرڪِي فرمايائون ته ٿڏي تي عيوضو نه ونجي. عرض ڪيائين ته قبلا سائين! پلا ڪنهن ڪي چوان. پاڻ فرمايائون ته هن دعوت ۾ ڪيترا ڪڪڙ ڪُنا اٿئي. فقير عرض ڪيو ته ٻه ڪڪڙ . پاڻ فرمايائونس ته پوءِ پُٽ ٻه ٻه ٿيندئي. پوءِ اُن کي ٻه پٽ ٿيا.

**نقل**40: فقير حاجي ميرل مشوري ڳوٺ ميٺا قمبر جي طرف جو رهندڙ نقل ٿو ڪري ته آئون جِدي ۾ پنهنجي دوستن سان گڏ رهندو هئس. خيال ڪيم ته حج ڪري پوءِ ڳوٺ ويندس. پوءِ هڪ رات پنهنجي دوستن سان گڏ سُتَل هئس ته اوچتو پوليس ڇاپو هڻي اسان کي پڪڙي جِدي جي جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو، جڏهن رات ٿي ته مون نماز سومهڻي جي پڙهي چار تسبيحون ذڪر شريف جون پڙهي پوءِ پنهنجي هادِي مرشد ڪريم مشوري شريف واري سائينءَ کي سَڏُ ڪيم، سائين بادشاهن کي سڏ ڪندي مون کي ٿوري ننڊ جي اوجهراڪي آئي، خواب ۾ ڏٺم ته منهنجا مرشد ڪريم مشورين وارا سائين منهنجي مٿي ڪان بيٺا آهن. مون کي پنهنجي هادي رهبر کي ڏسي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. پوءِ مون عرض ڪيو ته قبلا سائين! مون غريب جي مدد ڪندا ته مان حج شريف ڪيان. پاڻ فرمايائون ته حج ادا ڪندين، باقي صُبح جي آذان جِدي شريف جي مسجد شريف ۾ ٻُڌندين جنهن پوليس تو کي جيل ۾ بند ڪيو آهي اها ساڳي پوليس تو کي سَڏُ ڪري جتي تون چوندين اتي توکي پهچائيندي..! اتي مان سُجاڳ ٿي پيس ته هڪ دوست چيو ته فقير وري رڙيون ڪندين ڇا؟ ان کي چيم ته منهنجو ڪم ٿي ويو، منهنجو صبح جو مديني شريف ڏي سفر ٿيندو. پوءِ فجر ڪان ٿورو

اڳ ۾ هڪ ڳاڙهي رنگ جي گاڏي جيل جي دروازي وٽ اچي بيٺي ۽ انهيءَ گاڏيءَ مان هڪ آفيسر لٿو ۽ چيائين ته حاجي ميرل پاڪستاني ڪهڙو آهي؟ اهو اٿي بيهي. ان وقت منهنجي اکين ۾ پاڻي ٽري آيو ۽ مان اٿي بيٺس. پوءِ انهيءَ آفيسر چيو ته ٻاهر اچ ۽ پنهنجو سامان کڻي اچ، جڏهن اها خبر منهنجي دوستن کي پئي ته پڇا ڪيائون ته ڪاڏي ٿو وڃين؟ مون انهن کي چيو ته مان مديني شريف ٿو وڃان. پوءِ مون کان ان آفيسر پڇو ته ڪٿي ويندين مون ان کي چيو ته مديني شريف ويندس. پوءِ ان گاڏي ۾ چڙهي ان آفيسر کان پڇيم ته توهان مون کي ڪهڙي نموني سڃاتو ۽ منهنجو نالو ڪٿي ڪيئن سَڌُ ڪَيَوَ؟ مون سان ته ٻيا به دوست گڏ هئا. ان آفيسر چيو ته آءُ پنهنجي ڪمري ۾ سُتل هئس خواب ۾ ڏٺم ته هڪڙو نوراني چهري سان بزرگ آيو آهي. مون کي چيائين ته هڪڙو شخص جِدي شريف جي جيل ۾ بند آهي انهيءَ جو نالو ۽ پار پتو هيءُ آهي تنهن کي وڃي آزاد ڪراءِ. ان جي اها ڳالهه ٻڌي منهنجي اکين مان پاڻي وهي هليو پوءِ مون چيو مانس ته ادا! اهو بزرگ منهنجا مرشد ڪريم مشوري شريف وارا سائين هئا تنهن کان پوءِ مون ان کي جتي چيو ان مونکي اتي لاٿو ڇ موٽي ويو.

**نقل 41:** فقير دُر محمد شيخ ويٺل ڳوٺ دريا خان جو نقل ٿو ڪري ته 1945ع جي وقت جي ڳالهه آهي ته ماهوٽن جي شهر ۾ منهنجي هڪ مائٽياڻي رهندي هئي. مون خيال ڪيو ته ان سان نڪاح ڪريان. پوءِ مون انهن مائٽن کان سڱ گهريو. انهن مونکي چيو ته اڄ چيو اٿئي باقي اڳتي اهڙي ڳالهه ڪيئي ته پوءِ سنو نه ٿيندئي، مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پوءِ آئون درگاهه شريف تي سائين بادشاهن جي حضور ۾ حاضر ٿيس ته عرض ڪيم ته قبلا سائين! دعا فرمايو ته مون کي مائٽ سڱ ڏين. پاڻ فرمايائون ته ڇوڪري ڏني اٿئي؟ جو اسان کي ٿو چوين. عرض ڪيم ته هائو قبلا سائين! پاڻ فرمايائون ته انهن مائٽن کي چورايو اٿئي؟ عرض ڪيم ته هائو قبلا سائين!، پوءِ ڇا ٿا چون؟ سائين! چون ٿا ته وري جيڪڏهن چوندين ته

سنو نہ ٿيندئي. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ هاڻي وجين وري چورائين پوءِ جيئن چون اچي مونکي ٻڌاءِ. پوءِ مون انهن مائٽن کي ڪن ماڻهن هٿان چورايو تہ مائٽن چين تہ اڳ ۾ اسان انهيءَ کي جواب ڏنو آهي. اڳتي جيڪڏهن ڪنهن ٻئي ماڻهون کي چوندو تہ مار ڪيندا سونس. پوءِ اچي سائين جن کي عرض ڪيم تہ سائين! توهان حڪم فرمايو تہ چورائين مون چورايو مانِ ۾ هُو تہ دڙڪا ڏئي موڪلين ٿا. پاڻ مُرڪي فرمايائون تہ دڙڪا ڏياري موڪليا اٿن، عرض ڪيم تہ هائو سائين، پاڻ فرمايائون تہ هاڻي ڏس الله سائينءَ جي قدرت اها چوڪري تو کي ئي ملندي تون صبر ڪري ويهي رهہ. پوءِ مون کي خبر پئي تہ ٻي هنڌ ان کي مڱائي چڏيو اٿن، مون سائين بادشاهن جي حضور ۾ عرض ڪيو تہ سائين! چوڪري تہ مڱجي وئي. پاڻ فرمايائون تہ اها زال تنهنجي ٿيندي. پوءِ اڳتي هلي انهن شاديءَ جي تاريخ ٻڌي ڇڏي. وري حضور ۾ عرض ڪيم تہ سائين! شاديءَ جي تاريخ ٻڌجي وئي آهي. پاڻ فرمايائون تہ زال تنهنجي ٿيندي!. نيٺ مان سندن جي فرمان مطابق چُپ ڪري ويهي رهيس آخرِ اڳتي هلي خير سان ڄڃ ڪنوار جي در تي پهتي. انهيءَ ڏينهن شام جو درگاهہ شريف تي سائين بادشاهن جي حضور ۾ اچي عرض ڪيم تہ قبلا سائين! اڄ چوڪريءَ جي شادي ٿيندي، پاڻ فرمايائون تہ اها زال تنهنجي لکيل آهي ٻيو ڪو پرڻجي نہ سگهندو. عرض ڪيم تہ اجان انتظار ڪريان!؟..... پاڻ فرمايائون تہ تڪڙو وڃ پنهنجي ڳوٺ، اڄ رات مائٽ تنهنجي انتظار ۾ آهن. جڏهن سِجَ لٿي جو ڳوٺ پهتم تہ اچي گهر چُپ ڪري ويهي رهيم. خدا جي قدرت نڪاح جو وقت ٿيو تہ شاهد ۽ وڪيل جڏهن ڪنوار جي گهر پهتا تہ گهر ۾ گهوٽيتن ۽ ڪنواريتن جو جهيڙو ٿي پيو هڪ ٻئي کي لنيون هڻي رتو رت ڪري وِڌائون ۽ ڄڃ واپس هلي وئي. پوءِ انهن چيو تہ فقير جي بد دعا لڳي آهي جو آيل ڄڃ واپس هلي وئي آهي پوءِ راضي ٿيا ۽ گهران سڏي سَڱُ ڏنائون ۽ خير سان شادي ٿي وئي.

**نقل**42: فقير حاجي خان محمد پنّو ۽ فقير سعيد احمد شيخ هي نقل بيان ٿا ڪن تہ هڪ دفعي اسان ٻارهين تاريخ شعبان جي درگاھ شريف تي آياسي ۽ سائين بادشاهن کي عرض ڪيو سي تہ قبلا سائين! اسان کي اجازت ڏيو تہ قلندر شهباز جي زيارت ڪرڻ وڃئون ۽ ارڙهين تاريخ شعبان جي ميلو بہ ڏسي اچئون، پاڻ فرمايائون تہ اُهي ٽئي ڏينهن ميلي جا قلندر شهباز پنهنجي آستاني تي نہ هوندو آهي پوءِ زيارت ڪنهنجي ڪرڻ ويندئو. باقي هڪ مهينو گذري تہ پوءِ توهان کي اجازت ڏينداسين. جڏهن شوال جو مهينو آيو تہ وري درگاھ شريف تي ٻئي گڏجي آيا سين ۽ حضور ۾ عرض ڪيو سين تہ هاڻي قبلا سائين! مهرباني ڪري اجازت ڏيڻ فرمائيندا. پوءِ پاڻ مُرڪي فرمايائون تہ هاڻي ڀلي وڃو تہ جيئن ملاقات بہ ٿئي ۽ اسان جي طرفان سائين قلندر شهباز کي سلام عرض ڪجو ۽ يٰسين شريف پڙهي اها بہ حوالي ڪجو. پوءِ اسين سائينءَ جن ڪان موڪلائي جڏهن سيوهڻ شريف جي اسٽيشن تي پهتا سين تہ هڪڙو نوراني چهري سان سفيد لباس ۾ حسين بزرگ نظر آيو جنهن جي چهري ۾ رُعب ۽ تاب هيو. اسان هن کي نہ ڏٺو مگر ان بزرگ اسان کي گاڏيءَ مان لهندي ڏسي فرمايو تہ اوهين فقير درگاھ مشوري شريف جا آهيو؟ اسان هائو ڪئي سي، پوءِ ان بزرگ چيو تہ مونکي سڃاڻو ٿا آئون ڪير آهيان؟ اسان انهيءَ کي چيو تہ نہ سائين، چيائين تہ هلو منهنجو آقا اوهان کي دعوت ڪارائيندو پوءِ هڪ جڳهہ تي وٺي ويو جتي هڪ ٻيو بزرگ ويٺو هيو جنهن جي چهري ۾ نورانيت، رعب تاب ان پهرين شخص کان بہ وڌيڪ هيو چيو تہ هاڻي هلي منهنجي دعوت کائو. پوءِ اسان کي وٺي دعوت ڪارايائين پوءِ اسان روضي پاڪ تي زيارت ڪري سائين بادشاهن جا سلام پيش ڪياسي ۽ واپس موٽي آيا سي. پوءِ جڏهن اسان درگاھ شريف تي حاضر ٿيا سين تہ پاڻ فرمايائون تہ هڪ نوراني چهري وارو بزرگ اوهان سان مليو؟ عرض ڪيو سين تہ هائو قبلا سائين اسٽيشن تي مليو. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ سُڃاتَوَ؟ عرض ڪيوسين نہ تہ قبلا سائين پاڻ فرمايائون تہ اهو ئي قلندر لال شهباز هيو.

**نقل**43: نقل ڪندڙ حضرت صاحبزاده وڏا قبلا سائين ميان سائين دامت برڪاتهم العاليہ پاڻ فرمايائون تہ مون سائين بادشاهن قدس سره ڪي مسجد شريف ۾ مراقبو ڪندي ڏٺو دل ۾ چيم تہ هاڻي مان گهر وڃي آرام ٿو ڪيان. جڏهن حاويلي شريف تي ويس تہ اتي ڏسي حيران رهجي ويس تہ پاڻ ڪمبل ويڙهيو اتي ويٺا هئا.

**نقل**44: صاحبزاده وڏا حضرت قبلا سائين ميان سائين جن نقل ٿا فرمائن تہ هڪ دفعي لاڙڪاڻي شهر ۾ جلسو هيو. تمام گهڻي خلق موجود هئي تقرير مبارڪ کان بعد هر ڪنهن سائينءَ جن سان ملڻ واسطي هڪ بئي کي ڌڪا ٿي ڏنا. اهڙي حالت ڏسندي پوءِ سائين بادشاهن ڪجهہ پڙهي پاڻ تي دم ڪيائون تہ اسان جي نظرن کان غائب ٿي ويا. پوءِ جڏهن لاڙڪاڻي جي اسٽيشن تي آياسون تہ پاڻ اتي بينچ تي ويٺا هئا.

سک رمز وجـــود وڃاوڻ دي
جسـم ڪـــون اسـم بڻاوڻ دي
نـهيـن حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي

**نقل**45: فقير رضا محمد شيخ نقل ٿو ڪري تہ جواني ۾ آئون بگي گهوڙو هلائيندو هيس ۽ جاهل شيعو هيس جو سائين بادشاهن کي نہ مڃيندو هيس. مون کي ڇهہ نياڻيون هيون ۽ پُٽ جو اولاد ڪونہ هيو، پر منهنجي گهرواري بزرگن جي اعتقاد واري هئي. مون کي چيائين تہ سائين مشورين واري ڏي وڃ ۽ اتان دعا وٺي اچ تہ پٽ جي اولاد ٿئي. تنهن تي مون ان کي جهڻڪيو تہ عالمن وٽ ڇا آهي؟ منهنجي گهر واري چيو تہ ادب ڪر منهنجو اعتقاد آهي ۽ تون وڃ. پوءِ درگاهہ شريف تي آيس ۽ جماعت سڳوري کان پوئتي ويٺو هيس پوءِ مون تي سائين بادشاهن اهڙو تہ توجهہ فرمايو جو مون ريڙهيون پائي قدمن مبارڪن تي چمي ڏني، پاڻ احوال پڇيائون ۽ دعا ڏنائون ۽ فرمايائون تہ وڃ هاڻي توکي پُٽ ئي پُٽ ڄمندا. پوءِ جڏهن گهر پهتس تہ گهرواريءَ چيو تہ هاڻي تون ڏسجانءِ. تنهن کانپوءِ سائين جن جي

دعا سان مونکي پُٽ ئي پُٽ ٿيا. پوءِ شيعي طريقي کان توبه ڪيم ۽ اهلسنت وارو طريقو اختيار ڪيم جو اِهو ئي حق آهي.

چگن سان چگايون ايئن ته سڀ ڪي هوءِ
تو جيئن ڪري مَ ڪوءِ بچڙن سان ڀلائيون

**نقل**46: فقير محمد صديق ڪلهوڙو نقل ٿو ڪري ته منهنجي پُٽ نالي مني جي شادي کي ڏهه سال ٿي ويا هئا پر اولاد نه پئي ٿيو. مان سائين بادشاهن جي حضور ۾ عرض ڪندو ايندو هئس. هڪ دفعي پاڻ 17 ربيع الاول تي هن مسڪين جي عرس شريف جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا. جڏهن دعوت ڪائي پاڻ اسرن پيا ته ٻانهون ٻڌي حضور ۾ عرض ڪيم ته قبلا سائين! منهنجي پٽ نالي مني کي هڪ پٽ خداوند ڪريم کان وٺي ڏيو. پاڻ فرمايائون ته هڪ ڇو گهٽا نه وٺندئي ڇا؟ پوءِ پاڻ دعا فرمائي اُسري ويا. پوءِ سائينءَ جن جي مهرباني ۽ دعا سان نالي مني کي ڇهه پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. جن مان ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي وفات ڪري وئي. باقي چار پٽ ۽ ٻه نياڻيون حال حيات آهن.

**نقل**47: فقير حاجي محمد دائود شيخ ويٺل لاڙڪاڻه نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي منهنجي هڪ مائٽ جي گهرواري پورن مهينن سان اميد واري هئي. ان کي اسپتال کڻي ويا. آچر جي موڪل هئي. ان ڪري ڪو به وڏو ڊاڪٽر موجود نه هو. ڪنهن ان کي ڏس ڏنو ته سائين بادشاهن کان تعويذ وٺي اچو ته مسئلو حل ٿي ويندو ۽ انهن کي ڊاڪٽرن ٻڌايو ته ٻار پيٽ ۾ ٽن ڏينهن کان مري ويو آهي ۽ آپريشن ٿيندو نه ته مائي مري ويندي جو زهر چڙهي ويو اٿس. ان ڏينهن موڪل هجڻ جي ڪري ڪو به ڊاڪٽر آپريشن ڪرڻ وارو موجود نه هو. پوءِ منهنجو ڀاڻيجو اسان جي گهر آيو ان وقت اسان باقراڻي روڊ لاڙڪاڻي ۾ رهندا هئا سين. اهو عرس شريف جو مهينو هو ان وقت سائين بادشاه خير سان هن فقير جي عرس شريف جي دعوت ڪائي دعا فرمائي، ٻين فقيرن جي دعوت تي هليا هئا. خبر پئي ته پاڻ حاجي ڪريم بخش شيخ جي گهر تشريف فرما آهن. پوءِ اتي وڃي قدم بوسي ڪئي سون.

پاڻ فرمايائون تہ هاڻي درگاهہ شريف تي هلون ٿا. هلو تہ جلدي تعويذ ڏيون ٿا شفا ٿي ويندي. پوءِ پاڻ درگاهہ شريف تي آيا ۽ تعويذ جي مهرباني فرمايائون ۽ فرمايائون تہ هاڻي وڃين ٿاهي پارائي چڙيو دير نہ ڪريو. پوءِ ان تعويذ پارائڻ سان مسئلو حل ٿي ويو ۽ مائي جي حياتي بچي وئي. هي ڏينهن پاڻ حاجي ارباب شيخ جي جاءِ تي نماز ٻيپهري پڙهي پوءِ تعويذ جو پڇيائون تہ ڪالهہ جيڪو تعويذ ڏنو هيو سين ان جو ڇا ٿيو؟ عرض ڪيو سون تہ قبلا سائين خير ٿي ويو ۽ سارو احوال پيش ڪيو سون.

**نوٽ** : پڙهندڙ ايئن نہ سمجهي تہ هي ڪرامت تہ تعويذ جي آهي پر اهو ڏسي تہ تعويذ ڏنو ڪنهن ڇو تہ الله وارا جڏهن مهرباني ڪندا آهن تہ ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ کي ظاهري سبب بڻائيندا آهن نہ تہ تعويذ اتي تہ گهڻيءَ گهڻيءَ ۾ ملي ويندا پر اهڙا ڏيڻ وارا هٽ هر جاءِ ناهن ملندا.

**نقل48**: فقير حاجي محمد دائود شيخ نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي جمع ڏينهن سائيڪلن تي رائيس ڪئنال جي ٽاپ سان درگاهہ شريف تي اچي رهيا هئا سين تہ رستي ۾ هڪ شخص مليو جيڪو پنڌ ڪري اچي رهيو هو. اسان ان کي چيو تہ سائيڪل تي ويهہ تہ توکي ڪٽي هلون. اسان کي چيائين تہ پنڌ ڪري سائين بادشاهن وٽ حاضر ٿيندس. پوءِ اسان درگاهہ شريف تي پهتا سون ۽ حاويلي شريف جي دروازي مبارڪ تي دستور موجب ديدار انوار جي لاءِ بيٺا هئا سين ۽ پاڻ خير سان جمعي نماز لاءِ تشريف فرما ٿي رهيا هئا تہ اهو شخص بہ پهچي ويو ۽ عرض ڪيائين تہ سائين مان سکر مان آيو آهيان. منهنجي مشڪل حل ڪرڻ فرمايو. پاڻ فرمايائون تہ جمع نماز پڙهون پوءِ تو سان احوال ڪيون ٿا، نماز کان بعد دستور موجب پاڻ حاويلي شريف ڏي اسري رهيا هئا تہ اهو شخص اڳ ۾ اچي دروازي مبارڪ تي بيٺو ۽ عرض ڪيائين تہ قبلا سائين! مان سکر کان آيو آهيان. منهنجو پٽ جوان آهي. اڳ ۾ اسان پنهنجي برادري ۾ مائٽي ڪئي هئي، هن وقت ڇوڪريءَ جو پيءُ جيڪو اسان کان ڪجهہ وڌيڪ مالدار آهي ۽ هاڻي ڇوڪريءَ جو سڱ نٿو ڏئي. هاڻي منهنجو پٽ بہ هڪ آهي ۽ ڇوي تو

تہ منهنجي شادي منهنجي مڱينديءَ سان نہ ٿيندي تہ سکر جي پل تان دريا ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪندس. پوءِ پاڻ سائينءَ جن فرمايو تہ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو نالو ٻڌاءِ. پوءِ پاڻ هڪدم دعا فرمائي ۽ فرمايائونس تہ انشاءالله تنهنجو ڪم ٿيندو هاڻي ترس ۽ ننگر ڪري پوءِ وڃ. عرض ڪيائين تہ قبلا سائين! بس هاڻي منهنجو ڪم ٿيو ۽ آئون بالڪل مطمئن آهيان. پوءِ اهو شخص ساڳي رائيس ڪئنال جي ٽاپ سان پنڌ روانو ٿيو، اسان چيس تہ توکي لاڙڪاڻي تائين سائيڪل تي ڪٽي هلون، چيائين تہ نہ مان پنڌ ويندس. پوءِ وري ڪجھ ڏينهن کان بعد جمعي ڏينهن ساڳيو ئي شخص ساڳي ٽائيم تي رائيس ڪئنال جي ٽاپ ڏئي درگاھ شريف تي پنڌ ايندي ڏٺوسين. اسان پڇيوسيس تہ وري ڪيئن پنڌ پيو آهين. چيائين تہ منهنجو ڪم ٿي ويو آهي ۽ سائين بادشاهن کي مبارڪ ڏيڻ لاءِ وري آيو آهيان. پوءِ اچي سائين بادشاهن کي مبارڪ ڏنائين ۽ گهڻا شڪرانا ادا ڪيائين.

**نقل**49: فقير حاجي محمد دائود شيخ نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي ٻوڏ جو زمانو هئو ۽ اسان جا مائٽ ڪراچي لڏي ويا هئا. هن فقير کي بہ زور ڪيائون تہ تون بہ ڪراچي هل. پوءِ هن عاجز درگاھ شريف تي سائين بادشاهن کي عرض ڪيو تہ قبلا سائين! ڪراچي هلڻ لاءِ چئي رهيا آهن ليڪن لاڙڪاڻي ۾ ٻوڏ اچي وئي تہ اسان سائينءَ جن وٽ اچي رهندا سون جو ٻي هنڌ امن جي جڳھ ڪا نہ آهي. پاڻ فرمايائون تہ جي لاڙڪاڻي ٻوڏ آئي تہ اسان ڪهڙو پري آهيون ۽ فرمايائون تہ اسان کي پنهنجي جان کان وڌيڪ ڪتب خانو آهي جنهن ۾ هڪ ٽرڪ تہ ديني ڪتاب آهن. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ الله سائين قادر آهي هاڻي ئي ٻوڏ ختم ڪري تہ ڪري ٿو سگهي. پوءِ دعا فرمائي هليا ۽ هلي پاڻ ڪجھ پٿر ڪٽي دم ڪري رائيس ڪئنال تي هلي اڇلايائون پوءِ واپس موٽي آيا. ٻي ڏينهن تي خبر پئي تہ پاڻي لهي ويو آهي ۽ ٻوڏ جو خطرو ٽري ويو آهي.

**نقل**50: فقير مولوي حبيب الرحمان نقل ٿو ڪري ته حضرت قبلا سائين سخي نالي مٺا سائينءَ(مرشدن ڪريمن جا ننڍا صاحبزاده)جن ڪان ٻڌم ته پاڻ فرمايائون ته هندو ۽ سکن مسلمانن سان وڏيون ناجائزيون ڪيون هيون پوءِ جڏهن الله وارن جي دعا سان پاڪستان بڻيو ته پوءِ مسلمانن به ڪجھ سرڪش هندن ۽ سکن کي قتل ڪيو. تنهن تي حد جي صوبيدار ربنواز، سائينءَ جن تي ڪيس ڏاهيو ته اهو ڪم مشورين وارو سائين ٿو ڪرائي ۽ ان جو مُک جوابدار سائين بادشاهن کي ڪيائين ۽ منظوري وٺڻ مٿي ايس. پي. ڏي ويو. جڏهن اتي پهتو ته صوبيدار ربنواز تي اڳيئي ڪو قدرتي ڪيس نهيو پيو هئو. وجهڻ سان هن کي گرفتار ڪري جيل اماڻي ڇڏيائون ۽ مري به جيل ۾ ويو وري موٽي پنهنجي گهر جو در نه ڏٺائين. (تڏهن حديث پاڪ قدسي ۾ آيو آهي ته جنهن منهنجي ڪنهن وليءَ سان دشمنيءَ جو ارادو ڪيو ته مان الله عزوجل جي ان سان اعلانِ جنگ آهي)

**نقل**51: فقير حافظ نثار احمد ميراڻي ڏوڪري جو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي فقير دُر محمد موچيءَ تي ڪن دشمنن حيدر آباد ۾ ڪوڙو ڪيس ڪيو ۽ هن کي حاضري لاءِ اطلاع مليو. پوءِ تمام پريشان ٿي پيو ته الائي ڇا ٿيندو. سائين بادشاهن کي عرض ڪيائين پاڻ فرمايائونس ته تون سُست ڇو ٿيو آهين؟ حاضري تي وڃ توکي ڪجھ به نه ٿيندو. پوءِ جڏهن حيدر آباد ويو ۽ اتي سڏ ٿيس ته اجان جو ڪٺي درخواست ڳولن ته ڪاغذ ئي گم آهن گهڻو ئي ڳولهيئون پر ڪاغذ نه لڀين ۽ پوءِ فقير کي موڪل ڏنائون.

**نقل**52: فقير حاجي ڇام جوڻيجو نقل ٿو ڪري ته آئون جڏهن پهرين حج تي ٿي ويس ته ڪراچي ۾ اسان جو ڪم نه پيو ٿئي ۽ وڃڻ جو شوق به ڏاڍو هو. پوءِ سنگت کي حاجي ڪئمپ ڪراچي ۾ ڇڏي آئون سڌو درگاهه شريف تي آيس ۽ سائين بادشاهن کي روئي عرض ڪيم. پاڻ دعا خير جي فرمايائون. آئون ڪراچي جو حال ڏسي آيو هئس تنهن ڪري مون کي تسلي نه پئي ٿئي، جماعت سڀوري پئي چيو ته تون هليو وڃ سائين بادشاهن دعا گهري آهي پر مان ترسي پيم ٻي ڏينهن پاڻ صبح جو سبق پئي ڏنائون ته

آئون بہ پرسان بيٺو رهيس. پوءِ پاڻ مون ڏي نگاه مبارڪ ڪٽي فرمايائون تہ هاڻي تون وڃ ۽ تنهنجو ڪم ٿي ويو. پوءِ دل کي تسلي ٿي ۽ درگاھ شريف کان ڪراچي پهتس تہ اڳ ۾ ئي اسان جو سڀ ڪم تيار هيو ۽ پوءِ خير سان حج جي سعادت نصيب ٿي.
**نقل**53: فقير مولوي حبيب الرحمٰن ميراثي رهندڙ ڏوڪري نقل ڪري تہ حافظ سائين نالي مٺا سائين(سائين بادشاهن جا ننڍا صاحبزاده) جن فرمايو تہ مان ننڍڙو هئس تہ هڪ ڀيري رات جو هڪڙو چور حاويلي شريف جو لوڙهو لاهي ۽ سائين بادشاهن جي مينهنِ ٿي ڪاهيائين. جڏهن لوڙهي کان باهر نڪتو تہ هن کي ڪوٽ نظر آيو وري موٽي پيو ڏسي تہ ڪجھ بہ ڪونهي. وري هلڻ لڳو تہ وري ڪوٽ نظر آيس اهڙي طرح ہ ٽي دفعا ڪيائين. آخري ڀيري هن کي آسمان تائين ڪوٽ نظر آيو ۽ اڪين کان انڌو ٿي پيو پوءِ مينهن کي ڇڏي ڏنائين تہ صحيح ٿي ويو ۽ پڇي ويو. صبح جو معافي وٺڻ آيو تہ پاڻ معاف فرمايائونس ۽ پوءِ چوري کان توبھ ڪيائين.
**نقل**54: فقير مولوي علي محمد چانديو نقل ٿو ڪري تہ سائين بادشاهن جي نگاھ ڪرم سان مونکي مديني شريف ۾ روضۂ اطهر جي چارين مبارڪن کي پالش ڪرڻ جي ديوٽي ملي ۽ وري هڪ سال سهڻي گنبدِ خضرا کي رنگ ڪرڻ جو موقعو آيو تہ ان ۾ بہ مونکي شامل ڪيو ويو آخر جيڪو رنگ اسان کي مليو هيو تہ مٿي گنبذ خضرا کي لڳايو اسان لڳايو باقي ٻارنهن دٻا رنگ جا اتان بچيا اُهي اسان واپس دڪاندار کي ڏئي آياسين، پوءِ انهيءَ ڏينهن حاجي مير محمد شيخ وارا آيا. مان انهن کان سائين بادشاهن جي روضي شريف جي ڪم بابت پڇا ڪئي انهن ٻڌايو تہ سڀ ڪم تيار آهي باقي رنگ ڪرڻو آهي جيڪو هتان(مديني شريف) مان آڻڻ جو حڪم سائين نالي مٺي سائينءَ جن فرمايو آهي. اتي مون انهن سان ڳالھ ڪئي تہ روضي اطهر کان رنگ شريف بچيو آهي سائين نالي مٺا سائينءَ کان پڇيو تہ جيڪڏهن حڪم ڪن تہ اهو رنگ شريف روضۂ اطهر وارو وٺي روانہ ڪريون. سائين نالي مٺا سائينءَ جن کي ٽيليفون تي عرض

ڪيوسين پوءِ پاڻ فرمايائون تہ جلدي ڪيو دير نہ ڪيو. مان انهيءَ وقت نالي مٺي شيخ عبدالستار شيخ جي پٽ کي وني اهي بچيل ٻارنهن دٻا خريد ڪيا ۽ انهيءَ مهل ڪٺي اچي حاجي مير محمد شيخ وارن کي پيش ڪيا. جيڪو رنگ شريف اڄ سائين بادشاهن جي روضي شريف تي ڏنل آهي اهو گنبذِ خضراء وارو بچيل رنگ مبارڪ آهي.

**نقل**55: فقير واحد بخش ساريو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي 1974ع ۾ آئون پنهنجي امڙ ۽ گهرواريءَ کي حج تي وٺيون ٿي ويس. ان وقت هڪ ماڻهوءَ جو ڪرايو ٽي هزار روپيا هيو. مسين مسين نو هزار گڏ ڪيم. جڏهن پئسا بئنڪ ۾ ڀيارڻ ويس تہ بئنڪ وارن چيو تہ في ماڻهون جو ڪرايو ڇهہ هزا رپيا ٿي ويو آهي. پوءِ درگاهہ شريف تي سائين بادشاهن جي حضور ۾ آيس ۽ عرض ڪيم تہ قبلا سائين! نَوَ هزار بہ سُورن سان گڏ ڪيا اٿم، هاڻي وڌائي ارڙنهن هزار ڪيا اٿن. سائينءَ جن مهرباني ڪن. پاڻ فرمايائون تہ وڃ توکي پئسا پاڻِهي ملي ويندا. پوءِ گهر آيس ۽ جنهن ماڻهوءَ ۾ اميد بہ نہ هئي ان پاڻ مرادو اچي پيسا ڏنا ۽ چيائين جڏهن ٿينين تہ واپس ڪجانءِ. وري چا ٿيو جو امڙ جو ۽ گهرواريءَ جو پاسپورٽ آيو ۽ منهنجو ڪو نہ آيو. پوءِ وري سائين بادشاهن ڏي آيس. پاڻ مُرڪي فرمايائون تہ ڪتابن جي هيٺان اچي ويو هوندن ٻئي ڏيهاڙي اهو بہ توکي ملي ويندو پوءِ ٻيو ڏيهاڙيو ٿيو تہ پاسپورٽ بہ اچي ويو ۽ خير سان سفر تي وڃڻ ٿيو.

**نقل**56: فقير حاجي غلام مصطفيٰ مشوري نقل ٿو ڪري تہ عبدالخالق شاه آريجن واري وٽ آئون حڪمت جو ڪم سکندو هئس ۽ فقير محمد ڇٽل پيرزادو بہ اتي گهڻو ايندو هيو. پوءِ هڪڙي ڀيري عبدالخالق شاه ان کي چيو تہ ٻاهُ مون کي پٽ لاءِ سگ ڏنو آهي. هو راضي آهي پر هن جي گهر واري اسان کان بيزار آهي. هن جو خيال ٻئي هنڌ آهي تنهن ڪري توهان سائين بادشاهن وٽ گڏجي هلو تہ دعا لاءِ عرض ڪريون. پوءِ صبح جو سويري فقير محمد ڇٽل ۽ عبدالخالق شاه ٻئي موٽر سائيڪل تي چڙهي

درگاهه شريف تي سائين بادشاهن جي حضور ۾ ويا. سائينءَ جن عبدالخالق شاهه کي ٻانهن کان وٺي ۽ ڪتب خاني ڏي تشريف وٺي ويا. محمد چنل کي فرمايائون تہ تون اتي ويهه پوءِ عبدالخالق شاهه سائينءَ جن عرض ڪيو. تنهن تي پاڻ ڪجهه وقت خاموش رهيا. پوءِ فرمايائون تہ اهو سڱ توهان جي ئي قسمت ۾ لکيل آهي توهان کي ئي ملندو. ان ڳالهه جو ذمو اسان تي آهي. پوءِ دعا فرمايائون ۽ ننگر ڪارائي پوءِ انهن کي اجازت ڏنائون. ٻہ ٽي ڏينهن گذريا تہ عبدالخالق شاهه جي ياءُ جي گهرواري فوت ٿي وئي. پوءِ ياڻس پاڻ ماڻهون موڪليس تہ پنهنجو سڱ وٺي وڃ. پوءِ عبدالخالق شاهه پٽ جي شادي ڪرائي آيو.

**نقل**57: فقير محمد رمضان ڪانڌڙو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهه شريف تي آيس تہ پاڻ پَرِينءَ پر زمين تي تشريف فرما هئا. اتي مٽرن جي لوڙهه ٻہ هجي ۽ ڪٽڪ ٻہ ڪاهرائي هئائون. پوءِ فرمايائون تہ ڪٽڪ موچاري ٿي آهي پر پاڻيءَ جي ضرورت اٿس. تنهن تي مون عرض ڪيو تہ قبلا سائين! مينهن وسي تہ ڪٽڪ پلي ٿي ويندي. پوءِ دعا خير جي گهريائون. ٽن ڏينهن کان بعد مينهن اُنو ۽ ڪٽڪ پرجي وئي ۽ فصل سٺو ٿيو.

**نقل**58: ساڳيو فقير نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي مان بيمار ٿي پيس ايستائين جو طبيبن لاعلاج ڪري ڇڏيو پوءِ مائٽ مونکي درگاهه شريف تي کڻي آيا. مون کي وات مان پاڻي پيو اچي ۽ بي هوش هيس. مائٽن کي منهنجي بچڻ جو آسرو بالڪل ڪونہ هيو. پوءِ سائين بادشاهن کي عرض ڪيائون تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ نہ مرندو اڳتي زمانو ڏسندو حياتي وڏي اٿس. پوءِ دعا فرمايائون ۽ مان ڪجهه ڏينهن ۾ چڱو ڀلو ٿي ويس.

**نقل**59: فقير حاجي واحد بخش ساريو ٻاڊهه جو نقل ٿو ڪري تہ دستور موجب هر جمعي تي درگاهه شريف تي ايندا هيا سين. جمعي نماز کان بعد سائين بادشاهه تقرير مبارڪ فرمائيندا هئا. تقرير مبارڪ کان بعد اجازت وٺي قدم بوسي ڪري هليا ايندا هيا سين. ان وقت ٻاقراڻي اسٽيشن هئي ۽

مشوري شريف اسٽيشن پوءِ ٽي. گاڏي رات جو ايندي هئي. هڪ جمعي تي جيئن قدم بوسي ڪري اجازت گهري سون تہ پاڻ فرمايائون تہ انهيءَ ساڳي رستي سان نہ وڃجو. باقي رستي ڪان ڏکڻ طرف انجنيري بنگلن ڪان واهہ آهي ان رستي سان وڃجو. پوءِ اسان ڪجهہ فقير واهہ ڏئي ويا سين ڪجهہ فقير چوڻ باوجود ساڳي رستي سان ويا تہ چورن ڪان پاڻ ڦرائي رڳو گوڏ ۽ گنجي ۾ اچي اسٽيشن باقراڻي تي پهتا. پوءِ اسان انهن کي چيو تہ مرشد ڪريم جيئن فرمائي ايئن ڪجي نہ تہ مريد ڪچو آهي ۽ نقصان ۾ بہ ايندو.
**نقل**60: فقير واحد بخش ساريو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي 1996ع ۾ مون کي پٿري ٿي پئي. آئون درگاهہ شريف سائين بادشاهن جي روضي پاڪ تي عرض ڪري ڪراچي سول اسپتال هليو ويس. ان وقت ڊاڪٽر اديب رضوي پرائيويٽ اسپتال ۾ پٿري جا ستر هزار رپيا وٺندو هيو. سرڪاري اسپتال ۾ داخلہ ڏادي ڏکي ملندي هئي. پوءِ جڏهن پهتس تہ ڊاڪٽرن چيو تہ بسترو خالي ڪونهي. آخر ڪوشش ڪان بعد بسترو مليو. جڏهن آپريشن جو وارو آيو تہ مون کي بہ وٺي ويا ۽ ٻيو وري وزير اعليٰ جو سفارشي ماڻهو هيو. جڏهن آپريشن ٿيٽر ۾ پهتاسين تہ هڙتال ٿي پئي ۽ آپريشن ڪينسل ٿي ويو ۽ واپس موٽائي ٻيون تاريخون ڏئي ڇڏيئون. پوءِ جيڪو وزير اعليٰ جو سفارشي ماڻهو هيو ان جو لکيائون تہ آپريشن سومر تي ڪندا سين ۽ مون کي چيائون تہ تنهنجو آپريشن خميس تي. منهنجي پاسي ۾ هڪ پيرسن شخص عبدالرشيد عمر ڪوٽ جو هيو ۽ وهابي طريقي جو هيو. پوءِ جڏهن اتي ويٺلن ٻين مريضن سان آئون پنهنجي مرشد ڪريم مشوري شريف واري سائينءَ جون ڳالهيون ڪندو هيس تہ ٻين کي تہ وڻنديون هيون پر هن کي نہ وڻنديون هيون. رات ٿي تہ اهو جيڪو وزير اعليٰ جو سفارشي ماڻهو هو مون وٽ آيو ۽ ڊاڙ هڻڻ لڳو تہ توکي مٽائي خميس تي ڪيائون ۽ منهنجو سومر تي آپريشن ڪندا. مون کي ان جي اهڙي ڳالهہ تي جوش اچي ويو ۽ مرشد ڪريم کي سنيالي چيومانس تہ هاڻي جو ڊاڙ ٿو هڻي تہ مان توکي ٻڌائي ٿو ڇڏيان تہ منهنجو آپريشن سومر تي ٿيندو ۽

توکي اجان پوئين تاريخ تي اچلائي ڇڏيندا. منهنجي اها دعوىٰ ان وهابي شخص عبدالرشيد جو ٻڌي تہ ٽوڪ ڪندي چيائين تہ فقير جي ايئن ٿيو تہ مان بہ تنهنجي مرشد جو مريد ٿيندس. پوءِ توهان حق تي آهيو ۽ اسان ناحق تي آهيون. پوءِ آچر جي ڏينهن اديب رضوي آيو ۽ مون کي چيائين تہ رات مون کي اهڙو خيال ٿيو تہ تنهنجو آپريشن پهريان ڪريان پر تنهنجو بلڊ پريشر بہ سو کان بہ مٿي بيٺو آهي ان ڪري آپريشن نہ ٿي سگهندو. مون چيومانس تہ ڪڏهن آپريشن ٿيندو؟ ڊاڪٽر چيو تہ سومر جي ڏينهن، مون چيو تہ سومر جي رات بلڊ پريشر ڏسجو. مون کي چيائين تہ هي انهن ڏينهن ۾ بہ نارمل نہ ٿو ٿي سگهي. مون وراڻيو تہ جنهن توکي دل ۾ خيال وڌو آهي ان مون کي بہ خيال وڌو آهي تہ بلڊپريشر صحيح ٿي ويندو. اتي مريض چوڻ لڳا تہ هي نہ ولي آهي نہ ڊاڪٽر جو ايڏي ڊاڙ ٿو هڻي. جڏهن رات پئي تہ ڊاڪٽر اديب رضوي آيو ۽ جڏهن بلڊ پريشر ڏٺائين تہ حيران ٿي ويو. چيائين هي تہ جوانيءَ وارو بلڊ پريشر بيٺو آهي. اڄ ڏينهن تائين ايئن نہ ٿيو آهي جو اسان لِکون هڪ ڏينهن تي ۽ آپريشن وري اڳ ۾ ڪيون اها توسان ڪا ٻي مهرباني آهي. اها سڄي ماجره جو ان وهابي شخص ڏٺي تہ ان کان پوءِ اهو وهابي شخص منهنجي خدمت ڪرڻ لڳو پوءِ سومر جي ڏينهن منهنجو آپريشن ٿي ويو ۽ ڊاڪٽر مون کي پنجين ڏينهن موڪل ڏني. ان وزيرِ اعلىٰ جي سفارشي ماڻهو جو اجان آپريشن بہ ڪو نہ ٿيو هو، هن کي چيم تہ مان هاڻي وڃان ٿو.

**نقل** 61: حاجي شير محمد ابڙو وينل ڳوٺ ملان ابڙا جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ زمين جو ٽڪرو منهنجي گهر جي پرسان هيو ۽ اچڻ وڃڻ جي لاءِ بہ اتان ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي هئي. مان ان زمين جي مالڪ کان زمين جي خريد ڪرڻ لاءِ گُهرَ ڪئي مگر ڏيڻ ۾ نہ پيو نهي. هڪڙي دفعي درگاهہ شريف تي حاضري نصيب ٿي ۽ سائين بادشاهن جي حضور ۾ اهو عرض پيش ڪيم تہ سائين هڪ زمين جو نمبر گهرن جي پرسان آهي اتان لنگهڻ ۽ مال جي اچڻ وڃڻ جي بہ ڏاڍي تڪليف آهي پئسن تي خريد ڪرڻ لاءِ گُهرَ ڪيون ٿا

پر مالڪ ٺهي نٿو. ان لاءِ دعا فرمايو تہ ان جي سودي ۾ ٺهي پئي. تنهن تي پاڻ سائين بادشاهن فرمايو تہ حاجي شير محمد عرس شريف ڪندو آهين؟ هن مسڪين عرض گذاريو تہ هائو سائين! عرس شريف ڪندو آهيان. پوءِ فرمايائون تہ عرس شريف ڪرين تہ ديڳيون ان زمين ۾ اندر رڌرائجان، سائين ڪريمﷺ توکي ٻني ڏئي ويندا. پوءِ سائين بادشاهن جي حڪم مطابق عرس شريف جي ننگر جي ماني لاءِ ديڳيون زمين جي مالڪ کان موڪل وٺي ان زمين ۾ چاڙهيون سين توڙي ان وقت هر ڪاهيل هئا تہ بہ سڄو ڪم ننگر جو ان ڪيڙي واري ٻني ۾ ڪيو سون ۽ جيئن پاڻ پنهنجي زبان مبارڪ سان فرمايائون تہ ٿيو بہ ايئن جو عرس شريف جي پروگرام گذرڻ بعد اهڙي ڪا مهرباني ٿي جو جلدي بنا تڪليف جي سودو ٿي ويو ۽ زمين ملي وئي، جماعت جي ننگر ڪرڻ بعد ٻَر واري خالي زمين ۾ رڳو هڏا اچلايا سين تہ اها بہ ملي وئي. اها سڀ مهرباني مديني جي سائينﷺ ۽ مرشدن ڪريمن جي آهي.

**نقل**62: صفدر علي قريشي ايڪسائيز ڊپارٽمينٽ ۾ انسپيڪٽر آهي رهندڙ لاهوري محلہ لاڙڪاڻي جو نقل ٿو ڪري تہ منهنجي والد کي ٻِلي ڳڙهہ(هڪ بيماري جو قِسم آ) نڪتو هو ان وقت هڪڙو ڊاڪٽر خداداد اسپتال ۾ هيو جيڪو منهنجي پيءُ سان گڏ پڙهيو هو. ان چيو تہ آپريشن کان سواءِ تو کي فائدو نہ ٿيندو مگر منهنجي والد صاحب جي دل نہ پئي ٻيهي ۽ گهبرائي پيو. پوءِ منهنجو ڏاڏو جنهن جي نسبت ۽ محبت درگاهہ شريف سان ڏاڍي هئي، اهو سوير ئي درگاهہ شريف تي پهتو ۽ سائين بادشاهن جي حضور ۾ عرض ڪيائين تہ قبلا سائين! منهنجي پٽ غلام مصطفيٰ کي ٻِلي ڳڙهہ نڪتو آهي پر آپريشن کان لهرائي ٿو. سائين بادشاهن فرمايو تہ آپريشن نہ ڪرائيندا سون ۽ اسان جو لعاب ڪنيون وچ ۾ پٽي لاهي ڦٽ جي مٿان لڳايو تہ سڀ خير ٿي ويندو. پوءِ جنهن وقت منهنجو ڏاڏو درگاهہ شريف کان موٽي آيو ۽ بابي سائين کي ڊاڪٽر رات جلاب ڏياريو هو ۽ آپريشن جي ڪري بيو ڪائڻ پيئڻ بند ڪرايائونس. ڏاڏي اچڻ سان ئي ڦٽ واري پٽي کولائي

سائين بادشاهن جي ڏنل لعاب لڳائي مٿان پٽي ٻڌي ڇڏي. ڊاڪٽر صاحب جيئن آيو تيئن ئي بابي سائين کي چيائين ته اٿي آپريشن لاءِ تيار ٿي؟ منهنجي والد صاحب چيو ته مان ماني کائي ڏئو کيو آهي ۽ آپريشن نه ڪرائيندس. تنهن تي ڊاڪٽر صاحب چيو ته آپريشن کان سواءِ کو نه ڇٽندين. پڇاڙيءَ ۾ جڏهن بابي سائين صفا جواب ڏنو ته ڊاڪٽر صاحب چيو ته پلا پٽي کوليو ته مَلَمَ پٽي ڪيون. پوءِ جڏهن پٽي کلي ۽ ڏٺائين ته ڦٽ ڪيئي حصا ڇٽي ويو آهي. پوءِ سڄي ڳالهه معلوم ڪرائي سون ته هتئون وارن ڊاڪٽرن جو ڪم نه آهي بلڪ الله سائين پنهنجي غيبي مدد فرمائي آهي ۽ سائين مشورن واري سائين جي دعا جي مهرباني ٿي آهي.

**نقل**63: فقير محمد مٺل چنو وينل محمودائي چنا لڳ سڳيون جو نقل ٿو ڪري ته عبدالله ڪلهوڙو مون سان گڏ هر جمعي تي درگاهه شريف تي ايندو هو ۽ هو بڪري وارن پيرن جو مريد هو مگر درگاهه شريف سان ڏاڍو پيار هيس ۽ سائين بادشاهن جو ڏاڍو معتقد هيو. ان ڪري جمعي جي نماز لاءِ ڏاڍي سڪ مان درگاه شريف ايندو هو ۽ جمعو گسائيندو نه هو. ڪيس واپار ڪندي هن کي نقصان پيو ايتري قدر جو سڪر ۾ جيڪي سيٺ هئا انهن جي ڏيتي ليتي جو حساب نه پيو لاهي سگهي ۽ هن وٽ ايتري رقم نه هئي جو انهن کي قرض ڏئي سگهي. پوءِ هڪڙي جمعي شريف تي جيئن آيو ۽ نماز پڙهڻ بعد جيئن جماعت سڳوري سائين بادشاهن جي حضور ۾ موڪلائڻ لاءِ حاضر ٿيندي هئي تيئن هي به حاضر ٿيو، قدم بوسي ڪرڻ بعد قرض جي لاءِ حضور اقدس ۾ دعا جو عرض ڪيائين، پوءِ دعا گهرائي ۽ موڪلائي ڳوٺ روانو ٿيو. مرشدن ڪريمن جي هن سان اهڙي ته مهرباني ٿي جو ڳوٺ پهچڻ بعد ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جن سيٺين سان هن جي ڏيتي ليتي جو حساب ڪتاب هيو انهن کي منهن ڏيکارڻ ۽ حال احوال ڪرڻ ويو، پوءِ جنهن به سيٺ وٽ وڃي ته اهو ايئن پيو چويس ته ادا عبدالله! اسان ٻڌو آهي ته تون غريب ٿي ويو آهين، توکي قرض معاف آهي. پوءِ اهڙي طرح سيئي قرض ان جو معاف ٿي ويو ۽ چيائين ته قرض ته معاف

تي ويو مگر باقي هڪڙي اميد پوري ٿئي جو مديني شريف جي زيارت نصيب ٿئي. هڪڙي دفعي جمع شريف تي نماز پڙهڻ آيو ۽ نماز پڙهڻ بعد جيئن حضور ۾ موڪلائڻ لاءِ آيو ۽ اهو ارادو ڪري حضور اقدس ۾ پهتو ته سائين بادشاهن جي آڏو لاڙڪ فقير ياڪر پائي موڪلائي رهيو هو ۽ فقير عبدالله ڪي لاڙڪ فقير ڏڪڻ طرف اشارو ڪيو ته هن طرف ڪان ٿري اچ، جنهن وقت ڏڪڻ پاسي ڪان ٿري آيو ته پاڻ سائين بادشاهن پنهنجي سڄي هٿ مبارڪ سان منهن ڪعبت الله شريف جي پاسي ڏي ڪري سامهون ڪيائونس ته مدينو شريف سامهون اچي ويس ۽ سرڪار جو روضو مبارڪ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ، جيستائين پوري طرح زيارت نه ڪيائين تيستائين سائين بادشاهن هٿ مبارڪ پري نه ڪيو. جڏهن پوري طرح زيارت ڪيائين ته پاڻ هٿ مبارڪ پري ڪري فرمايائونس ته هاڻي ته بس.

**نقل**64: فقير مولوي فيض الله مهر نقل ٿو ڪري ته هيڪر سائين بادشاهه دعوت تي اسان جي ڳوٺ نبي محمد پور (صادق آباد) تشريف فرما ٿيا. ٽيپهري نماز ڪان پوءِ هڪڙو سائل نالي خان محمد ڪوش عرض ڪيو ته قبلا سائين! مان ٽي شاديون ڪيون آهن پر اجان تائين تنهي مان اولاد نه ٿي آهي، فقير جهولي جهلي سائين بادشاهن جي آڏو بينو هيو. سائين بادشاهن ڪي ان جي نوڙت ڏسي ڏاڍو رحم آيو. پوءِ پاڻ پڇا فرمايائون ته تنهنجي پهرين گهرواري ڪهڙي آهي. پوءِ پهرين گهرواري ڪي اخبار جو هڪ ٽڪرو ڏنائون ۽ فرمايائون ته توکي هڪڙو پٽ ٿيندو، وري ٻي گهرواري ڪي اخبار جا ٻه ٽڪرا ڏنائون ۽ فرمايائون ته توکي ٻه پٽ ٿيندا. اهڙي طرح ٽين گهرواري ڪي ٻه ٽي اخبار جا ٽڪرا ڏئي فرمايائون ته توکي ٽي پٽ ٿيندا پوءِ ايئن ئي ٿيو ان جي پهرين گهرواري ڪي هڪ پٽ ٿيو ۽ جيئن پاڻ فرمايائون ٻيئن ڪي ٻه ۽ ٽين ڪي ٽي پٽ ٿيا، جيئن پاڻ فرمايائون تيئن الله سبحانه و تعاليٰ جلشانه ڪري ڏيکاريو.

**نقل**65: فقير مولوي فيض الله مهر نقل ٿو ڪري ته هيڪر سائين بادشاهه اسان جي ڳوٺ دعوت تي تشريف فرما ٿيا. پاڻ جڏهن واعظ مبارڪ فرمائڻ

لڳا تہ انهيءَ مهل هڪڙي شخص نالي حاجي ولاڻہ وينل ڳوٺ ولاڻہ پري ڪان درد پري دانهن ڪئي. پاڻ ان کي سڏ ڪيائون تہ هيڏي آءُ ۽ گهرائي فرمايائونس تہ تنهنجو ڪهڙو مسئلو آهي. هن شخص عرض ڪيو تہ قبلا سائين! ٿن مهينن کان منهنجو پُٽُ گُم ٿي ويو آهي. پاڻ فرمايائونس تہ تنهنجي هن دانهن عرش عظيم کي لوڏي ڇڏيو آهي. اڄ اگر تون مديني واري سائينءَ جي زيارت لاءِ اها دانهن ڪرين ها تہ اڄ تون ۽ هي جيڪي ٻہ ماڻهو ويٺا آهن ظاهر اکين سان مديني واري سائينءَ جو ديدار ڪن ها. هاڻي تون گهر ويندين تہ انشاء الله تون پنهنجي پٽ سان وڃين ملندين. پوءِ دعا فرمائيندي هي بيت فرمايائون

هڪ وار سائين تو کي ڏسان پوءِ جي مران تہ ڀل مران
ديدار تنهنجي کان سواءِ هيَ هيَ حياتي ڇا ڪيان

پوءِ اهو شخص گهر ويو تہ ڏٺائين تہ ان جو پٽ گهر ويٺو هيو. ان کان پڇيائين تہ تون هت ڪيئن پهتين؟ پٽ ٻڌايس تہ مان هڪ جڳهہ تي هيس ڏٺم تہ هڪ اڇي لباس ۾ سائي لوئي(مبارڪ) سان هڪ بزرگ آيو جنهن مونکي هت کان وٺي گهر پهچايو پوءِ اهو شخص سائين بادشاهن جي حضور ۾ ان وقت ئي پنهجي پٽ کي وٺي آيو تمام حاضرين مرشدن ڪريمن جي اهڙي ظاهر ڪرامت ڏسي عبرت ۾ پئجي ويا.

**نقل66**: فقير قاري محمد قاسم پناڻ نوف چوسول نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي آئون دادو جي سُئي گيس واري جامع مسجد ۾ پيش امام هئس. سُئي گيس جو آفيسر طبقو اڪثر ديوبندي فڪر جو هو هر وقت مون کي تنگ ڪندا رهندا هئا، سو ڏاڍو پريشان ٿيس. درگاهہ شريف ڏانهن منهن ڪري ڳچيءَ ۾ ڳارو وجهي عرض ڪيم تہ منهنجا سائين! مون کي ڳوٺ رهاءِ ۽ آزاد ٿي ڳوٺ رهان ۽ ڪنهن جو محتاج نہ ڪجانءِ ۽ پنهنجي طرفان عنايت فرمائجانءِ. پوءِ سائين جن جي مهرباني سان واٽر سپلائي ۾ نوڪري ملي پر ڪچو آرڊر هو. پوءِ ڪجهہ مهينن کان بعد ميان سائين بادشاهن جي حضور ۾ عرض ڪيم تہ قبلا سائين! دعا گهرو تہ ڳوٺ واري هاءِ اسڪول

۾ نوڪري ملي، واٽر سپلائي جي ڊيوٽي ڪجهه ڪچي هئڻ جي ڪري ٻه ٽي مهينا پگهار نه ٿي ملي. پاڻ فرمايائون ته اسان دعا گهرون ٿا اها ئي نوڪري پڪي ٿي ملندي. سائين جن جي دعا سان انهيءَ ئي هفتي اٽيتاليهه آرڊر پڪا ٿي مليا جنهن ۾ منهنجو نالو به هيو. الحمد لله سائين بادشاهن جي دعا سان هينئر پنهنجي ڳوٺ ۾ آزاد ماحول ۾ سڪون جي زندگي گذاري رهيا آهيون.

**نقل**67: فقير امير بخش جتوئي وينل پراڻه جتوئي جو نقل ٿو ڪري ته 1965ع دوران حيدرآباد شهر ۾ غلام مجتبيٰ خان جتوئي جي ڪارخاني تي نوڪري ڪندو هيس. هڪ دفعي رئيس غلام مجتبيٰ خان جي مُنشي نالي محمد بخش ميربحر مون کان رئيس لاءِ 700 روپيه ورتا جنهن جي رسيد لاءِ ڪافي دفعا ڪيس ۽ رئيس صاحب کي چيم مگر رسيد نه ملي الٽو ناراض ٿي پيا جنهن ڪري مان ملازم ماڻهون خاموش ٿي ويس. جڏهن سال گذريو ۽ حساب ڪتاب جو وارو آيو ته 700 روپين جي رسيد جي گهر ڪيائون مون کين ياد ڏيارڻ جي ڪئي ته هو چون ته اسان کي ياد نه آهي. تنهن ڪري پري ڏيٽا پوندا ۽ نوڪري وڃڻ جو به خطرو ٿيو. نيٺ وڏي رئيس کي چيم، انهيءَ به چيو ته پئسا ضرور وٺندس. وڏيڪ پريشان ٿيس. ان دوران درگاهه شريف تي روانو ٿيس ۽ اچي قدمبوسي ڪيم ان کان بعد عرض نامو لکي پيش ڪيم. پاڻ نگاهه ڪرم فرمائي مون کان سختي سان پڇا ڪيائون. مون عرض ڪيو ته قبلا سائين! مان بي قصور آهيان، انهيءَ گناه جو باقي گنهگار مان ڏاڍو آهيان باقي اهي پئسا مون نه کاڌا آهن. تنهن تي پاڻ پڇا ڪرڻ فرمايائون ته تنهنجو رئيس ۽ مُنشي ڇا ٿا چون؟ مون عرض ڪيو ته قبلا سائين! چون ٿا ته پري ڏئي نه ته زوري وٺندا سين ۽ نوڪري به نه رهندي. تنهن تي پاڻ فرمايائون ته فقير هي رومال ڏسين ٿو ان کي لوڏين به پيا ۽ فرمائن پيا ته فقير بي قصور پئسا نه ڀريندو ۽ پئسا نه اسان کاڌا آهن ۽ نه ڀريندا سون. فقير خاموش ٿي وڃين اطمينان سان نوڪري ڪر تو کان هاڻي ڪهڙُ به ڪو نه ڪندا. منهنجي مرشد ڪريمن جو

فرمان سچ ثابت ٿيو جو ان بعد چار سال ڪارخاني تي نوڪري ڪيم مگر پئسن بابت ڪنهن بہ ڪونہ پڇيو چڻ ڳالهہ ئي ڪا نہ هئي.

**نقل**68: فقير حاجي محمد ايوب چانڊيو رهندڙ رحماني ننگر جو نقل ٿو ڪري تہ پنهل چانڊيو ويٺل ڳوٺ ڪوڙو چانڊيو جو پٽ بيمار ٿي پيو. ڊاڪٽرن کان گهڻو علاج ڪرايائين پر فائدو ڪو نہ ٿيو. پوءِ هڪ دفعي سائين بادشاهن کي ٻورڙي شريف دعوت هجي، هي چوڪري کي وٺي اتي پهتو. سچ لهي ويو پر اجان سائين جن تشريف فرما نہ ٿيا هئا. پوءِ خيال ڪيائين تہ چوڪري کي ڳوٺ ڇڏي اچان. جڏهن ڳوٺ جي ويجهو پهتو تہ لائوڊ تي اعلان ٿيو تہ مشورين وارا سائين پهچي ويا آهن، اچي زيارت ڪريو. هن سوچيو تہ سردي آهي چوڪري کي ڳوٺ ڇڏي اچان پوءِ ٿو اچي زيارت ڪريان. چوڪري کي ڇڏي جڏهن آيو تہ ان وقت ننگر هلي رهيو هو چيائين تہ ننگر کائي پوءِ ٿو وڃين زيارت ڪريان. جڏهن ننگر پئي کاڌائين تہ سائين جن هڪ فقير کي فرمايو تہ پنهل نالي سان هڪ شخص آهي ان کي سڏي اچو. پوءِ فقير اچي سڏيو هن سمجهيو تہ پنهل نالي ڪو ٻيو شخص آهي هن ورندي ڪا نہ ڏني. سائين جن وري فقير کي فرمايو جنهن جو پٽ بيمار آهي پوءِ هي وڃي حضور ۾ حاضر ٿيو پاڻ فرمايائون تہ تنهنجو پٽ چاڪ ٿيندو پر تو هڪڙا ٻہ ڪم سنا نہ ڪيا آهن. عرض ڪيائين تہ سائين! اهي ڪهڙا ڪم آهن. پاڻ فرمايائون تہ هڪ تہ تو هڪ فقير کي بيگناهہ لڪڻ هنيا آهن، جيڪڏهن ڏجي نہ تہ ڏکوئجي بہ نہ. ٻيو تہ تو کوهہ ۾ مٽي جي ٿڙ سان غسل ڪيو آهي. ان کوهہ مان جيڪي تنهائي ۾ عبادت ڪندا آهن ان مان پاڻي پيئندا آهن ۽ عبادت لاءِ وضو ڪندا آهن. عرض ڪيائين تہ قبلا سائين! مون کان واقعي غلطي ٿي آهي، معافي ملي.

**نقل**69: فقير احمد کهڙو کان نقل آهي تہ سائين بادشاہ اسان جي ڳوٺ ايندا هئا تہ فقيرن جي گهرن ۾ بہ زيارت ڪرائڻ لاءِ ايندا هئا. هڪ دفعي فقير مولا بخش ڪنير جي گهر کان ٻاهر نڪتا تہ اتي اسان جي ڳوٺ جو هڪ همراہ نالي نواب ڪنير سائين جن جي قدمن تي ڪري پيو ۽ عرض

ڪيائين تہ سائين مان ٽي شاديون ڪيون آهن هن وقت تائين مون کي ڪا
بہ اولاد نہ آهي. سائينءَ جن ان کي فرمايو تہ توکي پٽ ڄمندو جڏهن تہ اهو
ڪنير ستر سالن جو پوڙهو هو. پاڻ مرشدن ڪريمن جي چوڻ بعد نيڪ
ٻارهين مهيني ان ڪراڙي کي پٽ ڄائو. پاڻ اسان جي ڳوٺ شام جو آيا هئا.
ان ڪراڙي فقير ڏٽي بخش اسان کي مصري ڏني تہ سائينءَ جن کي پيش
ڪريو. چو تہ اڄ صبح مون کي پٽ ڄائو آهي.

**نقل**70: فقير امير بخش جي پٽ نالي منٺي کهڙي کان نقل آهي تہ اسان
جي ڳوٺ مان هڪ سيّد غوث علي شاه ماني وٺڻ ايندو هيو. اهو پٽن جا
ٺوهر پيو ڪرائي. سو منهنجي پاءُ کان پيسا گهريائين پر منهنجي پاءُ چيس
تہ پيسا ڪونهن. تنهن تي سيّد، سائين بادشاهن کي رات جو روئي سڏيو تہ
سائين توهان جي جماعت جا فقير تہ منهنجي مدد ڪو نہ ٿا ڪن، توهان
منهنجي مدد ڪريو. پوءِ رات جو شاه صاحب ننڊ ۾ ڏٺو تہ سائين بادشاهہ آيا
آهن ۽ فرمائن ٿا تہ شاه صاحب! ٻنديءَ ۾ منهنجا ٻچا آهن تون انهن ڏي وڃ
۽ فقير نالي منٺي کي چئجانءِ تہ ڪالهہ تون پنهنجي پٽ احمد کي ڪوٺيءَ
۾ پنجين پنجين سوين جا ٽي نوٽ ڏنا هئا ۽ اڃان چئين ٿو تہ پيسا
ڪونهن. ايها نشاني ڏئي فقير نالي منٺي کان بہ سئو ۽ سئو روپيا فقير
امير بخش کان وٺجانءِ. صبح تي سيّد صاحب فقير نالي منٺي کي اها نشاني
ڏني، جنهن تي فقير نالي منٺو ۽ ان جي پٽ احمد چيو تہ واقعي نشاني
صحيح آهي ۽ ان مهل ڪو ٻار بہ اتي موجود ڪو نہ هو ۽ نہ ڪنهن کي
انهن پيسن جي ڪا خبر هئي. پوءِ شاهہ صاحب کي پيسا ڏنائون ۽ ان جي
مشڪل حل ٿي.

**نقل**71: فقير احمد کهڙو کان نقل آهي تہ اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ عورت
ذات جي ڪنير رهندي هئي. سائين بادشاهہ جڏهن بہ اسان جي ڳوٺ ايندا هئا
تہ سيني فقيرن جي گهرن ۾ زيارت ڪرائڻ لاءِ ايندا هئا. هڪ دفعي اها
حبيبان نالي فقيرياڻي سائينءَ جن کي گهر وٺي وئي. ان جي گهر ۾ آوي
(ٿانوَ پچائڻ جي جاءِ) هئي. سائينءَ جن کي ستو آوِي تي وٺي آئي. پاڻ

مرشدن پڇيس تہ هي ڇا آهي؟ چيائين تہ سائين هي آوِي آهي. سدائين اسان جا ٿانوَ اڻ پڪيا نڪرن ٿا سنا نہ ٿا پچن. سائين جن فرمايس تہ اڳتي سنا نڪرندا. وري گهر وٺي آئي فقيرياڻي جي جاءِ ڪچي هئي ان جي ڇت پراڻي هئڻ ڪري هڪ هنڌان ڪري پئي هئي. سائينءَ جن کي اتي ويهاري عرض ڪيائين تہ سائين! اسان هتان آسمان ٿا وينا ڏسون. پاڻ فرمايائونس الله سائين توهان کي سٺي جاءِ بہ ڏيندو. هاڻي ان فرمائڻ جي ڪري ان غريب ڪنڀرن جي جاءِ سڄي پَڪي نهيل آهي ۽ ان کان پوءِ آوِي مان ڪڏهن ٿانوَ بہ ڪچا نہ نڪتن.

**نقل**72: فقير محمد ايوب رهنڌڙ مدينہ طيبہ جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي جڏي جو عرب سڳورو جيڪو اسانجي مرشدن ڪريمن جو فقير آهي ان حضرت قبلا سائين نالي مٺا سائين کي هڏايو تہ سائين مان پنهنجي مٿين ڪمري ۾ صلوٰت شريف پڙهندو آهيان ۽ اتي ٻي ڪنهن کي اچڻ جي اجازت نہ هوندي آهي. هڪ رات صلوٰت شريف پيو پڙهان تہ در ڪڙڪيو مٿي نظر ڪري ڏٺم تہ مرشد ڪريم تشريف فرما آهن ۽ روبرو زيارت ڪريان پيو مگر ويجهو اچڻ جي جرئت جان ۾ نہ ٿي ۽ ڏڪڻي لڳي وئي. پاڻ زيارت کان مشرّف ڪرائي وري نظرن کان غائب ٿي ويا.

**نقل**73: فقير مولوي علي محمد چانديو حال ساڪن مدينہ شريف نقل ٿو ڪري تہ ٻُٺ سرائن جي پرسان ناري واهہ جي پَرينءَ ڪَپَ تي رحيم جهتيال جو ڳوٺ آهي هڪ ڀيري سائين بادشاهن جو اتي جلسي جو پروگرام هجي خلقت جي ڪثرت سبب مسجد شريف ۾ جڳهہ نہ ٿي پوءِ هڪ باغ ۾ جلسي جو پروگرام ٿيو پوءِ سائين بادشاهن انهيءَ باغ ۾ واعظ فرمايو حقيقت ۾ اهو باغ سُڪي رهيو هو يعني ڦَرُ ڪو نہ پيو ڪري باغ جي مالڪن وٽن کي ڪپرائڻ جو ارادو ڪيو ڇو تہ ڦَرُ ڪو نہ پيا ڪن پر ڇا مرشدن ڪريمن جا ڪرم جڏهن سائين بادشاهن قدم مبارڪ رکيا ۽ اتي واعظ فرمايائون تہ اهي سُڪل وڻ بہ ساوا ٿي پيا ۽ ڦر جهليائون جيڪي اڄ تائين بينا آهن ۽ ڦر ڏئي رهيا آهن.

**نقل**74: فقير ڏامراهن جو نقل ٿو ڪري ته منهنجي ڳوٺ ڏامراها مان سال 1968ع ۾ ٻن ميلن تي اسڪول ڳڙهي بقا ۾ بدلي ٿي، سواري ڪا نه هئي، پنڌ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. اونهاري جي موسم ۾ منجهند ٻارنهين ٻجي يا هڪ ٻجي اچڻ ٿيندو هو. سج جي گرمي ۽ تپش ڪري نظر ۾ گهٽتائي ٿي. اکر ٻِٽا ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا. رڪارڊ جو ڪم به نه پيو ٿي سگهي. دل ۾ پورو يقين ٿيو ته هوڙ جي سور وانگر اکين جو علاج به سائينءَ جن کان پڇان.

ايهو ئي خيال دل ۾ رکي جمع جي ڏينهن درگاهه شريف تي آيس. ماڻهن جي گهڻائي جي ڪري عرض ڪرڻ جو وقت نه ملي سگهيو دستور موجب نماز کان بعد جڏهن پاڻ تقرير مبارڪ شروع ڪرڻ لڳا ته سڀ کان اوّل منهنجي دل جي مراد پوري ڪرڻ خاطر فرمايائون جو شخص سومهڻي نماز ۾ وتر کان پوئين نفل جي پهرين رڪعت ۾ " اذا ذلزلت الارض " ۽ ٻي رڪعت ۾ " قل ياايها الڪافرون " هميشه پڙهندو رهندو ته ان شخص جي اکين جو نور قبر تائين نه گهٽبو. سبحان الله! ڪيڏي مهرباني مون هڪ تي نه بلڪ پوري جماعت تي ڪيائون. مون ڪي عارضو هيو ان ڪري مون ان تي عمل ڪيو. اڄ تائين بغير عينڪ جي پڙهندو آهيان. ان عمل ڪرڻ سان منهنجي اکين جو نور اڳي کان به وڌيڪ ٿي ويو آهي. رڪارڊ جو ڪم به ڪرڻ لڳس. هن وقت ستر ورهه عمر ٿي آهي ته الله سائين جلشانه جي مهرباني ۽ سائينءَ جن جي دعا سان اکين جي نور ۾ ڪمي نه آئي آهي.

ٿورا نه ٿورا مون تي مارونڙن جا
پلايون پيرا ڳٺي ڳٺيان ڪيترا

**نقل**75: فقير عبدالخالق نقل ٿو ڪري ته سائين بادشاهه منهنجي دعوت تي آيا. عرض ڪيم ته سائين منهنجا! مون مسڪين ڪي جڳهه جي ضرورت آهي. پاڻ فرمايائون ته اِهي مارن وارا ڪک چڱا آهن. مون عرض ڪيو ته قبلا! جڳهه مسواڙ تي آهي. پوءِ پاڻ دعا فرمايائون ته الله سائين توکي جلد پنهنجي جاءِ وارو ڪندو. انهيءَ کان پوءِ ٿورڙي ئي عرصي ۾ جڳهه مون کي پنهنجي ٿي.

**نقل**76: فقير لعل بخش ميمڻ نقل ٿو ڪري ته هڪڙي ڏينهن ڪجھ جماعت سان گڏ مورو نڪتا سين. درگاهه شريف تي وڃڻ لاءِ اسان سان گڏ هڪ نئون ماڻهو نصرالله شيخ هو جيڪو حيدرآباد ڊولپمنٽ اٿارٽي ۾ آفيسر هيو. درگاهه شريف تي منجهند جو تقريباً ٻارنهين بجي پهتا سين. سخت اونهارو هيو. اتي پهچي سڌو مسجد شريف ۾ ويا سين ته نصرالله شيخ مون کي چيو ته لعل بخش تو اسان کي ٻُڪ ماري ڇڏيو. مون دل ۾ خيال ڪيو ته ڪو نينگر حاويلي کان ٻاهر اچي ته ان کي ماني جو چوان. اهو خيال ڪري مسجد شريف کان نڪري سڌو حاويلي شريف جي دروازي تي پهتا سين. ان وقت منجهند جو هڪ ٿي رهيو هو. ايتري ۾ حاويلي شريف کان سائين بادشاهه پاڻ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون ته ميان لعل بخش! اسان اوهان کي ٻُڪ ماريو آهي نه؟ اتي نصرالله شيخ حيران ٿي ويو ۽ چيائين ته سائينءَ جن کي اهي لفظ ڪنهن ٻڌايا؟ مون ته اهي لفظ لعل بخش کي مسجد ۾ چيا. پاڻ سائينءَ جن ان وقت چانورن جي ديڳ تيار ڪرائي ۽ سائين نالي مٺا سائين جن کي گهرايائون ۽ فرمايائونس ته تون هتي ويهه ۽ موري جي جماعت کي ننگر کاراءِ. پوءِ نصرالله شيخ چيو ته آءٌ سائين بادشاهن کان ذڪر شريف وٺندس. پوءِ ٻيپهري نماز تي سائين بادشاهن کان ذڪر شريف ورتائين.

**نقل**77: فقير رجب علي مهيسر وينل شيخ زيد ڪالوني لاڙڪاڻو نقل ٿو ڪري ته هڪڙي دفعي سائين بادشاهن جي مهرباني سان عمري شريف تي ويس ته اتي هڪ محبت ڀريو پنجاب جي پاسي جو فقير هيو جنهن سان ملاقات ٿي ۽ چيائين ته اوهانکي مبارڪ هجي جو اوهان کي اهڙو ڪامل مرشد مليو آهي پوءِ هي ڳالهه ٻڌايائين ته هتي مديني شريف ۾ هڪ شخص اوهان جي مرشد جي زيارت ڪئي ۽ سائينءَ جن کي دعوت لاءِ عرض ڪيائين. پاڻ ان جي دعوت قبول نه فرمايائون. پوءِ انهيءَ شخص پنهنجي هڪ دوست کي عرض ڪيو جيڪو حيدرآباد ۾ رهندو هو ان سان فون تي رابطو ڪيائين(ڇا ڪاڻ جو اهوسائين بادشاهن جومريد هو) ۽ سفارش لاءِ

چيائين تہ تون حيدر آباد مان مديني شريف سائين بادشاهن ڏي فون تي عرض ڪر تہ سائين بادشاه منهنجي دعوت قبول فرمائن. حيدر آباد واري ان ڪان پڇيو تہ توکي سائين بادشاه ڪٿي مليا؟ ان چيو تہ ادا هتي مديني شريف ۾ شام جو زيارت ڪئي سون ۽ ڏاڍيون منٿون ڪيون سي تہ بہ دعوت قبول نہ فرمايائون. پوءِ ان حيدر آباد واري ماڻهوءَ چيس تہ مان درگاهہ شريف تي ڪالهہ سائين بادشاهن جي زيارت ڪري آيو آهيان. توهان وري چئو ٿا تہ اسان مديني شريف ۾ سائين بادشاهن جي زيارت ڪئي آهي. پوءِ اُن شخص چيس تہ ادا! مان واقعي سائينءَ جن سان مليو بہ آهيان ۽ سندن کي دعوت لاءِ عرض ڪيو بہ آهي پوءِ هن حيدرآباد واري شخص ان وقت ئي درگاہ شريف تي فون ڪئي ۽ پڇا ڪيائين تہ سائين بادشاهہ عربستان شريف اُسري ويا آهن ڇا؟ پر ان کي درگاہ شريف تان ٻڌايائون تہ نہ سائينءَ جن تہ اِتي آهن. پوءِ هن وري فون ڪري اُن شخص کي چيو تہ تون هاڻي سائين بادشاهن کي ڳولهہ جيئن توکي سائين نظر اچن تہ مون ڏي فون ڪجانءِ. پوءِ ان شخص سائين بادشاهن کي ڏاڍو ڳولهيو پر پاڻ ان کي نظر ڪو نہ آيا.

**نوٽ** : الله سائينءَ جي دوستن لاءِ اها ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي تہ هڪ ئي وقت ڪيترن ئي جڳهن تي مثالي وجودن سان حاضر ٿي سگهن. سائين پيران پير، روشن ضمير سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني جن جو هڪ ئي وقت ستر عقيدتمندن وٽ حاضر ٿي سيني جي دعوت کائڻ وارو واقعو مشهور آهي.

**نقل**78: فقير الهورايو لغاري ويٺل ڳوٺ ڏٽي بخش لغاري لڳ الله بچايو جمالي نقل ٿو ڪري تہ اسان وٽ پاڻي تمام ڪوڙو هوندو هيو، ايتري قدر تڪليف هئي جو اتان لڏڻ لاءِ تيار هئاسون پر منهنجي والده نماز بہ پڙهندي هئي ۽ صلواۃ شريف جو ورد بہ گهڻو ڪندي هئي. هڪ رات خواب ۾ ڏسي ٿي تہ سائين بادشاهن مهرباني فرمائي آهي. فرمايائون تہ ٻئي پاسي ڇو ٿا وڃو پاڻيءَ لاءِ انتظار ڪريو هن جاءِ تي نلڪو هڻو امڙ اها جڳهہ خواب ۾ ڏٺي. پوءِ جڏهن سجاڳ ٿي تہ امڙ اها ڳالهہ ٻڌائي ۽ جاءِ بہ ڏيکاريائين. پوءِ ان

ساڳي جاءِ تي نلڪو هنيوسون اتان اهڙو مٺو پاڻي نڪتو جو اسان جي تر ۾ اهڙو پاڻي هيو ئي ڪو نه.

**نقل**79: فقير عبد الرحمٰن سولنگي نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي منهنجي گهرواريءَ ڪي بُڪيءَ ۾ پٿري ٿي پئي. پوءِ ڊاڪٽر کي ڏيکاريم. ڊاڪٽر صاحب فوٽو ڪيرائي چيو ته بُڪيءَ ۾ پٿري آهي، اسپتال ۾ داخل ڪراءِ ته سومر جي ڏينهن آپريشن ٿيندو. آءٌ ڇنڇر جي ڏينهن درگاهه شريف تي حاضر ٿي سائين بادشاهن جي حضور ۾ اهو عرض ڪيم ته قبلا سائين! دعا ڪريو ته آپريشن ڪامياب ٿئي. پاڻ بادشاهن فرمايو ته فوٽو ڪٽي آيو آهين. عرض ڪيم ته هائو قبلا سائين. پاڻ فوٽو ڏسي فرمايائون ته ڊاڪٽر چريو آهي. واءُ جو ڳوڙهو ڏسڻ ۾ ٿو اچي ۽ چوي ٿو ته بُڪيءَ ۾ پٿري آهي. هاڻي وڃ ۽ چوينس ته سيرپ لکي ڏي واءَ جي ڳوڙهي جو. پوءِ جڏهن مان ڊاڪٽر صاحب وٽ آيس ۽ چيو مانس ته شابس اٿئي جو واءَ جي ڳوڙهي کي بُڪيءَ جي پٿري چيو اٿئي. ڊاڪٽر صاحب حيران ٿي چيو ته پٿري مان واءَ جو ڳوڙهو ڪيئن ٿي ويو. پوءِ ڊاڪٽر صاحب فوٽو ڏسي چيو ته فقير جيڪو مون ڪيس ٺاهي رکيو آهي اهو بالڪل صحيح هيو. پر مرشد سائينءَ جي نگاهه مبارڪ ڪٽي پٿري کي واءَ جو ڳوڙهو ڪري ڇڏيو انهيءَ کي مان ڇا ٿو ڪري سگهان. پوءِ ڊاڪٽر صاحب سيرپ لکي ڏنو. سائين بادشاهن جي نگاهه مبارڪ سان منهنجي گهر واري پندرنهن ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي وئي. (ڊاڪٽر سچڻ هيو به اهلحديث مگر ان واقعي کان پوءِ اسان جي سائين بادشاهن جو ڏاڍو ادب ۽ محبت رکندو هيو).

**نقل**80: فقير محمد مٺل چنو خيرپورميرس واري فقير نواز علي شاهه جي حوالي سان نقل ڪري ٻڌايو ته مون کي پٿري جو عارضو ٿي پيو هو. مون مرشدن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته سائين! هي تڪليف ٿي پئي آهي. پاڻ سائينءَ جن مرڪي فرمايو ته اسان کي پاڻ مٿي ۾ سور آهي. پوءِ جڏهن پاڻ حاويلي شريف ڏانهن اُسري رهيا هئا ته مون کي هٿ ۾ هٿ ڏيئي ٿورو زور ڏنائون ۽ پوءِ حاويلي شريف ڏي اُسري ويا. ڪجهه دير کان پوءِ مون

ڪي پيشاب لڳو مون جڏهن پيشاب ڪيو ته چٽي جيتري پٿري ٻاهر نڪري آئي.

**نقل**81: فقير خان محمد پنهور نقل ٿو ڪري ته مان جڏهن ننڍو هئس ۽ مون کي ڏاڙهي صحيح نه آئي هئي. تنهن ڪري ماٺهو ٽوڪان ڪندا هئا ۽ مان گهڻو ڪري گهر کان ٻاهر نه نڪرندو هئس. هڪ ڀيري سائين بادشاهن فقيرن کي نياپو ڏنو ته فقير خان محمد کي وٺي اچو چو نه ٿو اچي. جڏهن هي مسڪين سائين جن جي حضور ۾ آيو ته پاڻ نه اچڻ جو سبب پڇيائون. مون عرض ڪيو ته سائين مون کي ڏاڙهي صحيح طرح سان ڪونهي صرف ڪاڏي تي آهي جڏهن ٻاهر ٿو نڪران ته ماڻهو ٽوڪن ٿا ۽ ٻُچي ٻُچي ٿا چون. پاڻ فرمايائون ته بس؟ پوءِ پاڻ پنهنجي هٿن مبارڪن تي ڪجهه پڙهي پاڻ ۾ ٻئي هٿ مبارڪ ملائي پوءِ منهنجي ڏاڙهي تي گهمايائون ته ان کان پوءِ ڪجهه ڏينهن ۾ مون کي ڏاڙهي مڪمل اچي وئي.

**نقل**82: فقير الهورايوشيخ ويٺل ڪرمان باغ لاڙڪاڻو نقل ٿو ڪري ته شوال 1405ھ ۾ منهنجو سهرو محمد صديق بيمار ٿي پيو ۽ ٽي بي جو مرض ٿي پيس. لاڙڪاڻي جي ڊاڪٽرن لا علاج ڪري ڇڏيس. پوءِ مان سائين بادشاهن جي حضور ۾ پاڻي جو شيشو کڻي جمعي ڏينهن حاضر ٿيس ۽ حضور اقدس ۾ عرض ڪيم ته قبلا سائين! منهنجو سهرو چاڪ نه آهي، مهرباني ڪري پاڻي پڙهي ڏيو. پاڻ پاڻي پڙهي ڏنائون ۽ فرمايائون ته ٺيڪ ٿي ويندو. مان جڏهن اهو پاڻي کڻي ساهرن جي گهر در تي آيس ته روئڻ جو آواز آيو گهر ۾ گهڙيس ته چاچو (سهرو) سڪرات ۾ هو. مون پنهنجي سَسُ کي چيو ته پاڻي پڙهائي آيو آهيان سو پياريوس. ٿورو پاڻي وات ۾ وڌائونس ته پنج منٽن ۾ اک کڻي پٽيائين ۽ خوش ٿي ويو. پوءِ ٽن سالن کان پوءِ گذاري ويو.

**نقل**83: فقير حاجي ڄام جوڻيجو ساڪن مديني عاليه جو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي ڏوڪريءَ ۾ حضرت قبلا سائين ميان سائين جن جي دعوت ڪئي سين. پوءِ ڪين درگاهه شريف تي وڃڻ ويس ريل گاڏيءَ جو ٽائيم ٿي

ويو هو. حضرت ميان سائين جن فرمايو ته سائين بادشاهن کان اجازت گهر ته ريل گاڏي هلي نه وڃي. پوءِ مون عرض ڪيو ته پاڻ فرمايائون ته ترسو گاڏي ليٽ آهي ڪجهه دير کان پوءِ وري عرض ڪيم پاڻ فرمايائون ته ترسو هوڏانهن جلسي جو وقت تنگ ٿيندو پئي ويو اجازت وٺي جڏهن اسٽيشن تي آياسون ته اجان گاڏي ليٽ هئي.
**نقل**84: فقير عبدالقيوم جروار نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي مون کي سڄي ٻانهن ۾ ڏاڍو سور پيو. سور جي شدت کان آءٌ روئڻ لڳس. ڪجهه دير کان پوءِ ننڊ جو جهوٽو اچي ويو خواب ۾ سائين بادشاهن جو ديدار نصيب ٿيو. پاڻ فرمايائون ته فقير ڇو ٿو روئين؟ مون عرض ڪيو ته سائين ٻانهن ۾ ڏاڍو سور آهي. پاڻ ان وقت منهنجي ٻانهن تي پنهنجو دست مبارڪ ڦيرايائون. جڏهن سجاڳ ٿيس ته منهنجو سمورو سور ختم ٿي ويو هيو ۽ ان کان پوءِ وري اهڙو سور نه پيو آهي.
**نقل**85: فقير حاجي احمد سوهو نقل ٿو ڪري ته منهنجو وڏو نينگر نالي منو چاڪ نه هيو. گهمرا تمام گهٽا ٿي پيس. ڏوڪري توڙي لاڙڪاڻي مان دوا تمام گهڻي ڪرايم پر فائدو ڪو نه ٿيو. پوءِ آءٌ لاڙڪاڻي ۾ آيس ته محبوب مرشد ڪريم عرس شريف جي دعوت تي آيل هئا. ان وقت حاجي دائود شيخ جي دعوت تي تشريف فرما هئا. جڏهن ديدار انوار کان مشرف ٿي قدمبوسي ڪيم ته پاڻ پڇا فرمايائون ته حاجي احمد ڪيئن آيو آهين؟ مون عرض ڪيو ته قبلا سائين! منهنجو نينگر نالي منو چاڪ ناهي گهمرا تمام گهٽا ٿي پيا اٿس. دوا گهڻي ڪرائي اٿم پر فائدو ڪو نه پيو آهي. پوءِ پاڻ دعا مبارڪ فرمايائون ۽ فرمايائون ته سياڻي اسان هتي لاڙڪاڻي هوندا سين احوال ڏجانءِ ته ڇا ٿيو؟ آءٌ ڳوٺ پهتس ته چار آنا فرق پئجي چڪو هو ۽ وري ٻي ڏينهن لاڙڪاڻي آيس ته پڇا ڪيم ته خبر پئي ته سائين بادشاهه هن وقت حاجي محمد صالح بروهي جي دعوت تي آهن. پوءِ اتي پهتس ۽ قدمبوسي نصيب ٿي. سائينءَ جن پڇيو ته نالي منو ڪيئن آهي؟ مون عرض ڪيو ته قبلا سائين! چار آنا فرق پيو آهي. پاڻ فرمايائون ته انشاء

الله تعالىٰ اڄ سورنهن آنا ئي فرق پئجي ويندس. پوءِ انهيءَ ڏينهن ئي نالي منو بالڪل خوش ٿي ويو.

**نقل**86: محبوب فقير خاصخيلي نقل ٿو ڪري تہ لاڙڪاڻي جي اوپر طرف عاقل جو شهر آهي. اتي مشورين واري سائينءَ جن جا فقير رهندا آهن اتي فقيرن جو هڪڙو ننڍڙو ٻار جيڪو گهر جي اڱڻ تي راند ڪري رهيو هو تہ اچانڪ کوھ ۾ ڪري پيو. مدد لاءِ ماڻهو ڪو نہ هيو. زائفن ڪا ٻي واھ نہ ڏسي مرشدن ڪريمن کي وٺي سڏ ڪيا تہ ابتري ۾ اچانڪ پاڙي مان هڪڙو مرد پڇندو آيو زائفن ان کي چيو تہ ادا! اسان جو ٻار هن کوھ ۾ ڪِري پيو آهي مهرباني ڪري ڪڍي ڏي. اهو شخص رسي جي ذريعي کوھ ۾ لهي ويو ڇا ڏسي تہ ٻارڙو هڪ تختي تي ويٺو آهي. پوءِ ٻار کي ٻاهر ڪڍي اچي مالڪن کي ڏنائين. تنهن کان بعد اُن ننڍڙي ٻار ٻڌايو تہ جيئن ئي اوهان سائينءَ جن کي سڏ ڪيا تہ ان وقت ئي مان ڏٺو تہ هڪ تختو منهنجي هيٺان کوھ مان نڪتو جنهن مونکي پاڻيءَ کان مٿي ڪري ڇڏيو.

**نوٽ** : سائين بادشاهن جي تقرير مبارڪ ۾ آهي تہ جيڪو مريد سخت مصيبت پوڻ تي بہ مرشد کي ياد نہ ڪري تہ اُن تي حيف آهي ۽ جيڪو مرشد ان سخت مصيبت ۾ بہ مريد کي سڏ ۾ سڏ نہ ڏئي تہ ان تي ڏھ دفعہ حيف آهي. اها سڀ الله سائين جل شانہ جو ئي شان آهي جو ان جا دوست ان جي حڪم سان ان جي مخلوقات جي حاجت روائي ڪرڻ فرمائن ٿا. جيئن حديث پاڪ جو مفهوم آهي تہ جڏهن اوهان کي مصيبت پهچي تہ چئو "يا عباد الله اعينوني" ترجمو: اي الله جا ٻانهؤ! اسان جي مدد ڪيو.

**نقل**87: فقير عطا محمد سومرو نقل ٿو ڪري تہ منهنجي پٽ منير احمد جو ٽانگي سان ايڪسيڊنٽ ٿيو تہ هن جو رت گهڻو وهي ويو ۽ اندر کي عضوا بہ ڇچي پيا، ڪيس لاڙڪاڻي سِول اسپتال ۾ داخل ڪرايو سيس. اتي ڊاڪٽر ڪيس چڪاس ڪري ٻڌايو تہ ڇوڪرو سِيريَس آهي شايد مري ويندو. ٿوري دير کان پوءِ ڏٺوسين تہ منير احمد ڇُرڻ پُرڻ بند ڪري ڇڏيو تنهن تي

اسان وٽي پنهنجي مرشدن ڪريمن حضرت مشوري شريف واري سائينءَ
کي سڏ ڪياسي تہ سائين هن مشڪل وقت ۾ اسان جي واهر ڪريو. اسان
سڀ روئندي سڏ ڪري رهيا هئاسين تہ ايتري ۾ ڏٺوسي تہ منير احمد
ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ چيائين تہ هاڻي هاڻي مون ڏٺو تہ سائين بادشاهہ آيا
آهن ۽ منهنجي جسم جي مٿان هٿ مبارڪ ڦيرائي فرمايو اٿن تہ توکي
ڪجهہ ڪونہ ٿيندو. پوءِ ڊاڪٽر کي وٺي آياسون اُن ڏسي چيو تہ حيرانگي
جي ڳالهہ آهي جو جيڪي عضوا مان هاڻي ڪٽيل ڏسي ويو آهيان اُهي
بالڪل صحيح سلامت آهن ۽ مريض بہ بالڪل خطري کان ٻاهر آهي. ان
واقعي کان بعد سُتت ئي منير احمد چڱو ڀلو ٿي ويو ۽ اڄ تائين خيريت
سان آهي.

**نقل88:** فقير شمن چانديو ويٺل مراد چانديو لڳ خيرپور ناٿن شاهہ نقل ٿو
ڪري تہ هڪ دفعي مون کي سکر ڪم هيو. ڪم ڪري جڏهن واپس
موٽيس تہ مون کي ريل دير سان ملي. رات جا ٻارنهن پيا ٿين سيارو هجي،
دل ۾ چيم تہ بُک بہ لڳي آهي ڇو نہ گاڏيءَ مان لهي درگاهہ شريف تي وڃان.
وري خيال ٿيو تہ هن مهل فقير بہ سڀ ننڊ پيا هوندا سيءُ بہ ڏاڍو آهي ڪير
مون کي هنڌ ڏيندو؟ ڪير مون کي ننگر ڏيندو؟ ان ئي خيال ۾ هيس تہ
اسٽيشن تي لٿاسي. مون سان اٺ ڏهہ ڄڻا ٻيا بہ گاڏيءَ مان لٿا پوءِ سيئي
گڏيا آياسي. جڏهن درگاهہ شريف تي پهتاسون تہ ٻيا فقير مسجد شريف ۾
ويٺا ۽ آءٌ ستو حجري ۾ هليو ويس. ڏٺم تہ حضرت ميان سائين ننگر آڏو
رکيون ويٺا آهن مون کي ڏسڻ سان فرمايائون تہ فقير سکر واري گاڏيءَ
مان لٿو آهين؟ مون عرض ڪيو هائو سائين. تنهن تي سائينءَ جن فرمايو تہ
پٽ آءٌ ننگر آڏو رکيون ويٺو آهيان. پوءِ مان ٻين فقيرن کي بہ وٺي آيس.
ننگر کاڌوسين تنهن تي سائين ميان سائين جن فرمايو تہ مونکي سائين
بادشاهن سڏ ڪري چيو تہ ڪجهہ فقير اچي رهيا آهن انهن لاءِ ننگر ۽
بسترن جو بندوبست ڪيو. پوءِ جڏهن ننگر کائي بس ڪيو سي تہ سائينءَ
جن فرمايو تہ فقيرو! اٿو پنهنجي لاءِ هنڌ وٺو. رات گذري صبح جو سائين

بادشاھ آيا قدم بوسي ٿي اتي اسان ڪان پڇن پيا تہ رات اوھان ڪي ننگر بہ مليو ۽ ھنڌ بہ مليو؟ اسان چيو ھائو منھنجا سائين.
**نقل**89: فقير محمد جاڙل چانڊيو ويٽل لڳ ميھڙ نقل ٿو ڪري تہ ھڪ دفعي ھي مان درگاہ شريف تي حاضر ھيس تہ پاڻ باب ساقي(اھو دروازو مبارڪ جتان پاڻ تشريف فرما ٿيندا ھئا ان دروازي مبارڪ کي باب ساقي سڏيو ويندو ھو)کان دڪيءَ مبارڪ(اھا جڳھ جيڪا مٽي جو دڙو ھئي جنھن تي پاڻ اچي تشريف رکندا ھئا)تي تشريف فرما ھئا تہ سامھون نينگرن جو ڪجھ گوڙ ٿيو جي ھڪ ڳوھ کي مارڻ لاءِ پچائيندا پئي ويا. پاڻ ڪين سڏ ڪري پڇيا فرمايائون تہ ڇا ڳالھ آھي. نينگرن عرض ڪيو تہ قبلا! ھڪ ڳوھ آھي ان کي پيا ماريون. پاڻ ڪين منع فرمايائون تہ نہ ڇئوس ان کي ڇڏي ڏيو. ايئن ڪندي ھن مسڪين ۽ حاضر جماعت وارن ڏٺو تہ اھا ڳوھ سنو سائين بادشاھن جي قدمن تي اچي پئي. پاڻ ڪيس امر فرمايائون تہ ھاڻي وڃ توکي نہ ماريندا! ڪجھ اڳتي وڃي اھا ڳوھ وري پوئتي ڪنڌ ورائي بيھي حسرت مان ڏسڻ لڳي ان تي پاڻ وري بہ ڪيس فرمايائون تہ ھاڻي وڃ توکي ڪو بہ نہ ڇوندو ۽ پوءِ اھا ڳوھ ھلي وئي.
**نقل**90: فقير انور علي حضرت محبوب مرشدن جي ھڪ اڪين ڏٺي ڪرامت نقل ٿو ڪري تہ ھڪ دفعي آئون درگاھ شريف تي حاضر ھيس تہ سائينءَ جن رئيس ڪينال جي پَرينءَ پَر باغ گھمڻ لاءِ روانا ٿيا. رئيس ڪينال مان ٻيڙيءَ ۾ چڙھي وڃي پار پھتاسين تہ پرينءَ پر جي ڪناري سان پاڻي تانگھو ھو. جنھن ڪري ٻيڙي تري سان لڳي بيھي رھي ۽ اڳتي نہ ھلي سگھي. باقي پرينءَ پر تائين چار فوٽ ڪن جو مفاصلو ھيو جنھن ۾ تانگھو پاڻي وھي رھيو ھو. حاجي علي دوست فقير خدمت ۾ عرض گذاريو تہ سائينءَ جن منھنجي ڪلھن تي چڙھن تہ سائينءَ جن کي ڪٺي ھلان. پاڻ انڪار فرمايائون ۽ جُتي مبارڪ سوڌا اڳتي وڌيا. جيئن پاڻ قدم مبارڪ اڳتي وڌايائون تہ پاڻي رُڪجي ويو ۽ خشڪي ٿي وئي پاڻ ٽپي ويا

۽ جماعت بہ ٿپي وئي. وري ڏنوسون تہ پاڻي ساڳي ريت وهڻ شروع ٿي ويو.

**نقل** 91: فقير حاجي ڄام جوڻيجو رهندڙ مديني شريف جو نقل ٿو ڪري تہ مون پنهنجي وَچ سائين بادشاهن جي نالي ڪئي هير پوءِ جڏهن وڏي ٿي تہ مون خيال ڪيو تہ درگاهہ شريف تي پيش ڪريان. پوءِ مون ٻن ٽن ماڻهن کي چيو تہ مينهن ڪاهرائي هلو. پر هو طاقت واري هئي نيٺ ماڻهو ٿڪي ڪري ڪيرائي وڌائين ۽ نہ هلي پوءِ درگاهہ شريف تي اچي حضور ۾ اهو عرض پيش ڪير تنهن تي سائين بادشاهن فرمايو تہ ڪن ۾ وڃي اسان جا سلام چئينس. پوءِ ڳوٺ موٽي مون ان مينهن کي ڪن ۾ سلام چيا تہ مينهن ڪنڌ هيٺ ڪيو ۽ مون رسو وڌومانس ۽ پوءِ آئون اڪيلو ڪاهي درگاهہ شريف تي آيس تہ ان وقت سائين بادشاهہ ٻاهر تشريف فرما هئا پوءِ مون قدمبوسي ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ واڙي ۾ بيهاري ڇڏراءِ. هِيءُ عرس شريف جي ننگر ۾ هلائيندا سي.

**نقل**92: فقير حاجي ڄام جوڻيجو رهندڙ مديني شريف جو نقل ٿو ڪري تہ هيڪر درگاهہ شريف تي حاضري نصيب ٿي. سائين بادشاهہ حافظ سائين وڏن(حافظ امام بخش باقراڻي واري کي سندن جماعت حافظ سائين وڏو ڪري ڪوٺيندي آهي) وٽ دعوت تي أسريل هئا. اسان جڏهن حضرت ڏاڏي سائين(سائين بادشاهن جا والد مڪرم) جن جي قدمبوسي ڪئي سين تہ فرمايائون تہ توهان رڳو هتي پيٽ پالڻ ٿا اچو اسان وٽ ڪي خزانہ آهن ڇا جو اوهان کي وينا ڪارايون. پوءِ اسين عرض ڪيو سين تہ اوهين ناراض نہ ٿيو اهو ٻڌايو تہ سائين بادشاهہ ڪٿي آهن. ڏاڏا سائينءَ جن فرمايو تہ توهان کي مفت ۾ ڪارائڻ وارو باقراڻي دعوت تي ويو آهي. پوءِ اسان وري اوڏانهن وياسين. سائين بادشاهن جي قدمبوسي ڪري سمورو احوال عرض ڪيوسون پوءِ جڏهن درگاهہ شريف تي خير سان آيا ۽ ڏاڏي سائين جن سان مليا تہ پاڻ فرمايائون تہ بابا! اسان وٽ واقعي ۾ خزانہ آهن جيڪي اسانکي الله سائين جل شانہ عطا فرمايا آهن. پوءِ پاڻ ڏادا سائين جن کي مشاهدو

ڪرائڻ لاءِ پنهنجي مصلي مبارڪ کي متي ڪيائون ته ڏاڏا سائين ڏسي حيران ٿي ويا ته مصلي مبارڪ جي هيٺان واقعي ۾ ڪين خزانه ٿي نظر آيا. پوءِ پاڻ ڏاڏا سائين جن کي عرض ڪيائون ته بابا! هي اُهي خزانه آهن جيڪي قيامت تائين ڪڏهن ڪونه کٽندا. پوءِ ان ڏينهن کان وٺي ڏاڏي سائينءَ جن ڪنهن ڳالهه ۾ اعتراض نه ڪيو ۽ فرمايائون ته توهان ڄاڻو ۽ توهان جي جماعت اسان وچ ۾ نه ايندا سين توهان جو مقام نرالو آهي.

**نقل**93: فقير حبيب الرحمٰن ميراثي نقل ٿو ڪري ته هيڪر سائين بادشاهه مهراڻي شاخ تي حاجي ڪوڙل مشوري وٽ دعوت تي تشريف فرما ٿيا. جڏهن دعوت ڪائي اُسرڻ جي ڪيائون ته ڪوڙل فقير جي نندڙي نياڻي(ڪوڙل فقير کي پٽ جي اولاد ڪانه هئي) سندن چولي مبارڪ جي دامن مان ورتو عرض ڪيائين سائين! ميڪون پرا ڏي. پاڻ فرمايائونس امان! تيڏا پرا پنڌ وِچ هي آندا پئي. پوءِ ڪوڙل فقير کي سُتت ئي پٽ ڄائو. پوءِ ڪوڙل فقير پٽ کڻي سائين بادشاهن جي حضور ۾ حاضر ٿيو پاڻ فرمايائونس ته ڪوڙل فقير تيڏي پٽ دا نان "محمد" رکدي پيون ادب کنون نالي منا سڏيندي ڪروس پڇي انشآءالله حافظ به ٿيسي ۽ مدرسه به پڑهيسي. سندن جي دعا ۽ بشارت بالڪل سامهون آئي ڪوڙل فقير جو پٽ نالي منو حافظ به ٿيو ۽ هاڻي مدرسو به پڑهائي رهيو آهي.

**نقل**94: فقير عبدالرحمٰن ڪنير احسان واهڻ وارو نقل ٿو ڪري ته هڪ چوڪري منهنجي نالي ٿيل هئي جڏهن جوان ٿي ته منهنجي سُهري مونکي ڏيڻ کان جواب ڏنو چو ته مان غريب هئس مون تي ٽوڪ ڪري چوندو هو ڳانو ته ٻڌيون وڃ. پوءِ مان درگاهه شريف تي حاضر ٿي سائينءَ جن کي سمورو احوال عرض ڪيم پاڻ فرمايائون ته تنهنجي مَڱ ٻئي کي ڏيڻ نه ڇڏيندا سين. پوءِ سائين بادشاهن کان دعا گهرائي جڏهن مان واپس ڳوٺ آيس ته هڪ همراهه چيو ته ڪجهه دير اڳ تنهنجي سُهري تنهنجي پڇا ڪئي آهي تون وڃي ان سان ملي اچ. پوءِ مان جڏهن پنهنجي سُهري سان ملڻ ويس ته اُن چيو ته ڪجهه وقت ٿيو آهي جو منهنجي دل ۾ اهو خيال وينو آهي ته

ڪارائڻ وارو سڀ ڪي الله سائين جل شانہ آهي امير يا غريب تي ناهي. هاڻي جلدي ڪر تہ توکي نياڻي ڏيئي اهو بار مٿي تان لاهيان. پوءِ مون اڻ وسائل هوندي شادي ۾ هٿ وڌو تہ سڀ ڪم پاڻهي ٺهندا ويا ۽ خير سان شادي ٿي وئي.
**نقل**95: فقير مولوي حبيب الرحمٰن نقل ٿو ڪري تہ هيڪر سائين نالي مٺا سائين جن تقرير مبارڪ ۾ ٻڌايو تہ اسان جيڪو بہ ڪم سائين بادشاهن کان لڪائي ڪري ڪندا هئا سون تہ پاڻ ضرورت پوڻ تي ظاهر فرمائي اسانکي فرمائيندا هئا تہ توهان جيڪي بہ ڪم اسان کان لڪائي ڪيو ٿا الله سائين جل شانہ اسانکي اُهي ڄاڻائي ڇڏي ٿو مگر اسان جي عادت نہ آهي جو ڪنهن کي خوار ڪيون. ان لاءِ ڪو بہ ڪم اسان جي اجازت کان سواءِ نہ ڪندا ڪيو نہ تہ نقصان ڏسندؤ.
**نقل**96: حاجي جُواڻ ڪلهوڙو رهندڙ ڪڇي جو نقل ٿو ڪري تہ مون کي ڪجھ ٽائيم کان ٽرَ جي ڏاڙيلن ڏاڍو تنگ پئي ڪيو. آخر مان اُنهن کان بيزار ٿي ويس ڇو تہ منهنجو ڪو ڏوھ يا مون ڏي ڪا مُهڙ بہ ڪانہ هئي هو صرف بي گناھ مون سان ڇِڦ پئجي ويا هئا. پوءِ هڪ پيري سائين بادشاهن جي حضور ۾ غائبانہ عرض گذاريم تہ منهنجا سائين! هي ماڻهون مونکي بي گناھ تنگ ڪري رهيا آهن سائين مهرباني فرمائي اُنهن کان منهنجي جان ڇڏائن. اهو عرض ڪري اجان سُتس ڏسان تہ سائين بادشاھ منهنجي گهر ۾ تشريف فرما ٿيا آهن ۽ پاڻ فرمائي رهيا آهن تہ فقير! ڪو اُلڪو نہ ڪر ۽ هنن ڏاڙيلن کان نہ ڊڄ ۽ اُٿي آرام سان گهمندو وت. هي شرير تنهنجي وار کي بہ نقصان پهچائي نہ سگهندا. پوءِ سُجاڳي ٿي ۽ سندن جي اهڙي ڪرم نوازي تي لُڙڪ لڙي آيا تنهن کان بعد خودبخود اُهي ماڻهو مونکي ايذائڻ بند ڪري ويا.
**نقل**97: فقير شمن چانديو وينل ڳوٺ مراد خان چانديو نقل ٿو ڪري تہ منهنجي پوٽي کي ماتا جي بيماري ٿي پئي،(هڪ اهڙي بيماري جنهن ۾ سڄي جسم تي داڻہ نڪرندا آهن ۽ انهن جي ڦاٽڻ ڪانپوءِ جسم تي ڇُڳھ

چُگهه تي پوندا آهن) تنهن مان هڪ ماتا جو ڏاٽو مُنجهي پيو ۽ وڏو ڦٽُ تي پيو ڊاڪٽرن چيو تہ هن ڇوڪري کي انهيءَ ڦٽُ مان ڪينسر ٿي پيو آهي. تنهن کانپوءِ ڇوڪري کي بخار ۽ گهمرا بہ ٿي پيا ڪائڻ پيڻ ڇڏي ڏنائين اسان کي خيرپور ناٿن شاهہ جي ڊاڪٽرن ڇوڪري جي علاج کان جواب ڏئي ڇڏيو. پوءِ اسان ميهڙ ڪٺي ويا سون اتي هفتو کن علاج ٿيو پوءِ انهن ڊاڪٽرن بہ جواب ڏنو اسان کي چيائون تہ هن ڇوڪري کي دادو ڪٺي وڃو دادو ۾ ويهہ پنجويهہ ڏينهن علاج هليو پوءِ دادوءَ مان بہ ڊاڪٽرن علاج کان جواب ڏنو ۽ چيائون تہ بابا! هن ڇوڪري جي بچڻ جو آسرو ڪو نہ آهي هاڻي هن کي هتان ڪٺي وڃون اسان لاچار ٿي آسرو لاهي ڇوڪري کي گهر ڪٺي آياسي تہ سڀ ڪو مٽ مائٽ ڇوڪري کي ڏسڻ اچي پيو منهنجي هڪ نياڻي منهنجي ڳوٺ کان هڪ ميل پري ٻئي ڳوٺ ۾ ڏنل آهي اها بہ ڇوڪري کي ڏسڻ آئي پوءِ انهيءَ نياڻيءَ کي رات پنهنجي گهر ڇڏي آيا سون، انهيءَ منهنجي نياڻي رات جو سائين بادشاهن کي خواب ۾ ڏٺو تہ اسان جا مرشد ڪريم مشورين وارا سائين آيا آهن ۽ بيمار ڇوڪري کي ٻانهن مان وٺي فرمائن ٿا تہ پُٽُ! هي ڇوڪرو تہ خوش آهي پوءِ انهيءَ نياڻيءَ صبح سوير پنهنجي گهر جي ڀاتين کي چيو تہ مون کي بابي ڏي ڇڏي اچو پوءِ جڏهن منهنجي گهر آئي تہ اسان سان خواب وارو سڄو احوال ڪيائين پوءِ اسان ڪيس ٻڌايو تہ رات کان ئي ڇوڪري جي طبيعت ۾ بهتري آئي آهي ۽ گهري ماني بہ کاڌي اٿائين پوءِ اسين سائين بادشاهن جي مهرباني مٿان يقين رکي چُپ ڪري ويهي رهيا سي ۽ ڇوڪري جو ٻيو ڪوبہ علاج نہ ڪرايوسي. الحمد لله ڪجهہ ئي ڏينهن کان بعد ڇوڪرو بالڪل چڱو ڀلو ٿي ويو.

**نقل**98: فقير حبيب الرحمٰن فقير غوث بخش ڏامراهي کان نقل ٿو ڪري تہ هڪ ڀيري فقير حاجي اميد علي ملگاٽي سائين بادشاهن جي حضور ۾ پنهنجي اکين جي شڪايت پيش ڪئي تہ قبلا سائين! اکين ۾ ايتري تڪليف آهي جو ڏسي بہ نہ ٿو سگهان. پوءِ پاڻ فرمايائونس تہ فقير ويجهو

اچ جڏهن فقير ويجهو ٿيو ته پاڻ پنهنجي لِبِ مبارڪ ڪڍي اکين تي هنيائونس ۽ فرمايائونس ته الله سائين جل شانہ ڪندو ته تنهنجي هر بيماري ختم ٿي ويندي (چو ته هي لِبِ اُن وات جي آهي جنهن مان هميشه الله سائين جل شانہ پنهنجو ۽ پنهنجي حبيب ڪريمﷺ جو شان مبارڪ ڳارايو آهي ۽ هي زبان ڪڏهن به حق چوڻ کان پوئتي ناهي موٽي). پوءِ فقير موڪلائي هليو ويو وري جڏهن ڪجهه ڏينهن کان بعد آيو ته جماعت پڇيس ته هاڻي تنهنجون اکيون ڪيئن آهن؟ چيائين ته بالڪل صحيح ٿي ويون آهن ۽ نظر به ايڏي چٽي ٿي وئي آهي جيئن قوهه جواني ۾ هوندي آهي.

*جز بشب جلوه نباشد ماه را*

*جز بدرد دل مجو دل خواه را*

**نقل**99: فقير حبيب الرحمٰن، سيد انور شاهه ڏيرن واري کان نقل ٿو ڪري ته هڪ ڀيري سائين بادشاهه مديني شريف اُسريل هئا ۽ مان هتي ڳوٺ ۾ خواب ۾ پيو ڏسان ته مان مديني شريف ويو آهيان ۽ مدينو شريف گهميو آهيان ۽ اُتي سائين بادشاهن سان به مليو آهيان.

اُنهن ڏينهن ۾ مونکي پٽ به ڄائو هئو. پوءِ جڏهن خير سان سائينءَ جن جي واپسي ٿي ته مان سندن جي حضور ۾ حاضر ٿيس، مون کي فرمايائون ته ميان انور شاهه مبارڪ اٿئي مون چيو سائين خير مبارڪ وري ٻيو ڀيرو به فرمايائون ته مبارڪ اٿئي مون عرض ڪيو سائين خير مبارڪ. پوءِ مون عرض ڪيو ته قبلا سائين! ٻه ڀيرا مبارڪ چو ڏنوَ؟ تنهن تي فرمايائون ته هڪ ته تون مديني شريف جي زيارت ڪئي اُن جي مبارڪ ۽ ٻيو توکي پٽ ڄائو آهي اُن جي مبارڪ. حالانڪ مون سائينءَ جن سان پنهنجي خواب جو يا پٽ جو ڪو ذڪر ڪونہ ڪيو هو.

**نقل**100: فقير حبيب الرحمٰن حضرت قبلہ سخي سائين نالي منا سائين جن کان نقل ٿو ڪري ته هڪ ڀيري تقرير مبارڪ ۾ فرمايائون ته هڪڙي سائين بادشاهن جي فقير جنهن سان ڳوٺ وارن جي دشمني هئي هڪ ڀيري

جمعي جي نماز درگاهہ شريف تي پڙهڻ آيو تہ سندس دشمن واٽ تي بندوقن ۽ ڪهاڙين سان ويهي رهيا جڏهن سائين بادشاهن سان نماز ڪانپوءِ مليو تہ عرض ڪيائين سائين! منهنجا دشمن مونکي مارڻ جا وجهہ ٿا ڳولهن حالانڪ مان بي ڏوهي آهيان ۽ انهن سان انڪڻ بہ نٿو چاهيان اهو ٻڌي پاڻ فرمايائونس تہ فقير! جي تون بي ڏوهي آهين تہ تون نڏٽڪو ناهين اسان توسان گڏ آهيون تنهنجي وار کي بہ نقصان پهچائي نہ سگهندا. پوءِ جڏهن فقير دعا گهرائي سائيڪل تي سوار ٿي اچي پيو تہ هن جي دشمنن ڏٺو تہ پري کان فقير اچي رهيو آهي تہ هي بہ حملي جي لاءِ تيار ٿي وينا جڏهن فقير هنن جي ويجهو پهتو تہ هنن جي مٿان اهڙي تہ دهشت ٿي جو چُري بہ نہ سگهيا ۽ فقير جي صورت ۾ هنن کي سائين بادشاهن جو جلوو نظر آيو نيٺ فقير تہ خير سان اچي گهر پهتو پر هنن جي دلين تي ان ڳالهہ جو اهڙو تہ اثر ٿيو جو فقير کي گهر اچي پرچايائون بہ ۽ ڪيس سمورو احوال بہ ٻڌايائون جنهن ڪانپوءِ فقير انهن کي وٺي درگاه شريف تي آيو ۽ اُنهن مون سان روبرو سمورو احوال ڪيو.

**نقل**101: فقير حبيب الرحمٰن حاجي شير خان مشوري کان حاجي محمد جڙيل مشوري جي طرفان نقل ٿو ڪري تہ هڪ ڀيري مرشدن ڪريمن سان گڏ دعوت تي هئس ۽ گاڏي هلي رهي هئي تہ اوچتو ڏٺو سي تہ هڪ ڳئون گاڏيءَ جي پويان لڳي ۽ اڌ ميل کن پنڌ ڊوڙندي ٿي آئي. پوءِ مون عرض ڪيو تہ قبلا سائين! ڳئون ڊوڙندي ٿي اچي پوءِ پاڻ سواريءَ کي جهلرايائون ۽ پاڻ لهي بيٺا جڏهن ڳئون ويجهو پهتي تہ اچي قدمن مبارڪن تي سر رکيائين ۽ ايئن ٿي لڳو جڻ ڪي روئي رهي آهي ۽ سندس اکين مان لڙڪ وهندي پئي محسوس ٿيا. پوءِ سائين بادشاهن هن جي مٿي تي هٿ مبارڪ گهمايو تہ پوءِ هو موٽي وئي ۽ ڊرائيور کي حڪم فرمايائون تہ هاڻي هل.

**نقل**102: فقير غلام رسول بروهي ويٺل باغبان خضدار نقل ٿو ڪري تہ هي نقل فقير محمد بخش بروهي عرف صُوفي بروهي ٻڌايو تہ درگاه شريف تي هيڪر سائين بادشاهن وٽ سيڊن مان ڪي نندا ٻار آيا جو روئن پيا. پاڻ

سائينءَ جن پڇا فرمايائون تہ ڇوٽا روئو؟ عرض ڪيائون تہ اسانجو گھوڙو هيو اُهو مري ويو آهي هاڻي اسان ڇا ڪنداسين جو اسانجو گذر سفر ان تي هيو. پاڻ فرمايائون تہ توهانجو گھوڙو مئل ناهي جيئرو آهي. چيائون تہ قبلا! اهو واٽ تي ڪريو ۽ اسان ڏٺو تہ مري ويو هو. پاڻ فرمايائون تہ توهان وڃي ڏسو اهو مئل نہ آهي. پوءِ اُهي ننڍڙا ٻار جڏهن واپس گھوڙي وٽ پهتا تہ ڏٺائون تہ گھوڙو اڳ ئي اُٿيو بيٺو هيو. پوءِ موٽي سائين بادشاهن جي حضور ۾ آيا ۽ ڏاڍا ٿورا ٿي ڳايائون ۽ پاڻ انڪساري فرمائيندي عاجزي وارا لفظ فرمائيندا رهيا.

**نقل**103: فقير غلام رسول بروهي ويٺل باغبان خضدار نقل ٿو ڪري تہ هي نقل مونکي فقير محمد بخش صوفي بروهي ٻڌايو تہ هيڪر سائين بادشاهن مونکي پنهنجو سفيد رومال عنايت ڪيائون. پوءِ مان جڏهن ڳوٺ آيم تہ پر واري ڳوٺ ۾ هڪ بيمار ڇوڪري هئي جنهن کي دؤرا پوندا هئا ۽ دؤري ۾ بيهوش ٿي ويندي هئي پوءِ هڪ ڀيري اُن مرض سبب بيهوش ٿي وئي هئي. پوءِ مان اُن رومال مبارڪ (جيڪو سائين بادشاهہ پاڻ استعمال فرمائيندا هئا ۽ پوءِ مهرباني فرمائي مونکي عطا ڪيو هئائون) جي هڪ ڪُنڊَ کي پاڻيءَ جي گلاس ۾ ٻوڙي ان پاڻيءَ جا ڇنڊا جو هنيامانس تہ ڇوڪريءَ اکيون کوليون ۽ پوءِ اهو پاڻي پياري ڇڏيومانس تہ ڇوڪري بلڪل نيڪ ٿي وئي ۽ ان کان بعد ڪيس ڪڏهن بہ دؤرو نہ پيو. سندن جي رومال مبارڪ جي اِها برڪت ڏسي اُنهي گھر جا ماڻهو اچي ذڪر شريف ورتائون ۽ فقير ٿيا.

**نقل**104: مولوي محمد حسن ڏوڪري وارونقل ٿو ڪري تہ مان جڏهن درگاہ شريف تي پڙهندو هيم تہ اتي مونکي خبر ڏنائون تہ تنهنجي ڀيءُ کي نانگ ڏنگي ويو آهي. اهو ٻڌي مان روئان پيو ۽ سائينءَ جن کي عرض ڪيم تہ قبلا! اجازت ڏيو تہ ڳوٺ وڃان. سائين بادشاهن فرمايو تہ پاڻي جو گلاس ڀري اچو. پوءِ پاڻيءَ جو گلاس ڀري آيا تہ پاڻ اُن تي دم ڪري مونکي حڪم فرمايائون تہ هي تون پي ڇڏ مان عرض ڪيم تہ قبلا! نانگ ڏنگ منهنجي ڀيءُ کي هنيون

آهي ۽ پاڻي مان پيئان!! پاڻ فرمايائون تہ ها! پاڻي تون پي شفا هوندي ٿيندي. پوءِ مان پاڻي پي ڇڏيو ۽ ڳوٺ ۾ منهنجي پي تان زهر جو اثر ختم ٿي ويو.

**نقل**105: صاحبزاده سائين نور احمد مشوري کان منقول آهي تہ ننڍي لاءِ مونکي ڏاڍي ڪنگهہ ٿي پئي هئي جيڪا علاج باوجود نہ پئي ڇڏي. پوءِ هڪ پيري سائين بادشاهن علاج لاءِ مونکي سکر موڪليو. اتي مان ڊاڪٽر کان علاج ڪرايو ۽ مهينو رهي پوءِ واپس آيم تہ ان وقت سائين بادشاه مسجد شريف ۾ اعتڪاف ۾ ويٺل هيا جو رمضان شريف جو آخري ڏهاڪو هيو. اتي مان ۽ منهنجو والد صاحب ۽ حاجي علي دوست گڏجي قدمبوسي ڪئي سون ۽ احوال عرض ڪيو تہ قبلا سائين! علاج مان فائدو نہ ٿيو ۽ ڊاڪٽر چون ٿا تہ ٽي بي لڳي تہ نہ ٿي پر انهيءَ جو خدشو ٿو لڳي. اسان ٽئي روئون بہ پيا ۽ عرض بہ ڪيون پيا. پاڻ دلاسو ڏيندي فرمايائون تہ رمضان شريف کان بعد مان توکي لاهور علاج لاءِ موڪليندم. مان عرض ڪيو تہ قبلا! مان لاهور نہ ويندم. پوءِ سائينءَ جن کي ڏاڍو تنگ ڪيم تہ منهنجي جان اوهين ڇڏايو ۽ اُتان اُٿان ئي نہ پيو. سائينءَ جن خلوت پيا چاهين تہ ويهي عبادت ڪيان. نيٺ پوءِ منهنجي ضد کي ڏسندي جلال مان فرمايائون تہ بهانو ڪرڻ بہ ٽئا ڏيو. هاڻي چڱو اُٿ وڃ گهر توکي ڪجهہ بہ ڪونهي. پوءِ اتي گهر ويم ۽ سمهي پيم. صبح جو اُٿيم تہ ڪنگهہ صفا ڪانہ هئي ۽ وري هن مهل تائين نہ ٿي آهي.

**نقل**106: ساڳيا صاحبزاده نقل ٿا ڪن تہ مان عربستان شريف ۾ رهندو هيم. اتي مونکي ڳوٺ کان آيل خط مليو تہ تنهنجي پاٽيجي(سائين مِٺو سائينءَ جي نينگري)گذاري وئي آهي. پوءِ مان مديني جي سائين ﷺ جن جي روضي شريف وٽ ڏاڍو رُنم تہ منهنجي پيڻ کي هڪڙي نياڻي جي اولاد هئي اُها بہ ڪسجي وئي. پوءِ رات جو سُتم تہ ننڊ ۾ سائين بادشاهن جي زيارت ٿي. ڏسان پيو تہ سندن جي هٿن مبارڪن ۾ هڪڙو نئون چاول ہار آهي جيڪو مونکي ڏيکاري فرمايائون تہ تون ايتري ڳالهہ لاءِ پريشان ٿيو آهين ۽ مديني جي سائين ﷺ جن کي وڃي دانهن ڏني اٿئي. هي ڏس تنهنجي پيڻ کي پٽ

جائو آ. پوءِ سجاڳي ٿي ۽ ڪجھ عرصي کان بعد خط آيو تہ تنهنجي پيڻ کي پٽ ڄائو آ ۽ سائين بادشاهن اُنجو نالو محمد راشد رکيو آهي.
**نقل** 107: سيّد يعقوب شاه جيلاني (صادق آباد. پنجاب) نقل ٿو ڪري تہ بابو سائين منهنجي شادي پيو ڪرائي جيڪا مون کي پسند نہ هئي ۽ جنهن سان شاديءَ لاءِ مان پيو چوان اها وري بابي کي پسند نہ هئي. پوءِ بابو ڪاوڙيو ۽ اُنهيءَ ڪري مان ڳوٺان نڪري درگاه شريف تي هليو آيس. سائين بادشاه مون سان خلاصو وينا ۽ وري وري پڇيائون تہ تون ڪهڙي ڪم سان آيو آهين؟ عرض ڪيم تہ منهنجا سائين! بابو منهنجي شاديءَ جتي ڪرائڻ چاهي ٿو مان اتي راضي نہ آهيان ان ڪري بابي سان ڪاوڙجي درگاه شريف تي آيو آهيان. سائين بادشاهن منهنجو عرض ٻڌي فرمايو تہ توکي هڪ وظيفو ٻڌايون ٿا جيڪو درگاه شريف تي ئي پڙهڻ شروع ڪر. پوءِ مون اُتي ئي سندن جو ڏسيل وظيفو پڙهڻ شروع ڪيو. صبح جو پاڻ فرمايائون تہ هاڻي ڳوٺ وڃ توهان وٽ هاڻي مٽيءَ لاءِ جيڪو رشتو پھريون اچي اهو قبول ڪجانءِ. منهنجي دل ۾ ان وقت ئي سوچ آئي تہ نہ بابي وارو رشتو ٿيندو ۽ نہ مان وارو. اهو وري ڪو نئون رشتو ايندو. مان درگاه شريف کان ڳوٺ آيس گھر جي چائنٺ کان اندر ٽپيس تہ هڪ عورت جيڪا شهر سنجرپور جي هئي امڙ کان پڇي رهي هئي تہ پنهنجي پٽن کي چو نٿي پرڻائين؟ امڙ ان کي چيو تہ وڏو پٽ يعقوب شاه آهي جيڪو پيءُ جي مرضي سان شادي نٿو ڪري ۽ ڪاوڙجي ويو آهي. انهيءَ مائيءَ چيو تہ منهنجي پيڻ وٽ ڌِيءُ آهي. منهنجي پيڻ جو پٽ وڏو آفيسر آهي ۽ اُهي دولت ۾ بہ اسان کان وڏا امير آهن. تنهن تي امڙ مون ڏانهن نھاريو. مان امڙ کي چيو جيڪا اوهان جي مرضي. پوءِ امڙ بابي کي چيو تہ قريشين وٽ وڃي ان کان ڌيءُ جو سڱ گھُر جو ان جي سالي چئي وئي آهي. بابي کي اها سمجھ ۾ نہ پئي آئي تہ هي وڏا ماڻهو آهن اسان سان ڪيئن مٽي ڪندا. امڙ جي زور تي انهن ڏي ويو پر انهن کي چئي نہ سگھيو ۽ موٽي آيو. وري اها عورت آئي امڙ کي چيائين تہ تنهنجي مڙس تہ قريشين کان سڱ

گهريو ئي نہ. هاڻي وري موڪلينس تہ وڃي سگ جي ڳُهر ڪري. وري بابو ويو ۽ سَگَ جي ڳُهُر ڪيائين جنهن ۾ قريشي صاحب بابي کان پڇا ڪئي تہ ڳهڻا پڻ اٿئي؟ بابي چيو تہ ٻہ. حالانڪہ ادو(محمد ايوب شاه)مون کان وڌيڪ پوشاڪ رکندو هو ۽ فيشن وارو ماڻهو هو. قريشي صاحب بابي کي چيو تہ تنهنجو جيڪو پڻ شريعت وارو آهي(يعني سونهاري مبارڪ اٿس)آءٌ پنهنجي نياڻي ان کي ڏيندس. پوءِ خير سان سگ مونکي مليو ۽ سائين بادشاهن جي دعا سان منهنجي شادي ٿي وئي.

**نقل**108: سهڻو فقير مشوري سڪر وارو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي منهنجو پڻ گهر جي ڇت تان ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو. ان کي اسپتال کڻي ويس. ڊاڪٽرن ايڪسري وغيره ڪڍيو ۽ علاج ڪيائون مگر ڪو بہ فرق نہ پيو. آخر ڪار ڊاڪٽرن جواب ڏئي ڇڏيو. مون گهرواريءَ کي چيو تہ هاڻي هن کي سائين بادشاهن جي حوالي ٿا ڪيون. پوءِ درگاهہ شريف تي آيا سين ۽ سائين بادشاهن جي قدم بوسي ڪري عرض ڪيوسون تہ سائين! ڇوڪرو بيمار آهي ۽ ڊاڪٽرن جواب ڏئي ڇڏيو آهي. پاڻ فرمايائون تہ نالو ڇا اٿس؟ عرض ڪيم تہ هن جو نالو راشد علي آهي. پاڻ فرمايائون تہ اسان هن جو نالو پير سائين روضي ڌڻي جن جي نالي مبارڪ جي نسبت سان "محمد راشد" ٿا رکئون ۽ هاڻي ان نالي جي برڪت سان هي بالڪل ڇڱو ڀلو ٿي ويندو. پوءِ جيئن پاڻ فرمايائون اوئن ئي ٿيو ڪجهہ ڏينهن ۾ ڇوڪرو بغير علاج جي ڇڱو ڀلو ٿي ويو.

**نقل**109: فقير مفتي محمد عبدالرحمٰن لاڙڪاڻہ نقل ٿو ڪري تہ مدرسہ قائم شاه بخاري ۾ پڙهائيندو هئس. هڪ دفعي بيمار ٿي پيس جڏهن چڪاس ڪرايم تہ ڊاڪٽرن چيو تہ توکي سِلهہ(ٽي بي) جي بيماري ٿي پئي آهي. هڪڙو لاهور جو وڏو حڪيم لاڙڪاڻہ ۾ آيو هيو. هڪڙي شاه صاحب جي معرفت سان اُن کي طبيعت ڏيکاريم. چڪاس بعد چوڻ لڳو هن جو علاج ڪونهي باقي هي گوريون وڃي استعمال ڪري ڏس جيتري حياتي اٿئي اوترو هلندين. پوءِ شاه صاحب کي پاسي تي چيائين تہ هي انهي

بيماريءَ ۾ ئي مري ويندو. پوءِ جڏهن شاه صاحب مون سان اهڙي ڳالهه ڪئي ته مان ڏاڍو غمگين ٿيس ۽ پوءِ صبح جو درگاهه شريف تي پهتس. قدرت رب ڪريم جي سائين بادشاه اُن وقت ٻاهر تشريف فرما ٿيا. ادب سان هن عاجز قدم بوسي ڪري عرض ڪيو ته قبلا سائين! لاهور کان حڪيم آيو هيو جنهن مونکي ڏسي چيو آهي ته تنهنجي بيماريءَ جو ڪو علاج ڪونهي(هي اُن وقت جي ڳالهه آهي جڏهن اجان ٽي بي جو علاج دريافت نه ٿيو هيو). سائين بادشاهن مُرڪي فرمايو حڪيم ڇا ڄاڻي؟ ڪير ٿو چوي توکي ٽي بي آ؟ ڪانهي ڪا ٽي بي. پوءِ سائينءَ جن هٿ مبارڪ مٿي ڪنيا دعا فرمايائون ۽ پاڻ حاويلي مبارڪ تي اُسري ويا. پوءِ اُن کان ڪجهه دير بعد ئي طبيعت ۾ بهتري محسوس ڪيم ۽ اُها رت بند ٿي وئي جيڪا ٿُڪ ۾ ايندي هئي. تنهن ڪانپوءِ آهستي آهستي طبيعت سڌرڻ شروع ٿي ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ بيماريءَ جو نام و نشان نه رهيو.

تیری دعا میں نہ جانے یہ کیسی تاثیر ہے
کہ ہونٹ تیرے ہلتے ہی تقدیر بدل جاتی ہے

**نقل**110: فقير منير احمد پنڻو نقل ٿو ڪري ته بابي سائين(حاجي محمد عمر پنڻي)ٻڌايو ته حج شريف تي وڃڻ لاءِ جڏهن درگاهه شريف تي سائين بادشاهن جي حضور ۾ اجازت لاءِ حاضر ٿياسين ته پاڻ دعا فرمايائون ۽ اُتي هڪڙي شخص سائينءَ جن کي عرض ڪيو ته قبلا! مون کي به حج تي موڪليو. پاڻ فرمايائون" دعا گهرون ٿا الله سائين ڪندو ته تون حج تي ويندين" چيائين ته نه سائين! اوهان زبان مبارڪ سان چئو ته حج تي ويندين ته پوءِ الله سائين به سبب ناهيندو. پاڻ فرمايائونس ته " الله سائين ڪندو" تنهن تي هن شخص وري قدمن مبارڪن تي هٿ رکيا ته سائين ايئن چؤ ته تون عنقريب حج تي ويندين نيٺ پاڻ ان جي ايڏي اسرار ڪي ڏسندي فرمايائون ته "الله سائين ڪندو تون هن سال ئي حج تي ويندين" پوءِ فرمايائونس هاڻي ته بس. پوءِ ان شخص چُپ ڪئي. پوءِ جڏهن اسان حج

شريف تي وياسي ته ڪعبة الله شريف جو طواف ڪندي اوهو ئي ماڻهو اسانکي اُتي مليو. اسان ان کي ڏسي حيران ٿي وياسين ۽ پڇيو سيس ته تون هت ڪيئن پهتين؟ تنهن تي چيائين ته مونکي سائين بادشاهن جي لفظن هِتِ پُجايو آهي.

**نقل**111: فقير بيگ محمد ٻگهيو صاحب نقل ٿو ڪري ته جڏهن سائين بادشاهه علاج واسطي مهراڻ ڪلينڪ ۾ موجود هئا ته هڪ دفعي پاڻ سائين نالي مٺي سائينءَ جن سان انب کائڻ جي خواهش ظاهر فرمايائون. پوءِ سائين نالي مٺي سائينءَ جن مون سان ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو ته مان ۽ سائين نالي مٺا سائينءَ پوري ڪراچي گهميا سين پر انب ڪٿان به ڪو نه هٿ آيا آخر ڏاڍو ارمان ٿيو ته جيڪر انب ملن ها ته خدمت ۾ پيش ڪيون ها. پوءِ ٻئي ڏينهن تي صبح جو ايئرپورٽ تان ٽيليفون آئي ته توهان جي لاءِ مديني شريف کان انبن جي پيٽي آئي آهي سا ڪٺائي وڃو. پوءِ ته اسان ڏاڍا حيران ٿياسين ته اها اچانڪ پيٽي ڪنهن موڪلي آهي پوءِ سائين نالي مٺي سائينءَ جن مديني شريف ان فقير سان ڳالهايو جنهن پيٽي موڪلي هئي ان فقير عرض ڪيو ته سائين منهنجي دل چيو ته مان سائين بادشاهن جي لاءِ مديني شريف مان انب موڪليان حالانڪ دوستن چيو ته انب جڏه مان موڪل چو ته پيسا گهڻ لڳندئي پر منهنجي دل پئي چيو ته انب مديني شريف مان ئي موڪليان سو هي پيٽي ڏياري موڪلي اٿم سا قبول پوي.

**نقل**112: فقير شمن چانديو وينل ڳوٺ مراد خان چانديو لڳ خيرپور ناٿن شاهه نقل ٿو ڪري ته پهريان هن عاجز جا تمام بُرا ڪم هوندا هئا 1960ع ۾ منهنجي دل ۾ شوق پيدا ٿيو ته مسجد شريف جي خدمت ڪيان ۽ ڪنهن الله واري وٽ وڃي دستِ بيعت ٿي گناهن کان توبه ڪيان. پوءِ خيرپور ناٿن شاهه کان ٻه ميل ڏکڻ طرف رودِ جي پاسي ۾ مسجد شريف جي خدمت ڪرڻ شروع ڪيم ته سال کن کان پوءِ رات جو خواب ۾ ڏٺم ته هڪڙي نوراني صورت آهي مون کي ذڪر شريف ڏنو اٿئين. پوءِ سڄو سال ڪڏهن ڪڏهن رات جو خواب ۾ ان ئي صورت مبارڪ جو ديدار ٿيندو رهيو، پوءِ مون

الله وارن ڏي پنڌ ڪيا پر اها صورت مبارڪ نہ پئي ملي نيٺ اسان جي ڳوٺ ۾ پير مٺي سائين(جيڪي درگاه عاليہ رحمت پور شريف لاڙڪاڻي ۾ قيام فرما هئا ۽ الله سائين جل شانہ جا ڪامل ٻانها هئا) جا فقير هئا انهن مون کي چيو تہ اسان جو مرشد يارهين شريف ڪندو آهي هلين تہ صلاح اٿئي، مون کي بہ ڏاڍو شوق ٿيو تہ اهو بزرگ ڏسان پوءِ جڏهن درگاه عاليہ رحمت پور شريف پهتاسون تہ سائين پير مٺا جي زيارت ٿي پير سائين جن کي ڏٺم پر مون کي اُها صورت ڪا نہ لڳي جيڪا مان خواب ۾ ڏسندو هئس تنهن کان بعد منهنجي دوستن چيو تہ لاڙڪاڻي ۾ هڪ ٻي مشهور درگاه آهي جنهن کي درگاهِ عاليہ مشوري شريف چوندا آهن جنهن تي ربيع الاول شريف ۾ وڏو ٻارهين شريف جو پروگرام ٿيندو آهي جي هلين تہ اوڏانهن هلئون. پوءِ دل چيو تہ اهو بزرگ بہ ڏسي اچان. جڏهن درگاه مشوري شريف تي پهتا سون تہ سائين بادشاه ٻاهر فقيرن سان ويٺا هئا جڏهن پري کنئون سائين بادشاهن تي نظر پئي تہ ڏسڻ سان ئي سندن جي صورت مبارڪ اندر ۾ چهٻجي وئي ۽ اُها ئي صورت نظر آئي جنهن جي خواب ۾ زيارت ڪندو هئس. پوءِ جڏهن قدم بوسي ٿي تہ منهنجو وجود ساڳو نہ رهيو ايئن پيو سمجهان تہ منهنجو وار وار ذڪر شريف ٿو ڪري. پوءِ سائين بادشاهن مونکي ايئن فرمايو تہ پُٽَ! اچي وئين.

**نقل**113: فقير شمن چانديو ويٺل مراد چانديو نقل ٿو ڪري تہ آئون هڪ سال بيمار ٿي پيس ڊاڪٽر چيو تہ توکي پٿري آهي اها پٿري آپريشن کان سواءِ ڪا نہ نڪرندي. غربت جو ٽائيم هيو پوءِ مان درگاه شريف تي آيس ۽ اچي سائين بادشاهن سان احوال ڪيم تہ سائين مون کي پٿري ٿي آهي غريب آهيان ايترا پيسا ڪو نہ آهن جو آئون علاج ڪرايان. هاڻي منهنجا سائين اوهان کان دعا گهرائڻ آيو آهيان. سائين بادشاهن اهو عرض ٻڌي دعا فرمايائون پوءِ آئون ڳوٺ هليو آيس. بہ ڏينهن گذريا تہ آئون پيشاب تي ويجي وينس ويهڻ سان پٿري نڪري پئي.

**نقل**114: نالي نواب شيخ وينل ڳوسو ديرو ڳالهه پيو ڪري ته سخت بيمار هيس مون کي لاڙڪاڻه وڏي اسپتال ۾ وڌائون مون کي ساهه هينين ڌڙ مٿون چڙهي ويو هيو ۽ هينين ڌڙ ڪم نه ٿي ڪيو. اُتي اسپتال ۾ ئي رات جو خواب ۾ ڏٺم ته سائين بادشاهه آيا آهن حافظ سخي سائين نالي منا سائين به ساڻ اٿن ۽ ٻي جماعت گهڻي ساڻ اٿن. مون کي سائين نالي منا سائينءَ جن هڪ ڪوپ پاڻي سان ڀريل ڏنو ۽ چيائون ته هي زمزم شريف سائين بادشاهن ڏنو آهي ته تون پيءُ توکي شفا ٿيندي. پوءِ خواب ۾ ئي سندن ڪان اهو پاڻي وٺي پيتم پيئڻ شرط ئي محسوس ٿيو جڻ ته مان خوش ٿي ويو آهيان. پوءِ سجاڳي ٿي ڏٺم ته منهنجي پوري جسم ڪم ٿي ڪيو ۽ جسم ۾ هڪ عجيب طاقت پئي محسوس ٿي. پوءِ صبح جو ئي اسپتال مان موڪل وٺي گهر آيس ۽ بالڪل چڱو ڀلو ٿي ويس.

**نقل**115: فقير حاجي علي دوست جمالي رهندڙ درگاهه مشوري شريف نقل ٿو ڪري ته هيڪر سائين بادشاهن مونکي فرمايو ته پير سائين(ٺلاه شريف) جي روضي مبارڪ کي چوڌاري ڪنهڙو ڪڍڻو آهي ۽ ڪجهه ٻيو ڪم به ڪرڻو آهي سو ٽريڪٽر ڪهرائي اچ. پوءِ مان فقير عبدالرحيم کهڙي جو ٽريڪٽر گهرايو جو ان تي سرون ۽ ٻيو سامان پئي ڍوهيو سين. ٽي ڏينهن ٽريڪٽر کي هلايو سين پر ان ۾ تيل نه وجهرايو سين. لاڙڪاڻي ۾ ٽئين ڏينهن تي فقير عبدالرحيم چيو ته ٻُجي کولي ٽريڪٽر ۾ تيل ته ڏس. ٻُجي جو کوليان ته ٽانڪي مان دونهان پيا نڪرن ۽ ٽانڪي صفا سُڪل هئي. پوءِ ان ۾ تيل وجهي درگاه تي آيا سين ۽ اهو احوال خدمت ۾ پيش ڪيو سين ته پاڻ ٻڌي فرمايائون ته "ٻُجي نه کوليو ها ته ٽريڪٽر پيو هلي ها!!".

**نقل**116: فقير غلام شبير ڪوري وينل پراڻ جتوئي نقل ٿو ڪري ته آءٌ درگاهه شريف تي ويس ته اتي هڪ همراهه آيل هيو ۽ پنهنجون ٽئي زالون به وٺي آيو هيو. پوءِ سائينءَ جن کي عرض ڪيائين ته سائين مون ٽي شاديون ڪيون آهن مگر مون کي اولاد نه ٿو ٿئي. ان وقت هڪ سندن فقير تعويذ لکندو هيو پاڻ سائين جن ان ڪان پڇا ڪيو ته تو وٽ تعويذ آهن ان فقير

چيو تہ نہ سائين. پاڻ فرمايائون تہ ڪو اخبار جو پنو ڏيو فقيرن اخبار جو پنو سندن خدمت ۾ پيش ڪيو پاڻ ان ماڻهو جي وڏي زال ڪي هڪ اخبار جو ٽڪرو ڏنائون ۽ فرمايائون تہ مائي هي ڌوئي پيئجانءِ توکي هڪ پٽ ڄمندو ان جو نالو "احمد" رکجانءِ. ٻئي مائي ڪي بہ ٽڪرا اخبار جا ڏنائون ۽ ان کي فرمايائون تہ توکي بہ پُٽَ ڄمندا انهن جا نالا هي رکجانءِ "محمد ۽ عبدالغفور" وري ٽئين نمبر عورت کي ٽي اخبار جا ٽڪرا ڏنائون ۽ فرمايائونس تہ مائي هي ڌوئي پئجان توکي ٽي پٽ ڄمندا انهن جا نالا هي رکجانءِ "غلام شبير محمد راشد ۽ محمد ڪريم".پوءِ ڪيترن ئي سالن کان بعد اهو همراهہ اسان کي وري درگاه شريف تي نظر آيو هن کان پڇيو سين تہ ڇا توکي اولاد ٿي؟ ان ٻڌايو تہ سائين بادشاهن جيئن فرمايو هيو اوئن ئي ٿيو ۽ مونکي ڇهہ پٽ ڄاوا ۽ انهن جا اُهي ئي نالا رکيا جيڪي پاڻ فرمايا هئائون.

اي عزيز! هي سڀ خزانہ الله سائين جل شانہ جا آهن جيڪي الله سائينءَ جي دوستن جي در تان ونڊجن ٿا تہ جيئن مخلوق اُنهن جي طرف رجوع ڪري ۽ اُنهن جي صحبت ماڻهن کي الله سائينءَ جي معرفت محبت ۽ اطاعت عطا ڪري. ان ڪري ڪنهن بہ وليءَ جي ڪرامت اُن نبيءَ جو معجزو هوندي آهي جنهن جو اُهو ولي اُمتي هوندو آهي ۽ نبيءَ جو معجزو وري خود خدا جي قدرت جو ئي ڪرشمو هوندو آهي.

**نقل**117: فقير غلام شبير ڪوري پراڻ جتوئي وارو نقل ٿو ڪري تہ آءٌ پنهنجي گهر هڪ رات اڪيلو رهيل هئس ٻيا سڀ ياتي مائٽن جي شاديءَ تي ويا هئا آءٌ ان رات لائٽ نہ هيندي بجلي ۾ ڦاسي پيس ۽ بي هوش ٿي ويس. بيهوشي واري حالت ۾ ڏسان پيو تہ سائين بادشاهہ مٿان اچي بيٺا آهن ۽ تار ڪٽي پرتي اُڇلائي اٿئون پوءِ جڏهن آءُ هوش ۾ آيس تہ ڏٺم تہ تار مونکان چار پنج ڦٽ پرتي پئي هئي ۽ منهنجي مٿان بجليءَ جي جهٽڪي جو اثر بہ نہ ٿي لڳو.

**نقل**118: فقير مولوي حبيب الرحمٰن ميراڻي رهندڙ ڏوڪري نقل ٿو ڪري ته حافظ علي اڪبر شيخ ڳالهه ڪئي ته مان خيرپور ناٿن شاهه دعوت تي ويو هئس اتي جڏهن تقرير ختم ٿي ته هڪ شيخ جيڪو مولويءَ جو پُٽُ آهي تنهن مون سان ڳالهه ڪئي ته مون کي پٽ جي اولاد نه پئي ٿئي پوءِ مون درگاهه عاليه تي حضرت مرشدن ڪريمن جي حضور ۾ پيش ٿي عرض ڪيو پاڻ فرمايائون ته ڇوهارا وٺي اچ پوءِ مان سندن حڪم مطابق 11 داڻه ڇوهارا وٺي آيس پوءِ پڙهي ڏنائون(جيڪي پاڻ بي اولادن کي پڙهي ڏيندا هئا) ۽ فرمايائون ته تنهنجو پٽ نشاني سان ايندو پوءِ جڏهن ڄائو ته ڪن جي مٿان ڇوهاري جو نشان هيس.

پري پير اُنهن جي اڱڻ هيڪر آءُ
جي گهرين تون پاءُ ته مڻ مڙوني وارئن

**نقل**119: حاجي باقر شاهه نقل ٿو ڪري ته مون 1974ع ۾ شادي ڪئي چار ٻار هڪ ٻئي جي پنيان ضايع ٿي ويا. پوءِ آءٌ درگاهه شريف تي آيس ۽ سائين بادشاهن کي عرض ڪيو ته سائين! منهنجا چار ٻار هڪ ٻئي پنيان ضايع ٿي ويا آهن. پاڻ دعا فرمائي فرمايائون ته انشآءالله هاڻي نه ٿيندا. پوءِ پاڻ فرمايائون ته ڪارا مرچ ۽ ڄاڻ پڙهائي وڃجانءِ ۽ جڏهن تنهنجي بيبي صاحبه حمل سان ٿئي ته پوءِ استعمال ڪجو. آءٌ ڪارا مرچ ۽ ڄاڻ پڙهائي آيس پوءِ جڏهن منهنجي گهرواري اميد سان ٿي ته سندن جي ٻڌايل طريقي مطابق استعمال ڪيا ۽ پوءِ خيرسان پٽڙو ڄائو جيڪو ڪٺي سائين بادشاهن جي حضور ۾ حاضر ٿيس ته پاڻ ان جو نالو محمود شاهه رکڻ فرمايائون ۽ اُهو هن وقت قرآن مجيد جو حافظ آهي.

**نقل**120: فقير سيد فيروز حسين شاهه صاحب ناٿا ڳوٺ ڪراچي وارو نقل ٿو ڪري ته مان مسجد جي پرسان کوهه کوٽايم ته پاڻي ڪوڙو نڪتو ڪجهه ٽائيم ڪان بعد سائين بادشاهن جي مهرباني ٿي مون سائينءَ جن کي عرض ڪيو ته سائين! مون مسجد جي پرسان کوهه کوٽايو آهي مگر پاڻي ڪڙو نڪتو آهي. پاڻ سائينءَ جن نيڻ مبارڪ کڻي مون ڏي نهاري فرمايائون " ٻه

ٿي پٽريون ڪٽي اچو” اُهي سائينءَ جن دم ڪري ڏنيون ۽ فرمايائون ته “وڃي کوهه ۾ اڇلي اچو” پوءِ مون اُهي پٽريون کوهه ۾ اڇلايون ته اهو پاڻي مٺو ٿي ويو ۽ جڏهن پاڻي چيڪ ڪرڻ وارا آيا ته اُنهن چيو ته پهريون نمبر پاڻي آهي. پوءِ اڄ تائين اُن کوهه جو پاڻي اوسي پاسي ڪان وڌيڪ مٺو آهي.
**نقل** 121: فقير سيّد فيروز حسين شاهه نقل ٿو ڪري ته آءٌ درگاهه شريف تي رات رهي صبح جو فجر نماز پڙهي سائين بادشاهن کان اجازت گهريم ته سائينءَ جن فرمايو “ شاهه صاحب ننگر ڪري پوءِ وڃو.” مون سائينءَ جن کي عرض ڪيو سائين ٽرين نڪري ويندي. سائينءَ جن فرمايو ته “ ٽرين نڪري وئي ته موٽائڻ اسان جو ڪم آهي” پوءِ مون ننگر ڪري اجازت ورتي درگاهه شريف تان نڪري ٻاهر روڊ تي آيس ته ڏٺم ٽرين نڪري وئي آهي ۽ سٽو ٻاقراڻي اسٽيشن تي وڃي رهي آهي مان به پنڌ ڪري اسٽيشن مشوري شريف پهتس ته ڏٺم اڳيئن ڦاٽڪ کان ٽرين پوئين پيرين واپس اچي رهي آهي تان ته اسٽيشن مشوري شريف تي اچي بيٺي. پوءِ اسان مسافر چڙهي ويناسين. ٽڪيٽ چيڪ ڪرڻ وارن کي ٽڪيٽ ڏنوسين انهن اسان کي ٻڌايو ته اسان گاڏيءَ کي اڳتي هلڻ جو گير هنيوسي ته ريل هلي ته اڳتي نه پئي هلي وري پوئتي هلايوسي ته هلڻ لڳي. پوءِ چيو سي ته جهنگ ۾ بيٺي آهي پوئتي اسٽيشن مشوري شريف آهي اتي بيهاري ٺاهيونس ٿا پوءِ هتي اچي پهتاسين هاڻي هلايونس ٿا ته صحيح ٿي هلي گويا خراب ئي نه آهي.
**نقل** 122: فقير محمد ابراهيم مشوري وينل منياڻي نقل ٿو ڪري ته منهنجي مينهن چاڪ نه هئي آءٌ درگاهه شريف تي تيار ٿيس مگر منهنجي گهرواريءَ چيو ته فقير مينهن چاڪ نه آهي، ان جي دوا ڪراءِ پوءِ درگاهه شريف تي وڃ. مون چيومانس ته مينهن سائينءَ جي حوالي آهي ائين چئي پوءِ آءٌ درگاهه شريف تي هليو آيس. سائين بادشاهن جي قدمبوسي ڪيم ته سائينءَ جن پهريان ئي ائين فرمايو ته “فقير تنهنجي مينهن ته چاڪ آهي!؟” مون عرض ڪيو سائين! توهان جي حوالي ڪري آيو آهيان سائينءَ جن فرمايو ته “جي اسانجي حوالي ڪري آيو آهين ته پوءِ چاڪ آهي.” جڏهن ٻي

ڏينهن صبح جو ڳوٺ آيس تہ گهرواريءَ ٻڌايو تہ مينهن رات ئي چاڪ ٿي وئي هئي.
**نقل**123: فقير عبدالرسول شيخ نقل ٿو ڪري تہ فقير علي دوست سائين بادشاهن کي عرض ڪيو تہ سائين! ننگر جي لاءِ گيهہ ڏيو سائينءَ جن چاٻيون مون کي ڏئي فرمايو "فقير کي گيهہ ڪڍي ڏيو." ڪمرو کولي گيهہ ڳوليم مگر گيهہ ڪو نہ لڌو مون سائينءَ جن کي عرض ڪيو تہ سائين! گيهہ ڪو نہ آهي پاڻ فرمايائون تہ عبدالرسول صحيح طرح نہ ڏٺو هوندئي گيهہ پيو آهي. مون وري وڃي سڄو ڪمرو جاچيو پر گيهہ نظر نہ آيو وري جڏهن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ سائين! شايد ختم ٿي چڪو آهي تہ پاڻ فرمايائون تہ نہ گيهہ پيو آهي تون وڃي وري بہ ڏسي آ. پوءِ جو ويم تہ ڏسي حيران رهجي ويس تہ گيهہ جا ڪيترا ئي دٻا ڪمري ۾ سامهون رکيل هئا. پوءِ اُتان هڪ دٻو کڻي سائينءَ جن جي حضور ۾ پيش ڪيم جيڪو پاڻ فقير کي ڏيڻ فرمايائون.
**نقل**124: فقير جاڙو وينڙ ڳوٺ ڏيپارجہ جو نقل ٿو ڪري تہ منهنجي مينهن چور ڪاهي ويا ۽ گهڻي ڳولها ڪان پوءِ بہ خبر پئجي نہ سگهي نيٺ مان دل ۾ اميد رکي درگاه شريف تي حاضر ٿيس تہ سائين بادشاه وضو فرمائي رهيا هئا سندن جي قدمبوسي ڪيم تہ پاڻ مون سان ياڪر پائي مليا ۽ مون کي فرمايائون تہ فقير! هڪ مينهن جي ڪري اچي دل لاتي اٿئي هاڻي ڳڻتي نہ ڪر توکي مينهن ملي ويندي. حالانڪ اجان مون ظاهري عرض نہ ڪيو هو. پوءِ آءٌ موٽي ڳوٺ آيس تہ ٽين رات پوليس پرواري ڳوٺ ۾ ڇاپو هنيو ۽ چور بہ پڪڙائون ۽ منهنجي مينهن بہ بازياب ڪرايائون ۽ پوءِ مون کي مينهن واپس موٽي ملي.
**نقل**125: فقير محمد رمضان رانوڙ وينڙ ڳوٺ مَلڪ نقل ٿو ڪري تہ مون سائين بادشاهن کان ذڪر شريف وٺي تاج شريف پائي پوءِ ڳوٺ آيس. جڏهن ڳوٺ آيس تہ اسان جي محلي جي مسجد ۾ تبليغي جماعت وارا آيل هئا پوءِ آءٌ بہ ان خيال سان ڪجهہ ڏينهن مفت ۾ ڪائي پي ۽ گهمي ايندس، اُنهن

سان گڏ تبليغ لاءِ هليو ويس. جڏهن تبليغ تان واپس موٽيس تہ سائين بادشاهن جو دادوءَ ۾ پروگرام هجي. مان بہ تاج شريف پائي دادو ويس ۽ اُتي وڃي سائين بادشاهن جي قدمبوسي ڪيم ۽ سائينءَ جن کي عرض ڪيم تہ سائين! مان بہ اوهان جو مريد ٿيو آهيان ۽ هاڻي تاج شريف بہ پايان ٿو سائين بادشاهن مون ڏي جلال ۾ ڏسي فرمايو تہ "تاج شريف تہ ٻار بہ پائن ٿا. تون اسان جو سڏائي وري تبليغ وهابين سان ٿو ڪرين". پوءِ تہ منهنجي پيرن هيٺان زمين ئي نڪري وئي ۽ قدمن مبارڪن تي ڪري معافي ورتم تہ سائين منهنجي توبہ وري ڪڏهن انهن سان گڏ نہ ويندس. پوءِ پاڻ شفقت فرمائي دعا فرمايائون ۽ فرمايائون تہ پٽ! اِهي مديني جي سائينءَ ﷺ جن جا بي ادب آهن انهن کان هميشہ پاڻ کي پرتي رکج.

اي عزيز! سائين بادشاهن جو فرمان آهي تہ بي ادبي اُها چٽنگ آهي جو جيڪڏهن عملن جا ڪرار بہ هجن تہ اها بي ادبي واري چٽنگ اُنهن کي خاڪ ڪري ڇڏيندي.

**نقل**126: فقير محمد بخش ڪيڙو نقل ٿو ڪري تہ آءٌ درگاهہ شريف تي ويس ۽ سائين بادشاهن جي قدمبوسي ڪري عرض ڪيم تہ منهنجا سائين! منهنجي ذات وارا مون کي نٿا سهَن. ڇا جي لاءِ جو اوهان وٽ ايندو آهيان. پاڻ مون ڏي ڏسي فرمايائون تہ پُٽ! جيڪڏهن هن سڌي رستي جي ڪري توکي نٿا سهن تہ هڪ ڏينهن اِهي سڀ ڪيڙا تنهنجا غلام هوندا. پوءِ سندن جي لفظن مبارڪن اهڙو اثر ڏيکاريو جو اهي ئي ماڻهو جيڪي مونکي چوندا هئا تہ ڇو وڃي "ٻروچ" جو مريد ٿيو آهين، اُهي ئي ماڻهو اچي مان غريب کان دعائون بہ گهرائيندا هئا ۽ پنهنجن مسئلن ۾ مونکي امين بہ بڻائيندا هئا.

**نقل**127: فقير غازي مري نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي آءٌ ڪنهن مسئلي جي ڪري تمام گهڻو پريشان ٿي پيس ڪائي واهہ نہ ڏسندي نيٺ رات جو درگاهہ شريف تي هليو آيس. هي اُهو وقت هيو جو سائين بادشاهہ وصال فرمائي چڪا هئا. پوءِ مان اچي روضي پاڪ تي ويهي ڏاڍو رُنس روئندي

روئندي أتي ئي سُمهي پيس. خواب ۾ ڏٺم ته سائين بادشاه آيا آهن ۽ مونکي هٿ کان وٺي أٿاري فرمائن ٿا ته پُٽ! چو پريشان ٿيو آهين وڃي ياسين شريف پڙهه تنهنجا سيئي مسئلا حل ٿي ويندا. پوءِ جڏهن سجاڳي ٿي ته سندن جي اهڙي ڪرم نوازي تي ڏاڍو خوش ٿيس ۽ رات گذاري صبح جو ڳوٺ هليو آيس اچي ياسين شريف پڙهڻ شروع ڪيم ته ڪجهه ئي ڏينهن ۾ سڀ مسئلا ايئن حل ٿي ويا جو خبر ئي ڪانه پئي.

**نقل**128: فقير غازي مري نقل ٿو ڪري ته آءٌ پنهنجي گهرواريءَ کي ڪنهن ڳالهه تي ڏاڍي مار ڏني. رات ٿي ستو پيو هئس ته خواب ۾ ڏسان ٿو ته سائين بادشاه اچي مٿان بيٺا آهن ۽ فرمائن ٿا ته توکي حياء نه ٿو ٿئي جو عورت ذات تي ايئن بي رحمي سان مار ڏني اٿئي ۽ أن ويچاريءَ اسان کي روئي دانهن ڏني آهي جيڪڏهن اڄ کان پوءِ فقيرياڻي کي مار ڏنئي ته اسان جي نظرن مان ڪري پوندين. پوءِ أٿيم ته أتي گهرواريءَ کي پرچايم ۽ أن ڏينهن کانپوءِ ڪيس ڪڏهن به مار ڪونه ڏني آهي.

**نقل**129: فقير غازي مري نقل ٿو ڪري ته 1983ع ڌاري اسين حافظ رضا محمد پان وٽ موري ۾ پڙهندا هئاسين ته هڪ ڏينهن اسان جو استاد درگاهه شريف تي لاڙڪاڻي آيو ۽ اسان طالبن وري استاد کي نه ڏسندي پاڙي جي ڪجهه ڇوڪرن سان ملي ڪري مدرسي ۾ اندر "والي بال" راند ڪيڏي سي. هيڏي وري استاد سائين جڏهن سائين بادشاهن سان مليو ته پاڻ فرمايائونس ته حافظ صاحب! طالبن کي سختيءَ سان منع ڪر جو ته مدرسي ۾ "والي بال" راند ٿا ڪيڏن. ان سان مدرسي جو تقدس پامال ٿئي ٿو. استاد سائينءَ کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي جو ته أن اسان کي ڪڏهن به "والي بال" ڪيڏندي ڪونه ڏٺو هيو سو سوچيائين ته طالب ته مدرسي اندر ڪيڏندا ئي ناهن پر ادب جي ڪري سائين بادشاهن کي ڪجهه چئي نه سگهيو جڏهن موٽي آيو ته اسان کان پڇيائين ته ڇا توهان مدرسي ۾ "والي بال" راند ڪئي آهي اسان مار جي پؤ کان چيوسين ته اسان راند نه ڪئي آهي. پوءِ استاد سائينءَ چيو ته توهان ڪوڙ ٿا هڻو جو ته مون سان اِها ڳالهه سائين بادشاهن ڪئي آهي.

پوءِ اسان طالب حيران ٿي ويا سي تہ سائينءَ جن کي اِهو ڪنهن ٻڌايو پوءِ ڏِجندي سچي ڪئي سون ۽ استاد سائين کان معافي گهري سون تہ اڳتي ڪڏهن بہ راند نہ ڪنداسين.
**نقل**130: فقير غازي مري نقل ٿو ڪري تہ منهنجو ڇوڪرو نالي منو چاڪ نہ ٿي پيو ۽ اسان ڪيس دادوءَ واري اسپتال ۾ داخل ڪرايوسيس. سندس حالت ڏاڍي خراب هئي تنهن جي ڪري امڙ بہ ڏاڍي پريشان رهي پئي. هڪ رات سائين بادشاهن کي غائبانہ روئي عرض ڪيائين تہ سائين! هاڻي اسان ۾ سَهَپَ نہ رهي آهي تنهن ڪري مهرباني فرمائي منهنجي ٻچي کي الله سائينءَ کان صحت وٺي ڏيو. اُنهيءَ رات ئي امڙ خواب ۾ ڏٺو تہ سائين بادشاهہ آيا آهن ۽ سندن جي هنج ۾ منهنجو پٽ نالي منو آهي پاڻ امڙ کي نالي منو ڏئي فرمايائونس تہ امان! وٺ پنهنجي ٻچڙي کي هاڻي بالڪل چاڪ آهي. جڏهن امان ان خواب جو ذڪر ڪيو تہ صبح جو ئي ڇوڪري کي اسپتال مان ڪيرائي گهر وٺي ويا سي تہ ڇوڪرو بالڪل نيڪ ٿي چڪو هيو.
**نقل**131: فقير محمد اسماعيل مشوري نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهہ شريف تي ننگر ۾ ڪدو شريف آيا، جڏهن سائين ميان سائين بادشاهن ننگر ورهائي ڏٺو تہ جيڪو بہ فقير پهريون گرهہ ڪٽي پيو تہ ٻي گرهہ ۾ هٿ نہ پيو وجهي پوءِ سيئي فقير بغير دانهن ڪرڻ جي اُٿندا ويا. سائين ميان سائينءَ جن جڏهن ڏٺو تہ فقير ننگر نٽا ڪن تہ هڪڙي فقير کان پڇيائون تہ ڇا سبب آهي؟ ننگر ڇو نٽا ڪيو؟ ان فقير عرض ڪيو تہ سائين! ڀاڄي ڪوڙي آهي انڪري ڪوئي نٿو کائي پوءِ سائين ميان سائينءَ جن پاڻ ڀاڄي چکي ۽ چکڻ کان پوءِ تمام ڀاڄي جو ديڳڙو واپس حويلي شريف تي کنيون ٿي ويا تہ وات تي سائين بادشاهہ ملين ۽ پڇا فرمايائون تہ ابا! ڀاڄي ڪاڏي کنيون ٿو وڃي. سائين ميان سائينءَ جن سائين بادشاهن کي عرض ڪيو تہ سائين! ڪدو شريف جي ڀاڄي آهي مگر ڪوڙي ٿي پئي آهي اُن ڪري فقير نٽا ڪائن. سائين بادشاهن فرمايو تہ ديڳڙي جو ڍڪڻ لاهہ. پوءِ پاڻ ڀاڄيءَ تي ڪجهہ پڙهي دم ڪري سائين ميان سائينءَ جن کي فرمايائون تہ هاڻي

پاڃي چڪي ڏسو. جڏهن سائين ميان سائينءَ جن پاڃي چکي ته بالڪل ڪوڙي ڪونه هئي پوءِ واپس ڪٽي آيا ۽ تمام فقيرن کي سڏي ڪارايائون ۽ سيني فقيرن ننگر ڪيو ۽ ڪنهن به دانهن نه ڪئي.

**نقل**132: فقير گل حسن شيخ وينئل شهر ڏيپارجا نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي هڪ شيعي فرقي وارو سائين بادشاهن جي حضور ۾ آيو ۽ اچي عرض ڪيائين ته سائين! اسان حق تي آهيون. سائين بادشاهن ڪيس فرمايو ته هر دعويٰ جو هڪ دليل هوندو آهي تو وٽ ڪهڙو دليل آهي ته تون حق تي آهين؟ ته هو چُپ ٿي ويو ۽ ڪجھ ڪونه ڪڇيائين، پوءِ پاڻ ان کي فرمايائون ته توهان مناظري ڪان وڌيڪ مباهلي کي ترجيح ڏيندا آهيو ۽ هر وقت مباهلو، مباهلو ڪندا رهندا آهيو اسان به هاڻي توسان مباهلو ٿا ڪيون ته يا رائيس ڪينال جي مٿان مصلو وڇائي تون نماز پڙھ يا اسان جو ڪو فقير مصلو وڇائي نماز پڙهي پوءِ جيڪو نه ٻُڏي سو حق تي آهي. پوءِ اِهو ٻڌي شيعي مذهب وارو لاجواب ٿي ويو.

**نقل**133: فقير قمرالدّين پنهور دادو وارو نقل ٿو ڪري ته آءٌ قرآن مجيد پڙهيل نه هئس مون سائين بادشاهن کي عرض ڪيو ته سائين قرآن مجيد پڙهيل نه آهيان مون کي شوق ٿيو آهي ته گهٽ ۾ گهٽ ناظره ته پڄايان سو سائينءَ جن ڪا دعا جي مهرباني فرمائن. پاڻ ته گلاس ۾ پاڻي ڪٽي اچ. آءٌ پاڻي ڪٽي آيس. پاڻ هڪ نظر مبارڪ مون تي فرمائي ۽ پاڻي جي مٿان ڪجھ پڙهي مون کي گلاس واپس ڏنائون پوءِ مان وٺي اُهو پاڻي پيتو. جڏهن ڳوٺ موٽي آيس ته بابي سائينءَ کي عرض ڪيم ته بابا! مون کي قرآن شريف جو سبق ڏيو. بابي سائينءَ مون کي هڪ ڏينهن سبق ڏنو پوءِ آءٌ ٻنيءَ تي وڃي هفته کن رهيس ۽ اتي پنهنجي مُنهُن قرآن شريف پڙهندو رهيس ايئن ٿي لڳو جڻ آءٌ اڳوڻ ئي پڙهيل هجان پوءِ هڪ هفتي ۾ قرآن شريف پڙهي پورو ڪيم پوءِ گهر آيس ۽ بابي سائينءَ کي چيم ته بابا! منهنجو قرآن مجيد جو دور ٻڌو. بابي سان گڏ به فقير، فقير محمد ابراهيم پنهور ۽ فقير محمد يعقوب به وينا هئا. بابي مون کي چيو پُٽ وُضو ڪري

اچ. آءٌ وضو ڪري آيس تہ هڪ هڪ سيپاري مان ٻہ ٻہ رڪوع ٻڌائين تہ حيران ٿي ويو ۽ چيائين تہ پُٽ! تون هڪ هفتي ۾ قرآن پاڪ پڙهي ڪيئن پورو ڪيو؟ مون بابي کي سائين بادشاهن جي پاٽي پڙهي ڏيڻ وارو قصو ٻڌايو تنهن تي بابي چيو تہ پُٽ! هي سڀ سائين بادشاهن جي مهرباني آهي نہ تہ تنهنجي پڙهڻ جو حال نہ هو.

**نقل**134: فقير قمر الدين پنهور دادو وارو نقل ٿو ڪري تہ منهنجو ڇوڪرو شمس الدين بيمار ٿي پيو مون وٽ پئسا بہ ڪو نہ هئا جو آءٌ دوا ڪرايان. آءٌ ٻنيءَ جو ڪم ڪري گهر آيس ڏسان تہ منهنجي ڇوڪري جي حالت تمام خراب هئي ۽ منهنجي گهرواري روئي پئي پوءِ مان وضوءِ ڪري صلواة شريف پڙهڻ وينس، صلوٰة شريف پڙهندي پڙهندي مون کي ٿوري گهل آئي، خواب ۾ ڏسان ٿو تہ حضرت مرشد ڪريم سائين بادشاهہ آيا آهن ۽ مون کي فرمائن ٿا تہ فقير روءُ نہ توهان جا ۽ توهان جي اولاد جا اسان نگهبان آهيون. پوءِ اٿي آءٌ سجاڳ ٿي پيس. اٿي ڪري پنهنجي ڇوڪري کي ڏٺم تہ سندس بخار لهي چڪو هيو ۽ ان ئي ڏينهن تي بالڪل ڇوڪرو چڱو ڀلو ٿي ويو.

**نقل**135: فقير غازي مري نقل ٿو ڪري تہ آءٌ هڪ دفعي پنهنجا سڀ گهر ڀاتي ٻارهي شريف جي موقعي تي درگاهہ شريف وٺي ويس پوئتي پنهنجي گهر ۾ فقط پنهنجي سالي کي رهايم اُن کي اچي خيال ٿيو تہ گهر ۾ سامان بہ گهڻو آهي ۽ مون وٽ ڪو هٿيار بہ ڪونهي جيڪڏهن چور اچن تہ مان ڇا ڪندس. پوءِ اتفاق سان اُن رات ڳوٺ ۾ فائرنگ بہ ٿي. مون واري سالي جي دل اجان وڌيڪ لهي وئي. نيٺ جاڳي جاڳي جڏهن سُمهيو تہ ڏسي ٿو تہ هڪ سفيد لباس ۾ حسين صورت سان هڪ بزرگ آيو آهي ۽ چويس ٿو تہ پُٽ! تون ڊپُ نہ ڪر فقير جو گهر اسانجي نگاهہ ۾ آهي اُتي منهنجي سالي کي سجاڳي ٿي ۽ دل جاءِ ٿيس. پوءِ هڪ ٻہ ڏينهن بي خوف ٿي سڪون سان گذاريائين. پوءِ جڏهن آءٌ ٻارن سميت واپس ڳوٺ آيس تہ مون کي سڄو احوال ڪيائين پوءِ مون اُن کي ڄاڻي واڻي پهريائين سائين ميان

سائينءَ جن جي تصوير مبارڪ ڏيکاري ۽ پڇيومانس تہ ڇا خواب ۾ هي صورت پاڪ ڏٺي هيئي هن غور ڪري چيو تہ نہ اُها صورت پاڪ اجان ٻي هئي پوءِ مون اُن کي سائين بادشاهن جي تصوير مبارڪ ڏيکاري تہ اُن چيو تہ ها اهو ئي بزرگ هيو جيڪو مون خواب ۾ ڏٺو هيو. ان واقعي کان پوءِ اسان کي ايڏي تہ دل جاءِ ٿي جو ڪاڏي ويندا هئا سين ۽ گهر خالي هوندو هئو تہ بہ ڪنهن قسم جو ڊپ ڊاء نہ هوندو هيو.

**نقل**136: فقير غازي مري نقل ٿو ڪري تہ آءٌ جڏهن موري جي مدرسي ۾ پڙهندو هيس ۽ اجان سائين بادشاهن جو طالب نہ ٿيو هيس تہ اتي رهندڙ هڪ فقير نالي محمد ڪامل (ڪلهوڙو) کي اڌ رنگو ٿي پيو. جنهن سبب ان جو هڪ پاسو هلڻ کان لاچار ٿي پيو هوس پوءِ سيني چيس تہ ڪنهن حڪيم يا ڊاڪٽر کي ڏيکار. فقير وري سِڌو درگاهہ شريف تي آيو ۽ سائين بادشاهن جي قدمبوسي ڪري عرض ڪيائين تہ سائين! مون کي اڌ رنگو ٿي پيو آهي دعا ڪيو. پاڻ پنهنجو هٿ مبارڪ سندس جسم تي گهمايائون ۽ دعا فرمايائون. فقير جو اڌ رنگو اُن گهڙيءَ ختم ٿيو ۽ بالڪل نيڪ ٿي ويو. پوءِ جڏهن واپس ڳوٺ آيو تہ چڱو ڀلو هيو. پوءِ اسان سان سمورو احوال ڪيائين. سندس جي زبان مان سائين بادشاهن جي اهڙي مهرباني ٻڌي ۽ سندن ڪرامت اکين سان ڏسي منهنجي دل بہ ذڪر شريف وٺڻ جي طلب ڪئي ۽ پوءِ درگاہ شريف تي حاضر ٿي غلامن ۾ داخل ٿيس.

**نقل**137: فقير غازي مري نقل ٿو ڪري تہ منهنجو سالو ڪنهن ڪيس سببان ڪجهہ سالن کان جيل ۾ هيو ۽ اُن کي منهنجي ڀيڻ جو سڱ بہ ڏنل هيو ۽ منهنجي ڀيڻ جي عمر بہ چڙهندي پئي وڃي پوءِ هڪ دفعي مون ٻارهي شريف جي موقعي تي رات جو سندس رهائيءَ لاءِ روئي دعا گهري ۽ پوءِ اُتي ئي صحن ۾ سُمهي پيس. خواب ۾ سائين بادشاهن اچي ديدار ڪرايو ۽ مونکي فرمايائون تہ فقير! تنهنجو سالو آزاد ٿيندو پر وري جيل ويندو. چئينس تہ هر قسم جي غلط ڪم کان توبهہ ڪري نہ تہ تڪليف ۾ پوندو. خواب ڏسڻ کانپوءِ جڏهن مونکي سُجاڳي ٿي تہ آءٌ صبح جو ڳوٺ

آيس ۽ پنهنجي سالي کي ڇڏائڻ واسطي حيدرآباد هاءِ ڪورٽ ۾ وڪيل کي وٺي وڃي ضمانت لاءِ درخواست ڏنم ته اُهو جج جنهن باوجود ڪيترين ئي ڪوششن جي ضامن قبول نہ ڪيو هيو اُن پيري ضامن منظور ڪيائين ۽ منهنجو سالو جيل مان نڪري آيو مون ڪيس سمورو احوال ڪيو ۽ هر ڳالهہ کي ڇڏي ڪري درگاه شريف تي حاضري لاءِ چيومانس تہ هائو ڪيائين ۽ چيائين تہ هاڻي مون هر ڳالهہ کان توبہ ڪئي پوءِ ڪيس پنهنجي پيڻ پرڻائي ڏني مانس. هن ڳالهہ کي بہ ٽي مهينا گذري ويا پر هو درگاه شريف تي حاضر نہ ٿيو هڪ ڏينهن مون کان درگاه شريف جي ايڊريس وٺي درگاهہ شريف وڃي پيو تہ لاڙڪاڻي جي شهر ۾ پوليس پڪڙي جيل ۾ وِڌس. پوءِ هن اُتي اچي سائين بادشاهن کي سنيااليو تہ ايتري ۾ هڪ پوليس آفيسر آيو جنهن هن کان پڇا ڪئي تہ ڪيڏانهن پيو وڃي؟ هن اُن کي چيو تہ آءٌ درگاه مشوري شريف ڏانهن وڃان پيو. اهو ٻڌندي ئي اُن آفيسر ڪيس آزاد ڪري ڇڏيو. پوءِ هي سڌو درگاه شريف تي حاضر ٿيو ۽ سندس زندگي بدلجي وئي ۽ اڄ بہ سُکيو گذاري رهيو آهي.

**نقل** 138: فقير عبدالرسول شيخ دادوءَ وارو نقل ٿو ڪري تہ منهنجي گهرواريءَ کي ڇهون مهينو پيٽ هيو آءٌ درگاهہ شريف جمعي جي نماز پڙهڻ ۽ سندن زيارت لاءِ ويس اُتي دل ۾ سوچيم تہ آيو بہ آهيان تہ سائين بادشاهن کان ٻار جو نالو پُڇا ڪندو وڃان. جڏهن سائينءَ جن کي عرض ڪيم تہ سائين! منهنجي گهرواري اُميد سان آهي تنهن لاءِ مهرباني ڪري نالو ٻڌائيندا تہ جيئن اُهو نالو مان پنهنجي ٻار تي رکان. پاڻ فرمايائون تہ پُٽ! نالو "ڪنيز فاطمہ" رکجائِنس. اِهو ٻڌي آئون غمگين ٿيس ڇو تہ منهنجو خيال هيو تہ مونکي پُٽ ڄمندو پر پاڻ "ڪنيز فاطمہ" نالو فرمائي واضح فرمايائون تہ منهنجي گهرواريءَ جي پيٽ ۾ پُٽ نہ بلڪ ڌيءُ آهي. ان سوچ ايندي ئي پاڻ فرمايائون تہ پُٽ! نياڻي بہ رحمت آهي. پوءِ مون کي نياڻي ڄائي ۽ مون سندس نالو "ڪنيز فاطمہ" رکيو.

**نقل**139: ساڳيو فقير نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي مان سائين بادشاهن کي عرض ڪيو ته سائين! مونکي پُٽ جو اولاد ڪونهي. سائين دعا فرمائن ته مونکي پُٽُ ڄمي. پاڻ فرمايائون ته وڃي يارنهن(11) ئر ڇوهارا وٺي اچ ته توکي پڙهي ڏيون. پوءِ مان ڇوهارا وٺي سندن حضور ۾ پيش ڪيا ته مونکي پڙهي ڏنائون ۽ فرمايائون ته هن پيري توکي پُٽُ ڄمندو جنهن جو نالو "نور احمد" رکجانءِ. پوءِ مونکي تنهن سال ئي پٽ ڄائو ۽ مون سندس نالو "نور احمد" رکيو.

**نقل**140: فقير غلام رسول ميمڻ موري وارو نقل ٿو ڪري ته مولوي نالي مٺي پان پوٺي موري واري (جيڪو سائين بادشاهن جو فقير نه هيو) ٻڌايو ته آءٌ جلسو ڪرڻ لاءِ منياٽيءَ ويس. اُتي سائين مشورين واري جي هڪ فقير سان منهنجو تاج شريف پائڻ تي بحث ٿيو جنهن تي مان ڪاوڙجي پيس ۽ اُنکي ٻه گهٽ وڌ ڳالهايم ته تاج شريف جي لاءِ ٻه ڏاڍا غلط لفظ ڳالهايم. پوءِ آءٌ موري آيس ۽ اچي تاج مسجد موري واريءَ ۾ سُمهي پيس. سُمهڻ سان خواب ۾ ڏسان ٿو ته مديني شريف پُهتو آهيان ماڻهن جو ڏاڍو هجوم آهي ۽ سڀ هڪ پاسي وڃن پيا. ماڻهن کان پڇا ڪيم ته توهان ڪاڏي ٿا وڃو؟ ماڻهن چيو ته سائين مشورين وارا ٿا اچن اسان اوڏانهن ٿا وڃون. پوءِ آءٌ به اُنهن سان رَلجي پيس. ڏسان ٿو ته سائين بادشاهه جلوه افروز ٿيا آهن ته مون به ٻوڙي وڃي قدمبوسي ڪئي. پاڻ سائينءَ جن مون کي ڏسي فرمايو ته مولوي صاحب! هلي آ ته توکي مدينه واري سائين جي تاج شريف جي زيارت ڪرايون. پوءِ آءٌ سائينءَ جن سان گڏ ويس. ڏسان ته سبحان الله! گنبذِ خِضرا جي ڇانوَ هيٺان هڪ گٽ سينگاريل آهي جنهن جي مٿان "تاج شريف" رکيل آهي. اِتي سائين بادشاهن مون کي فرمايو ته "مولوي صاحب! اسان جي فقيرن ۽ تاج شريف سان نفرت نه ڪندو ڪر". پوءِ مونکي سجاڳي ٿي ته "تاج شريف" جي شان جي خبر پئجي وئي ۽ مون هميشه لاءِ سائينءَ جن جي "فقيرن ۽ تاج شريف" جي مخالفت کان توبه ڪئي.

**نقل** 141: فقير عبدالغفور چانديو ويٺل خيرپورناٿن شاھ نقل ٿو ڪري تہ موهن جي دڙي جي پرسان ڳوٺ حاجي خان مشوري جي فقيرن مونکي ٻڌايو تہ اسانجي هڪ عزيز کي ڇتي ڪتي ڪائي وڌو جنهن تي همراه يڪدم علاج نہ ٿيڻ سببان ڇتو ٿي پيو هو. پوءِ تہ ڏاڍا علاج ڪراياسيس پر فائدو نہ پيو ٿئي. پوءِ هڪ ڏينهن کيس درگاه شريف تي سائين بادشاهن جي خدمت ۾ ڪٺي آياسيس ۽ عرض ڪيوسين تہ سائين! هن ويچاري جي جان ڇڏايو تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ الله سائين کي پارت آهي اسان اوهانکي پاڻي پڙهي ٿا ڏيون اُهو پياريوس بہ ۽ اُن جا ڇنڊا بہ هڻوس. پوءِ اسان اُن کي زوريءَ پاڻي پياريو ڇو تہ ڇتو ماڻهو پاڻيءَ کان ڊڄندو آهي ۽ اُن پاڻيءَ جا ڇنڊا بہ هنياسينس تہ اسانجي همراه جي حالت سڌرڻ لڳي ۽ ڪجھ ڏينهن ۾ بالڪل چاڪ ٿي ويو.

**نقل** 142: فقير مولوي حبيب الرحمٰن ميراڻي رهندڙ ڏوڪري نقل ٿو ڪري تہ دلاور شاھ ٻلهڙيجيءَ وارو هڪ ڀيري درگاھ شريف تي آيو. سندس سان هڪ ماڻهو گڏ هو. جيڪو داروغو هيو. ان کي نوڪري تان لاهي ڇڏيو هئائون. پوءِ سائين بادشاهن کي دلاور شاه عرض ڪيو تہ قبلا سائين! هن جو مون تي ٿورو آهي جو هڪ ڀيرو درگاھ شريف تي پنڌ پيو اچان تہ هي ماڻهو مون کي موٽر سائيڪل تي ڪٺي آيو هيو. هاڻي هن جي نوڪري خطري ۾ آهي کيس لاهي ڇڏيو اٿائون ۽ مٿس ڪيس هلي رهيو آهي ۽ واپس چڙهڻ جو ڪو آسرو ڪونهي. سائين! هن لاءِ دعا فرمايو تہ نوڪري نہ کسجيس. سائين بادشاهن فرمايس تہ شاه صاحب! جي توهان تي ٿورو ڪيو اٿس تہ اسان بہ ٿورو ڪري ٿا ڇڏيونس پوءِ دعا گهري ۽ فرمايائون تہ نوڪري نہ ويندس. پوءِ اُهو شخص جڏهن حاضري تي ويو تہ ڪيس جا ڪاغذ ئي ڪون لڌن ۽ ان مٿان هلندڙ ڪيس ختم ٿي ويو ۽ هُو واپس نوڪري تي بحال ٿيو.

**نقل** 143: فقير مولوي حبيب الرحمٰن ميراڻي رهندڙ ڏوڪري نقل ٿو ڪري تہ حاجي محمد عرس مشوري کي ڏاڙيلن چوراڻي موڪليو تہ توکي جئرو نہ ڇڏينداسين ۽ مارينداسين (ڇا ڪاڻ تہ اُن سان اُنهن ڏاڙيلن جي ڪنهن ڳالھ

تي دشمني تي پئي هئي پر حقيقت ۾ هن فقير ڏي ڪابہ مُهڙ نہ هئي) پوءِ جڏهن ڏاڙيلن طرفان اِهو نياپو مليس تہ اچي روئي سائين بادشاهن سان سمورو احوال عرض ڪيائين. پاڻ فرمايائونس تہ فقير! تون فڪر نہ ڪر تو بي ڏوهيءَ ڪي جي نقصان پهچائڻ جو سوچيو اٿئون تہ هاڻي ڏينهن پورا ٿي ويا اٿن. پاڻ اِهي لفظ فرمائي دعا گهريائون. تنهن ڪانپوءِ سُتت ئي نئون ڊي.پي.او آيو جنهن ڏاڙيلن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ۽ اُن ئي ڪاروائي دوران اُهي ڏاڙيل بہ مارجي ويا. جن فقير کي ڌمڪيون ڏنيون.

**نقل**144: فقير مولوي حبيب الرحمٰن ميراڻي رهندڙ ڏوڪري نقل ٿو ڪري تہ هڪ ڀيري سائين بادشاهن ڪان ڳوٺ وڃڻ جي اجازت طلب ڪئي سي. مون سان گڏ ٻہ ٽي طالب ٻيا بہ هئا. پاڻ فرمايائون تہ ننگر ڪري پوءِ وڃون. اسان عرض ڪيو تہ قبلا سائين! گاڏيءَ(ريل) جو وقت ٿي ويو آهي ۽ اسٽيشن باقراڻي تائين بہ پنڌ آهي. پاڻ فرمايائون تہ گاڏي توهان ڪان اڳي نہ ويندي. پوءِ جڏهن ننگر ڪري اسٽيشن تي پهتاسون تہ گاڏي اسان ڪان پوءِ آئي ۽ اسان آرام سان سوار ٿي ڳوٺ پهتاسين.

**نقل**145: حافظ علي اڪبر شيخ نقل ٿو ڪري تہ هڪ ڀيري منهنجو ڀاءُ بيمار ٿي پيو ڊاڪٽرن چيو تہ هن کي (ٽي بي) جو مرض ٿي پيو آهي.(اُن دور ۾ ٽي بي جو مرض لاعلاج هيو) پوءِ لاڙڪاڻہ اسپتال ۾ داخل ڪيوسُونسِ. آخرڪار ڊاڪٽرن لاعلاج ڪري ڇڏيس. پوءِ سوچيم تہ هاڻي لاعلاج جو علاج مشورين وارو سائين ڪندو پوءِ درگاه شريف تي آيس ۽ روئي ڪري سائينءَ جن کي سمورو احوال پيش ڪيم. پاڻ مونکي فرمايائون تہ روءُ نہ تنهنجو ڀاءُ نہ مرندو. پوءِ پاڻ پاڻيءَ جا شيشا بہ پڙهي ڏنائون تہ وڃي پياريوس ۽ دعا بہ فرمايائون. پوءِ مان پاڻي کڻي وڃي ڀاءُ کي پياريو تہ رت بند ٿي ويس. پوءِ وقتاً فوقتاً حضور ۾ حاضر ٿي دعا لاءِ عرض گذاريندو رهيس ۽ پاڻ هميشہ دعا جي مهرباني فرمائيندا رهيا. ٿوري عرصي گذرڻ ڪان بعد بيماري جو نام و نشان ئي نہ رهيو ۽ منهنجو ڀاءُ چڱو ڀلو ٿي ويو. پوءِ هڪ ڏينهن چيائين

تہ ھاٹي مونکي چڏيو تہ ڳوٺ وڃان ۽ وڃي ٻنيءَ ٻاري جو ڪم ڪيان. پوءِ اسان ڪان موڪلائي ڳوٺ ويو ۽ ٻنيءَ ٻاري جو ڪم ڪرڻ لڳو.
**نقل**146: فقير منل چنو نقل ٿو ڪري تہ هيڪر پاڻ دعوت تي دريا پار تشريف فرما ٿيا پوءِ جڏهن ڳوٺ فقير غلام محمد متوءَ کان موٽيا ۽ چنن جي ڳوٺ وٽ پُهتا تہ هڪڙي فقير نالي آندل چنہ عرض ڪيو تہ قبلا سائين! مونکي پُٽ جو اولاد ڪونہ آهي سائين مهرباني فرمائن!! ۽ هڪڙو روپيو ڪيسي مان ڪڍي سائينءَ جن کي پيش ڪيائين. تنهن تي پاڻ مُرڪي فرمايائونس تہ ايترو سَستو!! پوءِ رِوپيو موٽائي ڏنائونس ۽ فرمايائونس تہ وڃ "محمد بخش" نالو رکجائِنس. پوءِ هن کي پُٽ ڄائو جنهن جو نالو "محمد بخش" اٿس.
**نقل**147: فقير منل چنو نقل ٿو ڪري تہ منهنجي مينهن کي گھوگھي جي بيماري ٿي پئي ۽ مينهن جي حالت تمام گهٽي خراب ٿي وئي نيٺ زمين تي ڪِري پئي تہ پوءِ مان مجبور ٿي مينهن کي ڪُهڻ لاءِ ڪاتي کنئي تہ منهنجي پٽ چيو تہ بابا! هڪ منٽ صبر ڪيو تہ مان پنهنجي مرشد ڪريم جي بارگاه ۾ عرض ڪيان پوءِ هُن ٿلهي تي بيهي دانهن ڪئي تہ سائين اسان وٽ هيءَ هڪ ئي مينهن آهي جيڪا اسان جي گذر سفر جو سهارو آهي. عرض ڪري اڃان ٻہ ٽي مِنٽ مَسَ گذريا تہ مينهن اُٿي کڙي ٿي ۽ بيماري بہ بالڪل ختم ٿي ويس. ايتري ۾ منهنجو ٻيو پُٽ ڊاڪٽر کي وٺي پهتو تہ ڊاڪٽر مينهن کي ڏسي چيو تہ هن کي ڪجھ بہ ڪونهي ۽ بالڪل صحيح آهي.
**نقل**148: حافظ محمود ساريو نقل ٿو ڪري تہ اسان جده شريف ۾ رهندا هئاسون. پوءِ هڪ ڏينهن اُتي اسان جي پاڙي ۾ چوري ٿي ۽ پوليس شڪ جي بنياد تي مون کي بہ پڪڙي وئي ۽ ٻہ ٽي ڏينهن مونکي جيل ۾ رکيائون. پوءِ هڪ رات مون روئي ڪري مرشد ڪريم مشوري شريف واري سائينءَ جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ سائين! مان چوريءَ ۾ ڏوهي نہ آهيان. پوءِ اُنهيءَ رات اَسُر مهل خواب ۾ ڏٺم تہ سائين بادشاھ

تشريف فرما ٿيا آهن ۽ مونکي فرمائن ٿا تہ فقير تون غم نہ ڪر توکي سياڻي ڇڏي ڏيندا. خواب ڏسڻ کانپوءِ مونکي سُجاڳي ٿي تہ اُن وقت ئي پنهنجي ساٿين کي جيڪي جيل ۾ مون سان گڏ هئا تن کي چيم تہ سياڻي آءٌ ڇُٽي ويندس. پوءِ جيئن ئي صبح ٿيو تہ هڪ آفيسر آيو ۽ اچي اسان قيدين کي ڏسندو رهيو پوءِ اسان مان هِڪُ مان، ۽ هڪ ٻيو ان کي ڇُونڊي چيائين تہ اوهان چور نٿا لڳو. تنهن ڪري هاڻي توهان آزاد آهيو.

**نقل**149: فقير نبي بخش ڪولاچي ويٺل ٽنڊو الهيار جو نقل ٿو ڪري تہ مان سخت بيمار ٿيس نيٺ بيماري مان اچي بيزار ٿيس ۽ هڪ ڏينهن ڏاڍو رُنس. پوءِ روئندي روئندي جڏهن سُتس تہ سائين بادشاهن خواب ۾ ديدار ڪرايو ۽ ڏنم تہ پاڻ مونکان پاڻي گُهريائون. مون کين پاڻي ڀَري ڏنو تہ پاڻ ان پاڻيءَ تي دَم ڪري فرمايائون تہ پِي ڇَڏِ، پوءِ مون اُهو پاڻي پي ڇڏيو جڏهن سُجاڳي ٿي تہ محسوس ڪيم جڻ تہ مان چاڪُ ٿي ويو آهيان. پوءِ اُٿي هيڏي هوڏي گهُمڻ شروع ڪيم تہ ڪابہ ڪمزوري محسوس نہ پئي ٿئي. گهروارا بہ ڏسي حيران ٿي ويا تہ هي اچانڪ صفا چاڪ ڪيئن ٿي ويو؟ پر اُنهن کي ڪهڙي خبر هئي تہ منهنجا سائين مون سان اچي مهرباني ڪري ويا آهن. پوءِ مون گهروارن سان سمورو خواب جو احوال ڪيو جنهن تي منهنجي گهروارن جي دل ۾ سائين بادشاهن جي محبت اجان بہ وڌي وئي.

**نقل**150: فقير عبدالرحيم کُهڙو نقل ٿو ڪري تہ مُونسان فقير احمد ڪوري پنهنجي والد فقير محمد حسن ڪوريءَ جو نقل بيان ڪيو تہ ان ڪيس ٻڌايو پئي تہ اڳ ۾ مان وڏو ڏوهاري هيس. پر پوءِ ڏوهہ ڪرڻ ڇڏي ڏنم، هڪ دفعي مونکي اڻ ڪَئي ڏوهہ ۾ ٽي سال جيل ٿِيو. اُتي منهنجو ڪوئي بہ واهي وارث ڪو نہ هُيو، پوءِ اها منهنجي عادت هوندي هئي جو مان سڄي رات صلوات شريف پڙهندو هيس.نيٺ هڪ رات منهنجي قسمت جاڳي پئي ۽ مون سان مديني وارِي سائينءَ ﷺ مهرباني فرمائي. محبوب جي مهرباني فرمائڻ کان پوءِ آءٌ سُنَتِ ئي ڇُٽِي آيس. پوءِ جڏهن آءٌ آيس تہ ٻي ڏينهن تي مرشد ڪريم حضرت قبلا مشوري شريف واري سهڻي سردار

پنهنجي هڪ غُلام فقير علي محمد ابڙو کي فرمايو تہ "بچل شاھ" جي ڳوٺ وَجُ اتي هڪڙو ماڻهون ڪالهہ جيل مان ڇٽي آيو اٿئي ان کي اسان جا سلام چويس ۽ ان کي چئُہ تہ اسان سان درگاھ شريف تي ملي وڃي. پوءِ جڏهن آءٌ درگاه شريف تي آيس تہ ان وقت سائينءَ جن رائيس ڪئنال جي پَرِينءَ پِڪَ تشريف فرما هئا. مون دل ۾ سوچيو تہ شايد سائينءَ جن ڪنهن جو ڊور مونٽرائڻ لاءِ مون کي چوندا، ڇو تہ منهنجا اهڙن ماڻهن سان واسطا هئا. اهو خيال دل ۾ رکي جڏهن آءٌ پَرِينءَ پِڪَ پُهتُس تہ اتي سائينءَ جن سان مليس تہ سائينءَ جن فرمايو تہ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ مون عرض ڪيو تہ سائين! منهنجو نالو محمد حسن ڪوري آهي. منهنجي ايئن چوندي ئي پاڻ يڪدم اُٿي بيهي مون سان مليا ۽ پاڻ فرمايائون تہ توسان ڳالهائڻو آهي، تون مسجد شريف ڏي هل. جڏهن مسجد شريف ۾ آيا تہ مون کي خلاصو گهرايائون ۽ مون کي فرمايائون تہ توسان جيل ۾ جيڪا مهرباني ٿي آهي اُن جي توکي مبارڪ هجي ۽ فرمايائون تہ مديني جي سائينﷺ جن تنهنجي پارت فرمائي آهي. اُن کان پوءِ مونکي ذڪر شريف جي مهرباني ڪيائون.

فقير احمد ڪوريءَ ٻڌايو تہ اُن کان بعد مرڻ گهڙي تائين منهنجي والد صاحب تهجد، ذڪر، نماز نہ ڇڏيو.

**نقل** 151: فقير احمد بخش ميراڻي رهندڙ بهارپور(لاڙڪاڻہ) نقل ٿو ڪري تہ اسان ننڍڙا هئاسين تہ اسانجو والد فقير محرم ميراڻي اسان کي ڪُلهن تي کڻي درگاه شريف وٺي ويندو هيو. اسانجي والد پاڪستان ٺهڻ واري سال سائين بادشاهن کان ذڪر شريف ورتو هيو. هڪ دفعي درگاه شريف تي آياسين تہ موسم جا حالات ڪجهہ خراب ٿي ويا ۽ مينهن وسڻ جا آثار نمايان ٿيا. پوءِ جنهن مهل واپس لاڙڪاڻہ جي لاءِ اچون پيا تہ بابي جي هڪ ڪُلهي تي آءٌ ۽ ٻي ڪُلهي تي منهنجو ڀاءُ محمد بخش هيو هاڻي اسان پريشان ٿياسين تہ لاڙڪاڻي ڪيئن وڃون(ڇو جو پنڌ اچون پيا)جڏهن سائين بادشاهن کان بابي موڪلايو تہ پاڻ بابي کي فرمايائون تہ محرم فقير! تون

هليو وڃ جيسيتائين گهر نہ پهچندين مينهن نہ وسندو. پوءِ سچي واٽ پنڌ آياسين تہ گجگوڙ ۽ کِنوڻ هلي پئي پر مينهن ڪونہ وسيو. پوءِ جڏهن اسين گهر پهتاسين تہ پوءِ برسات پوڻ شروع ٿي وئي.

**نقل**152: حاجي الاهي بخش چانديو نقل ٿو ڪري تہ راڌڻ شهر ۾ وڏيري ڏٽي بخش خان جي دعوت تي سائين بادشاهن مهرباني فرمائي. اُتي سيد خدا بخش شاه بہ دعوت لاءِ عرض گذاريو. پاڻ ڪريم جڏهن شاه صاحب وٽ آيا تہ سائين بادشاهن سان ڪافي جماعت گڏ هئي. سيد خدا بخش شاه دعوت ۾ هڪڙي ديڳ تيار ڪرائي هئي. جماعت کي ڏسي شاه صاحب ٿورو مايوس ٿيو تہ سائين بادشاهن ڪيس فرمايو تہ شاه صاحب! مايوس نہ ٿيءُ، سفيد ڪپڙو ڪڻي اچو، اسان پنهنجي هٿن سان ننگر ڏينداسي. شاه صاحب ٿو چوي تہ ساري جماعت ننگر ڪري وئي جڏهن ڪپڙو مبارڪ مٿي ڪري ڏٺوسون تہ اجا اڌ ديڳ باقي هئي. سائين بادشاهن فرمايو تہ شاه صاحب! اجان ايتري جماعت ٻي بہ هجي تہ بہ ننگر نہ کٽائي سگهن ها.

**نقل**153: فقير نثار احمد ولد مولوي عرض محمد ويتل ڳوٺ ماٿو نقل ٿو ڪري تہ اسان جي هڪ سڄاڻ واري فقير مراد علي کي چڻُ ٿي پيو. پوءِ اُن سائين بادشاهن کي عرض ڪيو تہ سائين! مان آپريشن کان ڊڃان ٿو. اُن لاءِ سائين پاڻ مهرباني فرمائن. تنهن تي سائين بادشاهن سندس پنيءَ تي هٿ مبارڪ رکي ڪري فرمايائون تہ الله سائين شفا ڏيندو تون چاليهہ ڏينهن رک ڪر. تنهن ڪانپوءِ اُن فقير جو چڻُ بالڪل ختم ٿي ويو.

**نقل**154: فقير نثار احمد نقل ٿو ڪري تہ منهنجي ماسي تمام سخت بيمار هئي. تنهن کي طبيبن چيو تہ تون ان ئي بيماري ۾ مري ويندينءَ تنهن تي هو ڏاڍي مايوس ٿي ۽ اچي سائين بادشاهن کي سمورو عرض پيش ڪيائين جنهن تي پاڻ فرمايائونس تہ تنهنجي حياتي وڏي آهي ۽ توکي ٻہ پٽ ٿيندا. جن مان هڪ جو نالو اعجاز ۽ ٻئي جو نالو پنهنجي پسند تي رکجانءِ. پوءِ اها مائي چاڪ ٿي ۽ سندس شادي ٿي ۽ برابر ڪيس ٻہ پٽ ڄاوا.

**نقل**155: فقير الهداد جمالي ويٺل ڳوٺ ميان جي ڪنڍي(ضلع دادو)نقل بيان ٿو ڪري تہ اسان مدينہ شريف ۾ هئاسون. اُنهن ڏينهن ۾ سائين بادشاهہ بہ عمره شريف تي آيل هئا. پوءِ تن ڏينهن ۾ پاڪستان ۾ سنڌ اندر ٻوڏ آئي هئي جنهن ۾ تمام وڏو نقصان ٿيو هيو. پوءِ اسان دادوءَ جي فقيرن سائينءَ جن کي گڏجي عرض ڪيوسين تہ سائين! اسان هتي مدينہ شريف ۾ آهيون ۽ پاڪستان ۾ ٻوڏ آئي آهي جيڪا اسانجي گهرن ۽ مال متاع کي لوڙهي ڇڏيندي. تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ ڇو لُڙهندا نڌڻڪا آهن ڇا؟ ايئن فرمائي هٿ مبارڪ کڻي دعا فرمايائون. ٻئي ٽئين ڏينهن تي خبر پئي تہ اسانجي ڳوٺ ۾ ڪو بہ نقصان ناهي ٿيو ۽ ڪجهہ ماڻهن جن پنهنجو بند ٻَڌي اسان جي طرف پاڻي ڇڏيو هئائون، تن جو پنهنجو بند ١٥ فوٽ هُين ۽ اسانجو بند ٥ فوٽ هيو تہ بہ اسانجو بند ٥ فوٽ وارو بچي ويو ۽ هنن جو بند ١٥ فوٽن وارو ٽُٽي پيو اهو عجيب منظر ڏسي ماڻهو حيران ٿي ويا.

**نقل**156: فقير نصرالله ملاح نقل ٿو ڪري تہ مونکي شادي لاءِ مائٽن سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ڇو جو مان شڪل صورت ۾ ڪوجهو هئس. پوءِ مان سائين بادشاهن جي حضور ۾ آيس ۽ عرض ڪيم تہ منهنجا سائين! مائٽ مِٽ مونکي سڱ ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهن ڇو جو مان ڪجهہ ڪوجهو آهيان. پوءِ پاڻ مونکي ڏسي مُرڪي فرمايائون تہ توکي گهر ويٺي پاڻهي سڱ ڏيندا. سندن جي الفاظن جي برڪتن سان اِها مهرباني ٿي جو اُهي مائٽ جن مونکي جواب ڏنو هيو تن اچي سڏي سڱ ڏنو.

**نقل**157: فقير حاجي نيڪ محمد صاحب عباسي ويٺل شهر خيرپور ميرس نقل ٿو ڪري تہ منهنجي ڊيوٽي جتي هوندي هئي اتي منهنجي فيملي مونسان گڏ هوندي هئي ٽي سال برابر يا اجان بہ وڌيڪ عرصو ٻاهر رهيس جڏهن وري بدلي ڪرائي خيرپور ميرس پهتس ۽ گهر ۾ رهياسون تہ گهر خالي رهڻ جي ڪري جنن جو ديرو ٻڌجي چُڪو هيو. جنن اسانکي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو ايتري قدر جو ڪاڏي پيتي ۾ گندگي وجهن پيا جو ڪاڏو پيتو مسجد شريف ۾ رکڻ لڳس. آخر درگاه شريف تي ويس اتي سائين

بادشاهن جي حضور ۾ عرض ڪيم ته جنن ڏاڍو تنگ ڪيو آهي. پاڻ فرمايائون ته جڏهن به اسانجو ايڏاهين اچڻ ٿي ته تڏهن يادگيرو ڏيارجانءِ. پوءِ هڪ ڀيري خيرپور ميرس پرسان سنڌن دعوت هئي ۽ آرام فرمائڻ جو پروگرام مون مسڪين وٽ هُين. جڏهن رات جو مون وٽ اچي آرام فرمايائون ته مان سنڌن ناشتي جو سامان ڪمري جي دريءَ ۾ رکيم. اَسُر جي وقت پاڻ تهجد تي اُٿيا ۽ مون دريءَ کي کوليو ته سامان به ڪون هو ۽ ضايع به ٿيل هو اُهو سامان کڻي اچي سنڌن اڳيان رکيم ۽ عرض ڪيم ته سائين! اسان سان هيءَ حالت آهي. پوءِ پاڻ مُرڪي فرمايائون ته ڏاڍا شرير آهن پر هاڻي اچ ڪان وٺي توهان کي ڪجهه به نه چوندا. سنڌن انهيءَ لفظ مبارڪ فرمائڻ کانپوءِ جن الائي ڪاڏي هليا ويا ۽ اسان خوشحال ٿي زندگي گذارڻ لڳاسون.

**نقل**158: سيد محمد قاسم شاه وينل ڳوٺ طالب شاه لڳ مورو پُل جو نقل تو ڪري ته مان دلائل الخيرات شريف جي اجازت وٺڻ لاءِ درگاه عاليه مشوري شريف تي ويس ۽ سائينءَ جن سان ملاقات ٿي پر پاڻ مون کان حال احوال ته نه ورتائون پر نالو به نه پڇيائون. آخر سومهڻي نماز خيرسان پڙهي حاويلي شريف ڏي اُسري ويا رات جو مونکي اچي خيال ٿيو ته هتي مون کي ڪير به نٿو سڃاڻي ته هاڻي ننگر ۽ هنڌ بسترو ڪير ڏيندو؟ پوءِ مسجد شريف ۾ ويهي رهيس. جڏهن رات جا ڏهه يارنهن ڪن ٿيا ته اوچتو مسجد شريف ۾ هڪ فقير آيو جنهن اچي چيو ته هتڙي ڪو سيّد آهي ڇا؟ جو مونکي سائين بادشاهن فرمايو آهي ته مسجد شريف ۾ هڪ شاه صاحب ويٺو اٿئي تنهن کي ننگر ڪراءِ ۽ هنڌ بسترو به ڏئي اچينس. اِهو ٻڌي مون کيس چيو ته آءٌ شاه صاحب آهيان. پوءِ اُن جي ضرورت پوري ڪئي پر مونکي وڏي حيرت ٿي ته سائينءَ جن کي ڪيئن خبر پئي ته هڪ شاه صاحب نسجد ۾ ويٺو آهي ۽ اُن کي ننگر ۽ هنڌ بستري جي ضرورت آهي!! آخرڪار جڏهن صبح ٿيو ته پاڻ نماز کان بعد مونکي سڏي فرمايائون ته شاه صاحب! اچو ته توهان کي دلائل الخيرات جي اجازت ڏيان.

پوءِ تہ سندن جي اهڙي شفقت ۽ سجاڳپ تي اکيون پرجي آئيون. پاڻ پاڪر پائي دلائل الخيرات شريف جي اجازت بہ ڏنائون تہ هديہ بہ ڏنائون.

**نقل**159: محبوب ولد نارو ذات ابڙو ساڪن ضلع لاڙڪاڻہ جو نقل ٿو ڪري تہ مونکي ننڍي لاءِ چيلهہ ڪان هيٺ ڦٽ ۽ ڏڍَ تي پيا جيڪي ڇٽن نہ پيا. ڏاڍا علاج ڪرايم ليڪن تڪليف وڌندي پئي وجي. آخرڪار بابا مونکي درگاہ شريف تي وٺي آيو. پاڻ سائين بادشاهہ مونکي ڏسي فرمايو تہ ابا! تنهنجا ڦٽ تہ ڇٽي ويا آهن. سندن جي انهن لفظن جي برڪت سان ڪجهہ ڏينهن ۾ ڦٽ بالڪل ختم ٿي ويا جو اڄ ڏينهن تائين وري ناهن ٿيا.

**نقل**160: ڍولڻ ڪنير وينل ڳوٺ ڇُتا ضلع نوشهرو فيروز نقل ٿو ڪري تہ مونکي سائينءَ جن جي زيارت جو ڏاڍو شوق هيو هڪ ڏينهن جڏهن ان خيال سان درگاہ شريف تي پئي ويس تہ ٻيڙيون بہ کيسي ۾ پيون هيون. پوءِ خيال ٿيو تہ وڃان سائينءَ سان ملڻ ٿو ۽ ٻيڙيون بہ کيسي ۾ آهن پوءِ ٻيڙيون ڪڍي ٻوڙي ۾ لِڪائي رکيم تہ واپس ايندي ڪڍندس. جڏهن سائينءَ جن سان مليس تہ ذڪر شريف جو عرض ڪيم. پاڻ ذڪر شريف ڏنائون ۽ پاڻ فرمايائون تہ بابا! ٻيڙيون پيئجن تہ نہ پر ٻوڙي ۾ لِڪائي بہ نہ رکجن.

**نقل**161: بخشل ٻبر وينل ڪاڇو ڳالهہ ٿو ڪري تہ منهنجي جواني هجي ڳوٺ ۾ مال چاريندو هيس. هڪ ڏينهن واٽ ويندي هڪ ڳوٺ جي ڇوڪريءَ تي نظر پئي جيڪا دل ۾ ويهجي وئي. پوءِ جڏهن سائين بادشاهہ جو دستِ بيعت ٿيس تہ هڪ ڏينهن راهہ ويندي اُن ڇوڪريءَ تي نظر پئي جنهن جو اڇي ڏڳُ جهليم. ايتري ۾ اچانڪ ڏٺم تہ سائين بادشاهہ سامهون بيٺا آهن ڏسندي ئي هوش خطا ٿي ويا ۽ رڙ ڪري ڪِري پيس. پوءِ اُها ڇوڪري تہ هلي وئي ۽ جڏهن آئون هوش ۾ آيس تہ سڌو درگاہ شريف تي حاضر ٿيس. جڏهن سائين بادشاهہ جي قدمبوسي ڪئي تہ پاڻ فرمايائون تہ فقير ذڪر شريف گهڻو ڪجي ۽ عورتن ڪان پاسو ڪجي. سندن جي انهن لفظن دل تي اهڙو تہ اثر ڪيو جو هر شيءِ ڇڏي سندن جي صورت پاڪ دل جي اندر ويهاريم.

**نقل**162: فقير لعل محمد ملاح وينل ديهه وسائي جو نقل ٿو ڪري ته منهنجي گهرواري زنانه بيماري جي ڪري اولاد ڄڻڻ کان بيڪار ٿي چُڪي هئي ۽ بيمار به رهندي هئي. نيٺ بابي منهنجي ٻي شادي ڪرائڻ جو سوچيو ۽ مائٽن کان سَگُ به گهريائين جنهن تي منهنجي گهرواري ڏاڍي غمگين ۽ پريشان ٿي. پوءِ مون ابي کي چيو ته بابا! مان تيسيتائين شادي نه ڪندس جيسيتائين سائين بادشاهن کان پڇا نه ڪيان. پوءِ درگاه شريف تي آيس ۽ قدمبوسي ڪري سمورو احوال عرض ڪيم. جنهن تي پاڻ فرمايائون ته جي اولاد واسطي ٻي شادي ٿو ڪرڻ گهُرين ته توکي اولاد ان ئي موجوده گهرواريءَ مان ٿيندي. مون عرض ڪيو ته سائين! منهنجي گهرواريءَ کي زنانه عارضو آهي ۽ ڊاڪٽر چون ٿا ته هِن کي ڪڏهن به اولاد نه ٿيندو. پاڻ فرمايائون ته ابا! الله سائين جل شانه اڳيان ڪهڙي دير آهي. ان ئي گهرواريءَ مان الله سائين جل شانه گنج اولاد عطا فرمائيندو. جڏهن مون اِها ڳالهه وڃي گهر ڪئي ته ڪنهن کي يقين ئي نٿي آيو ته جنهن کي ايترن سالن ۾ اولاد نه ٿيو ته هاڻي وري ڪيئن ٿيندو. پوءِ الله سائين جل شانه پنهنجي قدرت جو ڪرشمو ڏيکاريو جو سائين بادشاهن جي زبان مبارڪ مان جيئن نڪتو اوئن ئي ٿيو ۽ اُنهيءَ سال منهنجي گهرواري اميد سان ٿي ۽ هاڻي الحمد الله اُن مان ئي گنج اولاد آهي.

**نقل**163: مولوي صاحب نور احمد ملاح وينل حال خيرپور ناٿن شاهه نقل ٿو ڪري ته مونکي مان اولاد ڪون پئي ٿئي سو سائين بادشاهه جن جي خدمت ۾ عرض ڪيم ته منهنجا سائين! مونکي اجازت ڏيڻ فرمايو ته مان ٻي شادي ڪريان پهرئينءَ مان اولاد ڪون ٿو ٿئي. پاڻ فرمايائون ته مولوي صاحب! ٻي شادي نه ڪر تنهنجي انهيءَ گهرواريءَ مان اولاد ٿيندو. پوءِ پاڻ ڪجهه دير فڪر ڪرڻ کان بعد فرمايائون ته حافظ اچڻا آهن اُهي انهيءَ گهرواريءَ مان ايندا. سندن جي اهڙن لفظن مبارڪن ڪانپوءِ دلجاءِ ٿي ته انهيءَ گهرواريءَ مان اولاد ٿيندو پوءِ آخر اُن مان ئي پُٽ ڄاوا ۽ حافظ به ٿيا.

**نقل**164: فقير عبدالقادر انصاري تقي شاه بادهه نقل ٿو ڪري ته هڪ پيري هيءُ عاجز درگاه شريف تي اوساري ڪرڻ لاءِ ٺڪيل هيو. هڪ ڏينهن صبوح نماز مهل اوچتو پيٽ ۾ سور پيو. ڪم حاويلي پاڪ تي ڪندو هيس. صبوح جو دستور موجب ڪم تي ويس پيٽ ۾ سور به تمام گهڻو پئجي ويو ڪم ڪرڻ جي طاقت جسم ۾ نه پيو سمجهان. نه وري پنهنجي جوڙي وال ڪاريگر حاجي محمد الياس کي ڳالهه پيو ڪيان. نوڙي سر به کڻي نه پيو سگهان. مالڪن ڪريمن کي به عرض نه پيو ڪيان. ايئن اوچتو پاڻ ڪريم آيا اچڻ سان حاويلي پاڪ جي ٻانهي مائي ڄامل کي سڏ ڪري فرمايائونس ته مائي ڄامل لسي به کڻي آ ۽ ٿڌو پاڻي به کڻي اچ ۽ لوڻ به کڻي اچ. جنوري مهينو هيو. سيءُ به ڏاڍو هيو. پاڻ هٿن مبارڪن سان لوڻ ٽي دفعا ڏوتائون. پوءِ لسي ۾ لوڻ ۽ پاڻي جام وجهي جهارو ڪري هڪڙي ڪُٽ جي وڏي گلاس ۾ لسي وجهي پاڻ ان گلاس لسي واري مان ٽي پيرا ڏُڪ پري پوءِ اهو گلاس پريل لسي جو هن عاجز کي ڏنائون. ايئن فرمايائون ته ماستر هي پيءُ ڏسون ته تنهنجو سور ڇا ٿو چوي. هن عاجز اهو گلاس لسي جو وٺي پيتو. پهريون ڏُڪ جيئن اندر نڙيءَ کان هيٺ لٿو ته ايئن پيو سمجهان ڄڻ آب حيات پيتم. سور پهرين ڏُڪ سان الائي ڪاڏي ويو هن مسڪين جي جسم ۾ طاقت ايتري اچي وئي جو چوان پيو ته جيڪڏهن لاڳيتو رات ڏينهن ڪندو رهندس ته ڪابه تڪليف يا ٿڪاوٽ نه ٿيندي ۽ ايئن رات ڏينهن ڪم ڪندو به هيس پر ڪابه تڪليف نه ٿيندي هئي. هي بيان پنهنجي مالڪ کي حاضر ناظر ڄاڻي لکيو اٿم ان ۾ ڪو به وڌاءُ نه ڪيو اٿم.

**نقل**165: فقير عبدالقادر انصاري تقي شاه بادهه نقل ٿو ڪري ته منهنجو پٽ پيو نمبر نالي محمد ابراهيم انصاري ٽنڊي ۾ جوٽ مِل ۾ ڪلارڪ هيو. مونکي سندس خط ٽپال رستي مليو ان ۾ لکيل هيو ته توهان مٿان ڪو انتظار ڪيو مان سائين بادشاهن جي نگاهه سان ٻاهه کان بچو آهيان. پوءِ بيان ٿو لکي ته مِل ۾ اندر وچ مِل ۾ مونکي ڊيوٽي هوندي آهي جيڪي

ڳنڙيون نڪرنديون اهي لڪندو آهيان پر مزور هيلپر به مليل آهن. هڪ ڏينهن اوچتو مِل کي باهه لڳي وئي چوڌاري باهه پڪڙجي وئي. مان اندر هيس. مونکي ڪابه خبر نه پئي اوچتو گهٽو لُڙ جو آواز ماڻهن جو ٻڌڻ ۾ آيو مان لڪڻ ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيون وينو هوس. لُڙ تي ڪنڌ مٿي ڪٽي نهاريم ته ڏٺم ته مِل کي باهه وڪوڙي وئي آهي. منهنجي ڪمري جي چوڌاري باهه آهي. نڪرڻ جي ڪابه واهه نه پيو سمجهان دروازي ڪان به باهه ٻري پئي. ڏٺم ته جيڪي هيلپر مزور هئا اهي به ڪونهن ڏاڍو پريشان ٿيس ته هاڻي ڇا ڪيان. اهو ارادو ڪيم دروازي ڪان ٻاهر نڪران پوءِ يا بچان يا مران ٻي واهه ته ڪانهي اوچتو ڏٺم ته سائين مالڪ ڪريم دروازي ڪان نظر آيا ۽ پاڻ فرمايائون محمد ابراهيم تڪڙ نه ڪر. مان ڪنڌ هيٺ ڪيو دل ۾ خيال ڪيم ته سائين بادشاهن جو امر فرمايو ته پاڻ ڪاڏي ويا. ڪنڌ مٿي ڪٽي هيڏي هوڏي ڏسڻ لڳس ته مان پاڻ کي ڏٺو ته مان مِل ڪان ٻاهر ميدان تي آهيان. مونکي ٻاهرين مِل جي ماڻهن ڏسي چيو ته انصاري تون ڪيئن ٻاهر نڪري آئين؟ اسان ته سمجهو ته انصاري سڙي ويندو. ان کي ڪير وجي ڪيندو؟ ڏٺم ته جيڪي منهنجا هيلپر هئا اهي به ٻاهر بيٺا آهن. پوءِ مان انهن مِل جي ماڻهن کي چيو ته مونکي پنهنجي مرشد ڪريم باهه مان بچايو آهي. پوءِ سڀي ڳالهه انهن کي ٻڌايم اها ڳالهه مل جي مينيجر سان ماڻهن ان وقت وجي ڪئي. جنهن اچي مونکان حقيقت پڇي. مون ان کي سڀي حقيقت ڪئي جنهن تي ان پڇو ته توهان جو مرشد ڪير آهي؟ ڪٿي وينو آهي؟ مون ان کي ٻڌايو ته اسان جو مرشد ڪريم حضرت قبلا سائين مشوري شريف وارا آهن. اهو مئنيجر بنگالي هو جنهن ٻڌڻ سان چيو ته "

بھائی تمہارا مرشد بیشک ایسی طاقت کا صاحب ہے۔ ان سائیں کے کمالات کا بیان ہمارا بنگال والا سائیں کرتا ہے۔ ہم ان کی بات بالکل مانتا ہوں۔ سارے بنگال میں ان کی کرامات ظاہر ہوئی۔ وہ بنگال والا سائیں حضرت قبلہ سائیں مشوری شریف والے سائیں کی بہت کرامات بیان کرتا ہے۔"

نوٽ : اهو بنگال وارو بزرگ درگاه عاليه حضرت مشوري شريف تي ظاهري طرح هڪ ڀيرو آيو هيو. آيو به رات جو هيو صرف اٽڪل ٻه ڪلاڪ ڪن رهيو واپس وڃڻ مهل فقيرن چيس ته سائين ڪجھ وقت ته ترسو. جواب ۾ چيائين ته " ادا! هت ادب سان رهجي متان ڪا ادب ۾ ڪوتاهي ٿي وڃي اهو ڪلاڪ ٻه به ترسڻ نه ڪپي. توهان به جيڪي هت رهو ٿا ته ادب سان رهو نه ته رهو ئي نه هي سائين ڪو عالم يا فاضل نه آهي بلڪ هي هستي ڪا ٻي شئي آهي. ڳجها راز ظاهر نه ڪبا. "

مزدورن ڪان منهنجي پٽ پڇو ته توهان ڪيئن نڪري آيا جواب ۾ چيائون ته اسان پاڻ جان بچائڻ لاءِ پريشان ٿياسين ته ايتري ۾ ڪنهن مڙس اسانجي ٻانهن ۾ هٿ وجهي سٽ ڏني اسان ڏٺو ته ٻاهر بيٺا آهيون. ٻي خبر نه آهي منهنجي پٽ ۽ مزدورن اها ڳالھ به ڪئي ته اسانجي جان يا ڪنهن ڪپڙي کي لهس به نه آئي.

**نقل** 166: فقير عبدالقادر انصاري تقي شاه بابه نقل ٿو ڪري ته هڪ رات اٽڪل ١١ بجي ڏاران منهنجي گهرواري اوچتو دانهن ڪئي ته مونکي سيءُ به ٿئي ٿو ۽ ڏڃ به ٿئي ٿو. مونکي صحن ڪان اندر ڪمري ۾ هنڌ وجهي ڏيو. مون ڪيس سيءُ جي هٽڻ لاءِ تيل جي مالش ڪئي ۽ ٻه ٽي سَوڙيون ڪمبل متان وڌامانس پر سڄي جان نري برف ٿي ويس. مونکي ڇچريل لفظن ۾ چيائين ته منهنجي ٻچن جي پارت اٿئي ايئن چئي دم ڏنائين. مان پنهنجي پاءُ ۽ پاڃائيءَ کي اٿاريو ڪين حقيقت ٻڌائي انهن نبض ڏسي چيو ته ڳالھ ته ختم ٿي وئي آهي. پوءِ دستور موجب پٽيون به ٻڌيون سي. ان ڪان پوءِ مان پنهنجي دل ۾ اهو خيال ڪري مرشدن ڪريمن کي عرض ڪيو ته منهنجا سائين! هيئن موت جهٽ پٽ ته نڌڪن جو ٿيندو آهي. اسان ته ڏٽڪا آهيون، عام ماڻهو ڇا چوندا. بس ايتري ۾ ڪٽ لڏي وئي ٽي دفعا لڏڻ ڪانپوءِ منهنجي گهرواري جون اکيون کلي ويون ۽ مونکي چوڻ لڳي ته سائين مالڪ ڪريم اتي مونکي ڇڏي ٻي در ڪان نڪري ويا. تون نه مالڪن کي ويهاريو نه صلاح ڪئي. هونءَ ته هر جمعي تي سائينجن ڏي ويندو به

آهين محبت جي حُج كندو آهين. مان كيس چيو تہ مان سائينجن كي كونہ ڏٺو. ان كانپوءِ كجھ وقت بي هوش رهي پوءِ مونكي چوڻ لڳي تہ مان مري وئي هيس چا؟ مون كائنس پڇا كئي تہ تو چا ڏٺو؟ سائين مالك توكي كٿان وني آيا؟ پوءِ چوڻ لڳي تہ مونكي پنهنجي مامي آمنت ڏسڻ ۾ آئي جيكا اڳ ۾ فوت ٿيل هئي جنهن چيو تہ تنهنجا ماءُ پيءُ چون ٿا تہ هيڏي وني اچينس پوءِ مونكي اولھ طرف وني هلڻ لڳي. پوءِ ڏٺم تہ هكڙي وڏي پُل نظر ۾ آئي جڏهن پُل وٽ بئي ڄڻيون پهتيون سين تہ ڏٺم تہ پُل جي مُنڍي تي سائين كريم بيٺا آهن. پاڻ اسان جي پرسانِ اچي منهنجي مامي كي فرمايائون تہ مائي آمنت تون وڃ اسان هن فقيرياڻي كي پوئتي موٽائينداسين. ننڍڙا ٻچڙا اٿس. پوءِ مونكي سائين پنهنجي ملك تي وني هليا ۽ سڄو ملك گهمايائون اتي جيكو ڏٺم ان ڳالھ كرڻ جي مونكي مالكن كريمن منع فرمائي آهي. اهي ڳالهيون مخفي آهن مان ظاهر نہ كندس. پوءِ مونكي مالك كريم هتي ڇڏي پاڻ اُسري ويا. ايئن بہ چيائين تہ سائين ٻي ملك جا آهن هتي مشورين كنهن بهاني آيا آهن. منهنجي گهرواري ان واقعي كان اڳ ۾ مالكن كريمن كي عام مولوين وانگر سمجهندي هئي پر هن وقت مالكن مٿان سر قربان كرڻ واري آهي. اجان حيات آهي ان كانپوءِ مونكي ست اٺ ٻار ڄڻي ڏنا اٿائين.

**نقل** 167: فقير عبدالقادر انصاري تقي شاه بادہ نقل ٿو كري تہ هك پيري درگاه شريف تي كم تي رهيل هوس. هك ڏينهن اٽكل ١٢ بجي منجهند جو ٽائيم هيو تہ اتي سائين نالي مني سائين جو نينگر مير سائين آيو ان وقت سائين كريم بہ اتي موجود هيا. نينگر چيو تہ ماستر گرمي گهٽي تي آهي. سائين مالكن كي عرض كر تہ برسات پوي. اهو آواز مالكن پاڻ ٻڌو هن عاجز كي فرمايائون تہ ماستر نينگر چا ٿو چوي؟ هن عاجز عرض كيو تہ منهنجا سائين! نينگر چوي ٿو تہ سائين كريمن كي عرض كر تہ برسات پوي. پاڻ فرمايائون تہ برسات جي ضرورت آهي. برسات پوڻ گهرجي. ايئن فرمائي پاڻ حاويلي پاك ڏانهن اسريا. اٽكل ڏهن

پندرنهن منٽن بعد اوچتو وڏو ڪڪر اُڀري مٿان آيو ۽ زورشور سان برسات پوڻ لڳي. برسات جي پاڻي سان هيٺيون مٿايون پرجي ويون. اسان اُوساري جو ڪم بند ڪري ويهي رهيا سين. اٽڪل اڌ ڪلاڪ ڪن برسات پئي پوءِ بند ٿي وئي. ايتري ۾ مالڪ ڪريم آيا هن عاجز کي فرمايائون ته ماستر تون ڳوٺ وڃ. برسات جي ضرورت آهي. اڄان برسات پوندي. ننگر ڪري پوءِ وڃجانءِ. منهنجي جوڙي وال ڪاريگر حاجي محمد الياس عرض ڪيو ته سائين! ڏيڍ ٿيو آهي گاڏي ڏيڍ بجي باقراڻي اسٽيشن تي پهچندي آهي ڏيڍ ڪوهه پنڌ ڪري ماستر گاڏيءَ کي ڪيئن پهچندو؟ پاڻ فرمايائون ته گاڏيءَ کي ڪهڙي طاقت آهي جو ماستر کان نڪري ويندي. ماستر تون ننگر قرار سان ڪري پوءِ وڃجانءِ. مان ننگر ڪري مالڪن جي شهر مبارڪ کان ٻاهر نڪتس ته ڏٺم ته گاڏي وڃي باقراڻي اسٽيشن تي بيٺي. هن عاجز خيال ڪيو ته مالڪن ڪريمن فرمايو آهي ته گاڏي توکان اڳ ۾ نه ويندي تنهن ڪري هلندو وڃان. اٽڪل ڪوهه ڪن پنڌ ڪرڻو هيو برسات جي ڳپ ڪري تڪڙو به نه پيو هلي سگهان. آهستي هلندو رهيس گاڏي اسٽيشن تي هارون پئي هڻي مگر هلي نه پئي. پوءِ جڏهن اسٽيشن جي نزديڪ پهتس ته ڏٺم گارڊ مونکي اشاره پيو ڪري ته هلي اچ جڏهن گارڊ جي ويجهو آيس ته مونکي چوڻ لڳو گاڏي فقير تنهنجي ڪري اڳتي نٿي هلي. جلد ڪر گاڏي تي چڙهه ته گاڏي هلي. مون چيومانس ته ٽڪيٽ وٺان. پاڻ چيائين ته ٽڪيٽ کي ڇڏ چڙهه ته گاڏي هلي. جيڪي ماڻهون اتي بيٺا هيا سڀ عجب ۾ پئجي ويا سڀ هن عاجز ڏانهن نهارڻ لڳا. هي مسڪين چڙهي وينو ته گاڏي هلڻ لڳي.

**نقل** 168: فقير عبدالقادر انصاري تقي شاه بادهه نقل ٿو ڪري ته هڪ ڀيري جمع جي ڏينهن منجهند جو درگاه شريف ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيس گهران ٻاهر نڪتس ته گاڏي اسٽيشن تي وڃي بيٺي. مونکي دم جي بيماري ٿي پئي. تنهن ڪري تڪڙو به هلي نه پيو سگهان ايئن پيو چوندو وڃان ته منهنجا سائين! مان تڪڙو به هلي نٿو سگهان منهنجو ضعيف حال

تو شهنشاه کي معلوم آهي ڪرم نوازي ڪري گاڏي کي بيهارجانءِ. هن عاجز کي پنهنجي درگاه تي پهچائجانءِ. پري ڪان ڏنم ته گاڏي هلڻ لڳي. ماڻهو مونکي چوڻ لڳا ته گاڏي ته فقير وجي ٿي. مان ماڻهن کي جواب به ڪونه پيو ڏيان. مگر دل ۾ چوندو پيو وڃان ته منهنجا سائين! گاڏي تو مالڪ جي هٿ ۾ آهي. مون مسڪين کي پنهنجي حضور ۾ پهچائي. موٽندس به ڪون. پنڌ ڪرڻ جي به طاقت نه آهي. جو پيادل درگاه شريف تي پهچان. ايتري ۾ هڪ ٽانگي واري رڙ ڪري چيو ته فقير گاڏي پهرين سگنل وٽ بيني آهي تڪڙو وڃ مان تڪڙو هلي نه پيو سگهان. چرين وانگر مالڪن کي عرض ڪندو پيو وڃان ته سائين مونکي پنهنجي حضور ۾ پهچاءِ ڏنم ته گاڏي پوئتي ريورس ٿي اچي پليٽ فارم تي بيني. گارڊ ۽ سپاهي هيٺ لهي بيٺا مونکي ايندو ڏسي چيائون ته فقير گاڏي تنهنجي ڪري اڳتي نٽي هلي. الائي ڇا جي ڪري نٽي هلي تون چڙھ ته من هلي پوي. ريورس ٿئي ٿي مگر اڳتي نٽي هلي. پوءِ هي عاجز چڙهي وينو ته گاڏي هلڻ لڳي.

**نقل** 169: فقير عبدالقادر انصاري تقي شاه بابه نقل ٿو ڪري ته هڪ پيري مالڪ ڪريم ڪراچيءَ ڏانهن ريل گاڏيءَ رستي سفر تي اسريا. دادو اسٽيشن تي پاڻ لهي جماعت کي فرمايائون ته فقير لهو نماز بيپهري پڙهي پوءِ هلنداسين. جماعت لهي پئي. پاڻ آذان به ڏياريائون سنت پڙهيائون ته گاڏي هلڻ لڳي ٿورو اڳتي هلي بيهي رهي گارڊ گهڻي ڪوشش ڪئي ته گاڏي هلي پر گاڏي بيهي رهي. ريلوائي عملو پريشان ٿي پيو ته گاڏي ڇو نه ٿي هلي. ڪنهن ماڻهو گارڊ کي چيو ته جيسيتائين سائينجن گاڏي تي نه چڙهندا تيسيتائين گاڏي نه هلندي. پوءِ گارڊ اچي مالڪن کي هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيو ته سائين توهان گاڏي تي چڙهو ته هلي. پاڻ مرڪي فرمايائونس ته توهان پنهنجي ٽائيم تي گاڏي هلايو. اسان پوءِ ايندا سين. گارڊ عرض ڪيو ته حضور گاڏي هلي ئي ڪونه ٿي ته وجون ڪيئن؟ مهرباني ڪري چڙهو ته گاڏي هلي. پوءِ پاڻ چڙهي وينا ته گاڏي هلي.

**نقل** 170: فقير عبدالقادر انصاري تقي شاه بابه نقل ٿو ڪري ته هڪ ڀيري صدر ايوب جي حڪومت ۾ رمضان المبارڪ جي عيدالفطر جو چنڊ ڏٺو به ڪونه هيو مگر حڪومت زوري خميس جي ڏينهن عيد نماز پڙهائي ڇا جي ڪري جو ڪن بي دين نجومين صدر ايوب کي چيو ته جيڪڏهن جمعي جي عيد ٿي ته تنهنجي حڪومت ختم ٿي ويندي. تنهنڪري خميس جي ڏينهن عيد ڪرايو. سڄي بابه جي ماڻهن کي حڪومت پوليس جي ذريعي عيد نماز پڙهڻ لاءِ زور پريو حڪومت جي ڏنڊي کان ڊڄي ماڻهو نماز پڙهڻ لاءِ تيار ٿيا. اسان مالڪن جي جماعت ايڪسچينج تان فون رستي درگاه شريف تان جاچ ڪئي ته اڄ عيد آهي يا نه؟ جواب مليو اڄ عيد ڪونه آهي تنهن ڪري اسان جماعت قاسميه عيد نماز پڙهڻ کان انڪار ڪيو. ان وقت بابه ٿاڻي تي وڏو جمعدار پوليس جو محمد ايوب ناريجو هيو. ان کي ماڻهن چيو ته هن جماعت کي به عيد نماز پڙهايو جمعدار محمد ايوب ناريجي ماڻهن کي چيو ته هي جماعت درگاه مشوري شريف جي اسان کان ڏاڍي آهي جيسيتائين هنن جو مرشد ڪريم نماز نه پڙهندو تيسيتائين هي به نه پڙهندا. اسان ڪين زيربار نه ٿا ڪري سگهون. هنن جو مرشد ڪامل آهي. پوءِ ڪين مالڪن جي ڪرامت بيان ڪري ٻڌايائين ته مان لڪي شاه صدر جي ٿاڻي تي گهوڙي سوار هئس. اتان جو هڪ غريب مسڪين ماڻهو پيادل حج تي ويو هيو. جڏهن حج پڙهيائين پوءِ پنهنجي ٻچن ٻارن جي سڪ لڳس پوءِ اتان جي ماڻهن کي چوڻ لڳو ته مان مسڪين آهيان ٽڪيٽ جا پئسا ڪون آهن مهرباني ڪري مونکي مدد ڪري ٽڪيٽ وٺي ڏيو. ڪنهن ماڻهو هن کي چيو ته سڄ لٿي جي نماز تي(حرم پاڪ ۾) هڪ مڙس ايندئي ان کي عرض ڪندين ته تنهنجو ڪم ٿي پوندو. پوءِ ان ماڻهو کي سائل چيو ته مان ته ان کي ڪون سڃاڻان. ڀلائي ڪري مونکي اوهو مڙس ڏيکارجانءِ. هن چيس ته مان توکي اهو مڙس ڏيکاريندس پر فرض نماز کانپوءِ جلدي وڃي عرض ڪجانءِ نه ته جلد ئي هليو ويندو. پوءِ ان شخص اشارو ڪيس ته اهو مڙس بيٺو اٿئي. وڃي عرض ڪرينس. سائل مالڪن

کي اچي عرض ڪيو مالڪن چيس تہ ٻاهر نڪرئون تہ تنهنجو ڪم ڪيون ٿا. پوءِ ٻاهر نڪري ٺامي جي سڪي جو ٺڪو ڏنائونس تہ اهو جيڪو سامهون دڪان آهي جتي ٻتي ٻري ٿي اتان وڃي ٺڪي جو تيل وٺي آ. سائل چيو تہ سائين! تيل ڇا ۾ وٺي اچان. پاڻ فرمايائونس تہ دڪاندار توکي ڪنهن شيشي ۾ تيل وجهي ڏيندو. تون وڃ تہ سهي. پوءِ اهو سائل ٻٽي وڪون ڪٽي دڪان تي پهتو. دڪاندار کي چيائين تہ مونکي ٺڪي جو تيل ڪنهن شيشي ۾ وجهي ڏي. سائل جي ڳالهائڻ تي دڪاندار ڏانهس نهاريو تہ ڏٺائين تہ هي تہ اُهو ماڻهو آهي جيڪو اسانجي ڳوٺ جو حج تي ويل هيو. دڪاندار چيس تہ اڙي فلاڻو آهين ڪڏهن حج تان آيو آهين. اتي سائل بہ چڱي طرح خيال ڪري ڏٺو تہ مان تہ پنهنجي ڳوٺ لڪي ۾ بيٺو آهيان. اتي جيڪي ماڻهو بينا هئا تن ڪائنس پڇو تہ تون ڪيئن آئين؟ پوءِ هن سچي حقيقت ڪري ٻڌاين. پوءِ اها ڳالهہ اسان بہ ٻڌي. مان پاڻ صبح جو وڃي ان ماڻهو کان حقيقت پڇي پوءِ مون چيومانس تہ اهو مڙس ڪٿان جو آهي. اها خبر نہ آهي باقي ڏسندس تہ سڃاڻيندس. پوءِ اهو ماڻهو وڏن ڳادين تي ڳولهيندو رهيو آخر مشوري شريف ۾ اچي ان مڙس کي سڃاتائين اسان کي ٻڌايائين تہ اهو سائين صاحب خان مشوري ڳوٺ ۾ آهي جنهن جي درگاه عاليہ حضرت مشوري شريف آهي. تنهن ڪري مان ان جماعت کي ڪجهہ نٿو ڪري سگهان.

**نقل** 171: فقير عبدالقادر انصاري تقي شاه بادہ نقل ٿو ڪري تہ هڪ پيري پنهنجي مسجد ۾ هڪ شخص نماز پڙهڻ آيو نماز کانپوءِ هِن عاجز هُن کي هٿ ڏنو ۽ ڪائنس پڇا ڪيم تہ ڪير آهين؟ ڪٿي وينو آهين؟ جيڪڏهن مسافر آهين تہ ننگر ڪرايانءِ. جواب ۾ چيائين تہ مان سولنگي آهيان. نبي بخش نالو اٿم. هن ڳوٺ تقي شاه مان شادي ڪئي اٿم. ان سان هڪ ننڍڙو ڇوڪر بہ هيو مون ڪائنس پڇو تہ هي نينگر ڇا ٿيئي؟ چيائين تہ هي پٽ آهي پر ڄائو دعا قبلہ حضرت مشورين واري سائين جي سان آهي. مون حقيقت پڇي مانس. بيان ڪري ٻڌايائين تہ مونکي شادي ڪرڻ جو

شوق هيو منهنجي قوم مان هڪ عورت بيوه هئي. ان جي مالڪن ڪان مون ان عورت جي گُهر ڪئي. مالڪن ڏيڻ ڪان انڪار ڪيو پوءِ مونکي هڪ ماڻهو چيو تہ تون درگاه مشوري شريف ڏانهن وڃ. اتان وجي مشورين واري سائين ڪان دعا گهراءِ اچ تہ تنهنجو ڪم ٿيندو. پوءِ مان درگاه شريف تي اچي مالڪن کي عرض ڪيو تہ سائين مونکي شادي جو شوق آهي جيڪا ٻانهن گهران ٿو اُها نٿي ملي. پاڻ فرمايائون تہ شادي ٿيندي مائي جو نالو ڪڻ. مون نالو ٻڌايو تہ نالو شاهل اٿس. پاڻ فرمايائونس تہ متي اولاد لکي پئي آهي شادي ٿيندي مان پيو چوان تہ سائين شادي نہ ٿي ٿئي. وري پاڻ فرمايائونس تہ عورت جي ماءُ جو نالو ڪڻ. مون ٻڌايو تہ بختاور. پاڻ فرمايائونس تہ صابل نٿو چوين. ان جي ڏيءُ شاهل مان اولاد لکيل آهي. مون خيال ڪيو تہ صابل الائي ڪير آهي. پاڻ فرمايائون تہ تون وڃ تنهنجي شادي ضرور ٿيندي. مان ڳوٺ آيس ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي اچي. اوچتو هڪ ڏينهن ٻي ماڻهو منهنجي ڳوٺ آيا اچي چيائون تہ اسان وٽ ٻانهن آهي جيڪڏهن ڪنهن کي کپي تہ وٺي ڏينداسون. پوءِ هنن کي چيو تہ مونکي شادي جو شوق آهي مان ٻانهن وٺندس. هنن چيو تہ ٻانهن بادهہ شهر ۾ تقي شاه محلي ۾ آهي. پوءِ مان تقي شاه محلي ۾ آيس. ٻانهن جو نالو پڇيم ٻڌايائون تہ نالو شاهل اٿس. ماءُ جو نالو صابل اٿس. پوءِ مونکي يقين ٿيو تہ جيڪا عورت شاهل نالي سان سائين پئي چئي اُها ڳالهہ هي آهي. مونکي پاڙيوارن چيو تہ مائي مڙس ڪرڻ نٿي چاهي توکي نہ ملندي. پر جيڪڏهن مونکي ان عورت ڏنو تہ دير نہ ڪيائين جلدي قبول ڪيائين سندس پيءُ سورنهن هزار ورتا. منهنجي شادي ٿي وئي. هڪ پٽ ٻي نياٽي بہ آهي. نبي بخش سولنگي ڪندي واهہ جي پرسان آرڙ ڊنڊ تي ويٺو آهي ۽ هن وقت تقي شاه محلي ۾ رهي ٿو.

**نقل**172: فقير عبدالقادر انصاري تقي شاه بادهہ نقل ٿو ڪري تہ هڪ ڀيري درگاه شريف تي سائين سخي نالي مني جي جاءِ جو ڪم پيا ڪريون. جڳهہ جي وچ ۾ هڪ وڏو موڪرو هال هيو جنهن لاءِ ضامن ڪپندو هيو. ان

ڪري سڪر مان حاجي علي دوست فقير گاڏر وٺي آيو. پر ماپ ۾ چاڙهاڪو نہ لکيائين هال جي اندران اندر ماپ ڪري وٺي آيو. جڏهن گاڏر مٿي چاڙهيو سين گاڏر گٽي پيو ڪاريگر هڪ اوستو جان محمد مستوئي ۽ ٻيو حاجي محمد الياس هيو. اها ڳالهہ مالڪن ڪريمن کي ڪئي سون. پاڻ هال وٽ پهتا ۽ اوستي جان محمد کي فرمايائون تہ اوستا جان محمد ڏور کي وٺ چڙهاڪي سميت ماپ ڪريون. فرمايائونس تہ هاڻي گاڏر تي ڏور رک. سڀ ڪنهن ڏٺو. گاڏر وڌي پيو چڙهاڪو بہ وٺي ويو. پوءِ گاڏر مٿي چاڙهيوسين.

**نقل** 173: فقير عبدالقادر انصاري تقي شاه بابہ نقل ٿو ڪري تہ شيعي سني جي فساد ۾ اسين چوڏهٺ ماڻهو جماعت جا لاڙڪاڻي سينٽرل جيل ۾ اندر هياسين. جنوري مهينو هيو. اٽڪل پنجويهہ تاريخ جنوري جي هئي. ان رات تمام گهڻو سيءُ هيو. جيل جا دروازا شيخن سان هيا. طاق وغيره ڪونہ هين. باريڪ وڏي ڪليل هئي. اسان کي هڪ هڪ ڪٽو مليل هيو. ٿڌ تمام گهڻي هئي. سڀ فقير سيءُ ۾ ٽٽڪؤن پيا. هن عاجز مالڪن کي دل ۾ عرض ڪيو تہ سائين هن مسڪين جماعت جي پارت اٿئو. ڪٽو مٿان منهن تي وجهي سمهيس سيءُ ۾ ڏڪان پيو اٽڪل ڏهہ پندرنهن منٽن ڪانپوءِ ايئن معلوم ٿيو تہ مٿان ڪنهن ڪمبل وڌو ۽ سيءُ هٽي ويو. هن عاجز خيال ڪيو تہ منهنجي مٿان ڪنهن ڪمبل وڌو. منهن تان ڪٽو لاٿم ڏٺم تہ مٿان تہ ڪجهہ بہ نہ آهي پر سيءُ هٽي ويو. پوءِ صبح جو پنهنجي سنگت سان ڳالهہ ڪيم تہ اتي ٻين بہ ٽن فقيرن بہ أها ڳالهہ ڪئي تہ اسان سان بہ اها مهرباني ٿي آهي. اتي هڪ فقير مالڪن جي محبت وارو نالي بڊل ساريو ڳالهہ ڪئي تہ مان پاڻ سيءُ ۾ ڏڪان پيو تہ ايئن سمجهيم تہ مٿان ڪنهن ڪمبل وڌو ۽ سيءُ هٽي ويو. پوءِ ڏٺم تہ سائين مالڪ ڪريم آيا آهن ۽ فرمايائون تہ فقير دلگير نہ ٿيو. توهان ٻاهر جلد ضامن تي نڪرندؤ. تنهنجو نانو گاهي فقير روئي ٿو پيو. أتي ان کي دلجاءِ ڏي تہ ڳڻتي نہ ڪر. جلد ئي پنهنجي ٻچن سان ملندو. پوءِ مان ناني کي أتي ڏٺم تہ برابر روئي پيو ۽ سُڏڪا پيو ڀري

پوءِ مان ان کي سچي ڳالهه ڪئي ۽ دلجاءِ ڏني مانس. ان ساڳئي هفتي ۾ ٻئين ٽئين ڏينهن اسان جي ضمانت ٿي. سڀ فقير ٻاهر نڪري آياسين. ڪيس اٺويهه سال هليو. پوين ٻن سالن ۾ جج شيعي مذهب جو تمام تعصبي هيو ڪيس سختي سان پيو هلائي جيڪو فقير سڏ ڪان پنج منٽ پوءِ پيو اچي ان جو ضامن ماري جيل ۾ اماڻي پيو. شاهدن شاهديون ٻه پري ڏنيون. گهڻا فقير دلگير ٿي پيا. آخر فتوىٰ واري ڏينهن کان ٽي ڏينهن اڳ هن عاجز کي مالڪ ڪريم خواب ۾ آيا ۽ دلجاءِ ڏنائون ته ڪنهن کي ٻه سزا نه ملندي. ڳڻتي نه ڪيو. نظارو ٻه ائين ڏيکاريو ويو جيئن فتوىٰ واري ڏينهن ڏٺم. ته ڪورٽ ۾ آهيان جج سيني جوابدارن کي ڇڏي ڏنو آهي جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿيس ڏاڍي خوشي ٿي. ڏينهن جو شام تي سائين محمد راشد سائين، سائين منو سائين جو وڏو نينگر ٻاڊهه شهر ۾ مليو مون کان پڇيائين ته ماستر حاضري ڪڏهن اٿو؟ جج ڇا ٿو چوي؟ هن عاجز عرض ڪيو ته قبلا سائين! جج تمام تعصبي ڪٽر شيعو آهي. ڏاڍي سختي ٿو رکي پر مالڪن جي آسري پاڻ کي ڪابہ ڳڻتي ڪانهي. باقي گهڻا فقير سُست ٿي پيا آهن. پاڻ فرمايائون ته فقير! مالڪ ڪريم ڪم ٻه ان شيعي کان وننداٰ. ڪنهن کي ٻه سزا نه ڏيندو. آخر ربيع الاول سن1421ھ پهرين تاريخ ڏينهن سومر جي تي آخري حاضري هئي هي فقير پنهنجي سنگت کي چوي پيو ته فقير ڳڻتي نه ڪيو ڪجهه ٻه نه ٿيندو. پوءِ سيني کي سڏ ٿيو. حاضري جج پاڻ پري. نالا پاڻ پوڪاريائين پوءِ سيني کان پڇا ڪيائين ته توهان ماڻهو ڇو ماريا هيا. اسان جواب ۾ چيو ته اسان نه ماريا آهن پوءِ ڪلمون شريف پڙهايائين بعد ۾ چيائين چڱو هاڻي سيئي وڃو. ڪورٽ انصاف ڪري توهان کي ڇڏي ڏنو. دعا ڪجو. پوءِ سڀ فقير ٻاهر نڪري خوشيون ڪندا هليا ويا. هي عاجز هڪڙو ڪوڙو فقير ۽ تاج محمد ڀيڻي ٽئي ڄڻا سڌو درگاه شريف تي آياسين. شڪراني جا نفل پڙهياسين. مالڪن ڪريمن جي دربار ۾ شڪرانہ ادا ڪيا سين بعد ۾ گهر آياسين.

هي جيڪي بہ هن عاجز نقل بيان ڪيا آهن سي الله پاڪ کي حاضر ناظر ڄاڻي بيان ڪيا اٿم. ڪوڙ نہ ڳالهايو اٿم.

**نقل** 174: فقير نياز محمد عباسي ولد نيڪ محمد عباسي خيرپور جو نقل ٿو ڪري تہ منهنجي شادي سائين بادشاهن ڪريمن پنهنجن هٿن مبارڪن سان ڪرائي هئي. هي پنجاهہ سال پراڻي ڳالهہ آهي. شادي کانپوءِ مسلسل چار نياڻيون ٿيون پر پٽ جو اولاد نہ هيو. پريشان هيس سائين بادشاهن ڪريمن کي عرض ڪيم تہ هڪ پٽ جي مهرباني ٿئي. دعا فرمايو. پاڻ فرمايائون تہ هڪ نہ پر بہ ان کان پوءِ پاڻ ڪريمن فرمايو تہ پٽ ڄمندو ۽ نالو رکجو حامد. جڏهن پٽ ڄائو عرض ڪيم تہ سائين جي دعا سان پٽ ڄائو آهي پاڻ نالو حامد ڏسيو هئائون. عرض ڪيم تہ سائين پورو نالو ڇا رکون؟ پاڻ زور ڏئي فرمايائون "حامد علي" ۽ جڏهن سائين جن جي دعا سان ٻيو پٽ ڄائو ۽ عرض رکيم تہ سائين ان نئين ڄاول پٽ جي بچڻ جي اميد نہ آهي دعا ڪيو ۽ نالي رکڻ جي مهرباني ڪيو. پاڻ فرمائن تہ " عبدالحئي" هاڻي سائين جن جي مهرباني سان عبدالحئي کي هڪ پٽ ۽ بہ نياڻيون آهن.

**نقل** 175: فقير جان محمد ابڙو نقل ٿو ڪري تہ اڳ ۾ مونکي ڇڻ جو ڏاڍو سور پوندو هيو. پوءِ هڪڙي دفعي ڏاڍو مونکي تنگ ڪيائين مان بي هوش هيس. پوءِ جنهن مهل سور ڇڏيو. ٿورڙو اجان هلڻ ٺي نہ پيو ڏئي تہ مان درگاهہ شريف تي آيس. اٺ ڏينهن رهي پيس. پوءِ پنهنجي مرشد مشورين وارا سائين جن کي عرض ڪيم تہ قبلا مونکي ڇڻ جي سور ڏاڍو تنگ ڪيو آهي نعت خواني ڪرڻ بہ نٿو ڏئي. ايئن اٺ ڏينهن گذري ويا. عرض ڪندي ڪندي. آخر هڪڙي ڏينهن سائين بادشاهہ اشراق پڙهي واهہ جي پرينءَ ۾ وڃن پيا منهنجي نظر پئي تہ سائين جن واهہ ٽپي ويندا پوءِ واهہ ٽپڻ کان اڳ سائين کي پهتس. قدمن تي ڪري پيس. پاڻ فرمايائون تہ ابا ايترو ڇو ٿو روئين؟ مان ڳچيءَ ۾ ڳارو ڪري عرض ڪيم قبلا! مونکي سور ڏاڍو تنگ ڪيو آهي. عرض منهنجو هڪڙو آهي تہ يا نعت مني اٺئي يا بيماري.


ذکر اذکار